پرين پنڌ ڪندياس



علي گل سانگي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

پيرين پنڌ ڪندياس

(شاعري)

ڪافيون ۽ بيت

علي گل "سانگي"

"گل حيات" انسٽيٽيوٽ پبليڪيشن
هير محمد آريجا
لاڙڪاڻو

هي
ڪتاب
صدام گل "سانگي"
"گل حيات" انسٽيٽيوٽ
پاران
"پيرو ۽ پينگهه"
۽
"ڪنڌيءَ نسريا ڪانهه"
ڪان پوءِ
هي ٽيون ڪتاب
"پيرين پنڌ ڪندياس"
ڊسمبر ١٩٩٥ع ۾
مديني آفسيٽ پريس
مان ڇپائي
پڌرو ڪيو

ملهه ١٢٠ روپيه

ڪمپوزنگ: امتياز علي 'شيخ' ، پيسٽنگ: قمر گهانگهرو
پروفنگ: امير بخش پٺاڻ
سهڪار: يوسف باقدر جده سعودي عرب
فوٽو گرافي: هادي بخش سانگي

فهرست

مهاڳ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ٧

ناشر : ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ١٧

سڪ ناھہ سٽري: علي گل سانگي ٢١

پنڌ مڙيوئي پيہ جو: ڊاڪٽر بدر اُجڻ ٢٧

ڪافيون: ٣٣

بيت ١٨٩

ملڻ جو هنڌ:

شاهه لطيف ڪتاب گهر حيدرآباد
نيشنل بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
جاويد بڪ ڊپو پراڻو ٽڪيٽ گهر لاڙڪاڻو
رابيل بڪ اسٽال نزد المنظر سئنيما لاڙڪاڻو

رابطي لاءِ:

علي گل "سانگي" سومرو
لاڙڪاڻو فون: ۴۲۲۲۴
ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
"گل حيات" انسٽيٽيوٽ خير محمد آريجا
ڊوڪري لاڙڪاڻو
فون آريجا: ۱۱

ارپنا:

ابي امڙ جي نانءُ



(مرحوم) روشن علي "سانگي" (دودائي)
علي گُل "سانگي" جو والد بزرگوار

بابو سائين روشن علي خان سانگي لاڙڪاڻي ضلعي جو وچولو زميندار هو ٻه سو جريب زمين هئس. جنهن جو ڪجهه حصو پاڻ سيري ڪرائيندو هو ٻه جوڙا هاري ڏاند هئس جو وندي؛ تي همراهه بيهاري جنهن ۾ خاص ڀيلي چاچو فيض علي سانگي ۽ چاچو گلڻ سانگي هئا جن جي مدد سان پنهنجي زمين مان سارين جي فـــصل ڪي وڌ ۾ وڌ اپائڻ جي ڪوشش ڪئي تنهن وقت ۾ ڳاڙها سگداسي ۽ ڪنگڻي ٻج هئا ان ڪان علاوه پلوڙ ڏاند ڌاري ڳوٺن پچائڻ جو گهڻو شوق هو دودائي مقام ڪان اوپر پاسي چارا نهرايا هئائين، هر هفتي ڏاندن جون گڏيون پچنديون هيون عيد برات تي ته ميلا مچي ويندا هئا.

پنهنجي خاص چڙهڻ لاء هڪ ڀلي گهوڙي ڌاريل هئي جو بابي سائين جي شهيد ٿيڻ ڪان پوء تي ڏينهن گهوڙيء گاهه نه کاڌو ۽ ڪيترا ڏينهن اکين مان پاڻي وهندو رهيس جيڪو نئيڙائپ ۾ اسان اکين سان ڏٺو اهيو منظر بيٺل ڀيلي چاچي گلڻ ڏيکاريو جيڪو گهوڙيء جو خاص خدمتگار هو. بابو ان گهوڙي تي سوار ٿي ڀري پري رياست خيرپور تائين جهڙوڪ ماسڙ محمد عالم شاهاڻي وڏيرو ڪريم بخش کهڙو بادلاڻي، چاچو شاهن تارڙ سونو خان پٽي ۽ ٻين دوستن وٽ گهمڻ ويندو هو. اڳلا ماڻهو ياري دوستيء جا پڪا هوندا هئا هڪ ٻئي وٽ اچي راتيون ٽڪي محبت جا مزا ماڻيندا هئا سڄي رات ريهي ڪچهريون ڪندا هئا توڙي ان وقت پڪا رستا بسون وغيره ۽ سواريون ڪونه هيون. گهوڙن بيل گاڏين ۽ پيرين پنڌ پري ڪان اچي محبتون ڪندا هيا. بابو سائين ڳوٺ ۾ سٽڪ مٿان جيڪو هاڻي وڏو روڊ آهي هر هفتي رانديون ڪرائيندو هو. جهڙوڪ ڪوڏي ڪوڏي، ملهه ونجهه وٽي وغيره. جنهن ۾ پاڙيسري ڳوٺن وارا ماڻهو اچي حصو وٺندا هئا. ۽ پنهنجي نم واري اوطاق ۾ جنهن جو خدمتگار چاچو لعل بخش پٽي هو. هميشه صوفي فقير ايندا هئا ۽ را ڳ رنگ جون محفليون ڄمائيندا هئا جنهن ۾ غوث بخش فقير سانگي خاص هوندو هو. جيڪي چتل فقير سانگي عثمان فقير سانگي ۽ بابي سائين جا ڪلام ڳائيندا هئا بابو سائين سنڌي لباس پٽڪي ٻڌڻ ۾ سڄي ضلعي ۾ نمبر پهريون هو. ١٩٦٣ع سال ۾ غالب نگر لاڙڪاڻي ۾ نمائش لڳي تڏهن غالب نگر پڙرو هو بابو سائين به گهوڙيءَ تي سوار ٿي ويو جنهن ۾ بابي سائين کي پنهنجي سونهن ۽ پٽڪي ٻڌڻ تي انعام مليو، بابو سائين شاعري به ڪندو هو، سندس وفات کان پوء ڪجهه حصو مون کي هٿ آيو، جيڪو مان به ٻالڪپڻ ۾ نه سنڀالي سگهيس، گم ٿي ويو يا ڦاٽي ڦٽي ويو.

بابي سائين جي ڄمڻ جي تاريخ ١٥ مارچ ١٩٢٠ع، ٢٣ جمادي الثاني ١٣٣٨هه
وفات ٩ مئي ١٩٦٤ع "ڇنڇر" ٢٦ ذوالحج ١٣٨٣هه وقت: ١٢ بجه منجهند

علي گل "سانگي" (دودائي)

مهاڳ

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئين شاعري وجود ۾ آئي آهي، جنهن ڪيسٽن ذريعي عوام ۾ بيحد مقبوليت حاصل ڪئي آهي. اهڙيءَ ذات جو ذڪر محترم علي گل سانگي آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ عام ماڻهن جي ڳالهه عام ماڻهن جي زبان ۾ ڪئي آهي. انهيءَ ڪري سندس شاعريءَ ۾ عام ماڻهن جا سادا سودا جذبا، ارمان، خواهشون، امنگون، تمنائون ۽ اميدون عام فهم زبان ۾ سڪ ۽ سلوڻي انداز ۾ بيان ٿيل آهن. مشهور ڳائڻن سندس گيت، وايون ۽ ڪافيون ڳايون آهن ۽ عام ماڻهن انکي پسند ڪيو ۽ ساراهيو آهي.

محترم علي گل سانگيءَ جي شاعري ڪيسٽن ۾ ته محفوظ آهي، پر ڪتابي صورت ۾ به ڇپي آهي. سندس ڪلام جو پهريون مجموعو "پپر ۾ پينگهه" آگسٽ ١٩٩٢ع ۾ ۽ ٻيو مجموعو "ڪنڌيءَ نسريا ڪانهه" جنوري ١٩٩٤ع ۾ ڇپيو. فني لحاظ کان سندس شعر نعتن، بيتن وائين، غزلن، گيتن ۽ ڪافين تي مشتمل آهن. سندس ڪلام جو مضمون گهڻي قدر عاشقانه آهي. "پپر ۾ پينگهه" ۾ هن نعتن ۾ پاڪ سڳورن جي شان ۽ صفت به بيان ڪئي آهي، ۽ پنهنجي وطن سنڌ سان ۽ وطن وارن سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. حمد باري تعاليٰ ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

آهي خدا جي نعمت، خلقي آ جنهن خدائي،
ڪيڏي نه آ اسان لاءِ سج چنڊ جي چٽائي،

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي صفت بيان ڪندي چوي ٿو.

هُتِ عرش تي به حوران حيران ٿي ويون، افلاڪ تي فرشتن صلواتون پئي چيون،
هيو راز رب جو ڪهڙو، ڪهڙو چئي چوان،

ٻي هنڌ چوي ٿو:

سج ۾ به تنهنجو سائين، نروار نور آهي
هر گل ۾ رنگ تنهنجو ظاهر ظهور آهي،
سچ آ گلابي گل ۾ لالاڻ تنهنجي آهي.

رواني، سلامت، موسيقيت سادگي ۽ سونهن علي گل جي شاعريءَ جون خاص خوبيون آهن. هن اها ٻولي ڪتب آندي آهي، جيڪا عام ماڻهو ڳالهائن ٿا، جنهن ڪري ماڻهو سندس شاعريءَ مان پوريءَ طرح حظ حاصل ڪن ٿا. هرهڪ

ماڻهو اڻين سمجهي ٿو ته هن سندن دل جي ڳالهه ڪئي آهي. علي گل جي شاعري سڌي ۽ سولي شاعري آهي، جنهن ۾ اٽڪل، اشاريت ۽ استعاريت رڪيل ڪونهي. سندس شاعري قافيه، پيماني عروض يا ڇندوديا جي اصولن جي سخت پابندڪونهي، ڇاڪاڻ جو اهڙي پابند شاعري تصنع جو شڪار رهي آهي. ۽ عام ماڻهن جي ذهني سطح مطابق نه آهي. علي گل پنهنجي ڪلام ۾ موسيقيت مطابق موزونيت پيدا ڪئي آهي ۽ غزل کي نئين جوڙ جڪ ڏني آهي. اهوئي سبب آهي، جو سندس ڪلام ۾ جدت ۽ انفراديت آهي. هو ڪنهن شاعر جومڪمل تتبع نه ٿو ڪري.

علي گل جا ٻني ڇپيل مجموعا منهنجي سامهون آهن مون کي ڪتاب "ڪنڌيءَ نسريا ڪانهه" ۾ سندس شعر ۾ فن توڙي مضمون جي لحاظ کان ڪيترائي سهڻا نمونا نظر آيا آهن. سندس وائين توڙي گيتن ۾ ورائي وارا فقرا ڏاڍا پيارا آهن. انهن ۾ رواني آهي، ميناج آهي، پيارن ۽ مٺڙن لفظن جي سهڻي سٽا آهي، درد، جذبو، سڪ ۽ سونهن سمايل آهي. نموني طور ڪجهه ورائيون هيٺ ڏجن ٿيون.

"آهي ڇٽ ڀڳي" "سَر نسريون ٻوڙو" "پير پري آءُ پير" "مان گيت پيو لکندس"

"منهنجي مارن کي" "ڏاڍي سڪ لڳي آ" "عمر موڪل ڏي" "پورن پٺن تي"

"جهانگن جهول پريا" "سهڻا سانگيڙا"

اهڙيون ٻيون ٻه ڪيتريون ورائيون آهن جيڪي طوالت جي خوف کان نٿيون ڏجن مٿين فقرن وارين وائين جا مصرعا ٻه ڏئي نه ٿا سگهجن. البت هڪ وائيءَ مان نموني طور ٻه بند ڏجن ٿا:

نسريو ڪانهن ڪنار تي، هيل ته موٽي آءُ،

مندون موٽيون تون نه موٽين، پنهنجي قول قرار تي، هيل ته موٽي آءُ،

ٻڙ جي هيٺان بيٺڪ پنهنجي، ٿڌڙي ڇڙ ٿڌڪار تي، هيل ته موٽي آءُ.

ڪن وائين ۾ هر مصرع جي پويان ساڳيو فقرو ورائي طور نه ٿو اچي ۾ جدا جدا ورائيون آهن، جيڪي پاڻ ۾ هم قافيه آهن هڪ وائيءَ مان نمونو ڏجي ٿو:

آيو موٽي ساوڻ آيو، هينئڙي آيا هل،

جهول پريا مون جاني تولاءِ، ڳاڙها ڳاڙها گل.

ڪانهن جو ٻوڙو ننڍو ۽ ڪانو سنهو ٿيندو آهي سر جو ٻوڙو وڏو ۽ ڪانو ٿلهو ٿيندو آهي، هيٺين بيتن ۾ شاهه صاحب درياءَ تي بيٺل ٻوڙي جو ذڪر ڪيو آهي.

ٻڌندي ٻوڙن کي ڪي هاٿڪ هٿ وجهن،

پسو لڄ لطيف چي، ڪيڏي کي ڪکن،

توٽي ڪنڌي ڪن، ناته ساڻن وڃن سر ۾.

محترم علي گل جي ٻنهي مجموعي جو نالو "ڪنڊي نسريا ڪانهن" آهي هن جي واين ۾ڪنڊي ۾ ڪانهن جي نسرڻ ۽ ٻوڙي جي نسرڻ جي حوالي سان وڇوڙي جا ورلاپ آهن.

چوي ٿو:

ڪنڊيءَ نسريا ڪانهن...... الوميان، ڪنڊيءَ نسريا ڪانهن

ڪوئل جي ٻنهي ڪوڪ ڪن ٿي، درديلي ڪا دانهن .... الو ميان

ڪنڊيءَ نسري ڪانهن

ڪن وائين ۾ ٻوڙي جو ذڪر ٻه ملي ٿو هڪ وائيءَ ۾ واهه تي ٻوڙي جي نسرڻ ڪاني، تي ڪٽڇي جي ويهڻ ۽ چٽ پڃڻ جو ذڪر ڪيو اٿس.

ٻوڙو نسريو واهه تي، آهي چٽ پڃي،

ڪٽڇي ويٺي ڪاني تي آ، قرب واري ڪاهه تي، آهي چٽ پڃي،

ڪلهي تي اوڇڻ اوڻيل ڏاتو، ڳاهي هليا ڳاهه تي، آهي چٽ پڃي.

ٻوڙو ٻن قسمن جو ٿيندو آهي سچو ۽ ڪوڙو. ٻوڙن مان سر ڪيي، انهن مان واڻ وٽيو ويندو آهي سچي ٻوڙي وارو واڻ نرم ۽ مضبوط ٿيندو آهي، ۽ ڪوڙي ڪاني وارو واڻ ڪجهه ڪسو ٿيندو آهي.هڪ وائي سچي ۽ ڪوڙي سَر، ۽ عورت جي واڻ وٽڻ جي ڳالهه هن طرح ڪئي اٿس.

سر نسريو ٻوڙو، سچو ۽ ڪوڙو

واڻ وٽي ٿي، ٻانهن ۾ پائي، چانديءَ جو چوڙو،

سر نسريو ٻوڙو.

هن مان معلوم ٿيندو ته هن شاهه صاحب وارا لفظ ضرور ڪنيا آهن پر سندس انداز بيان منفرد آهي جيڪو سندس ذاتي مشاهدي تي ٻڌل آهي اهڙيءَ طرح هن پنهنجي آس پاس جي ماحول، نظارن، رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڏڻن جو ذڪر پنهنجي ذاتي مشاهدي جي بنياد تي حقيقت پسندانه طور ڪيو آهي. لفظ ٻه اهي ڪتب آندا اٿس، جيڪي عام ماڻهو ڪتب آڻيندا آهن ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا. ٻيرن جي هيٺ ڪري پوڻ کي ٻير چڻڻ چئبو آهي سانگي چوي ٿو:

ميڙيان ويٺي جهول پري ٿي، ٻير چڻڻ ٿا ڊير،

ٻير پري آهه ٻير.

سري جي محاوري ۾ "ڇاڪڻون" بدران ڇاڪان چيو ويندو آهي ۽ گهڻا ڏينهن وڻي وڃهڻ کي "ڏينهن لاٿا" چيو ويندو آهي. سانگي "ڇاڪان" ۽ "ڏينهن لاٿا" ڪتب آڻي ٿو چوي ٿو:

ڏينهن لاٿا ٿي ڏاڍا ڇاڪان، هاڻي نه ڪر تون اوير،

پير پري آهُ پير ، پير پري آهُ پير.

پپل جي پن ڇاٽڻ جو بيان هن طرح آندو اٿس.

پپل ڇاٽيا پن، موٽ ڪيو ڪامَن

ساهہ کي ساروٽيون.

تشبيهون ۽ تمثيلون بہ پنهنجي ماحول مان ورتيون اٿس. ڪي ڪي تہ ڏاڍيون انوکيون نراليون ۽ نيون تشبيهون آهن. هيٺين شعر ۾ ڪٽڪ جي اٽي جي ڳوهجڻ جي تشبيهہ ڪم آندي اٿس:

ڪٽڪ اٽي جيان منهنجو سينو

ڳوهي، وٺي آمن... ڪا سانوري

هيٺين بند ۾ فقرو "پاڻي ملندي پيڻ" ڏاڍو پيارو لڳو:

ڪنجي ويندا قيد هي سارا

پاڻي ملندي پيڻ ..... الو ميان.

غزلن ۾ بہ ڪنڌي تي ڪانهن جي نسرڻ جو ذڪر ملي ٿو هڪ هنڌ چوي ٿو:

ڪانهن ڪنڌيءَ تي نسريا آهن،

اوسيڙا وري اسريا آهن.

ٻي هنڌ چوي ٿو.

ڪانهن ڪنڌي تي،، سنڌو ننديءَ تي.

سر نسري سنگ ڪيندا آهن جيڪي اڇا ٿيندا آهن.

چانديءَ جهڙا رنگ، سر نسري ٿيا سنگ

ٻوڙن مان سر ڪهي، انهن کي ڪُٽيو ويندو آهي. انهن ڪُٽيل سرن کي مُڃ چٽبو آهي، جنهن مان وري واڻ وٽيو ويندو آهي. سانگي اها ڳالهہ هن طرح ڪري ٿو.

ڪٽمي ڪاري مڃ پيچي پيا،

واڻ وٽڻ ۽ ونگ

جڏهن واهن ۾ پاڻي وهي ايندو آهي، تہ ڪانوَ ۽ ٻيا پکي، واهہ جي ڪنڌيءَ تي ويهي پاڻي پيئندا آهن. اهو نظارو ڏاڍو من موهيندڙ هوندو آهي. سانگي اهو نظارو هن طرح بيان ڪري ٿو.

پاڻي ڏسي هو پيار سان آيا

ڪلندا ڪنگ.

علي گل جي ڳوٺ دودائيءَ جي آس پاس زيتون،ڪجيون، ٻيريون انب سنجهيون، ٿميون، سرينهہ،ٻڙ، ٻيھ،ليسوڙي، ٻهر ۽ ٻيا وڻ آهن سندس شعر ۾ انهن وڻن ۽ ميون جو ذڪر بہ ملي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هن جيڪوڏنو وائنو

آهي، اهو بيان ڪيو اٿس، ۽ انهيءَ پس منظر ۾ پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪيون اٿس، جيڪي بلاشبهه عام ماڻهن جي دل جو ڳالهيون آهن. هن مصرع ۾ ڪارڪن پڇڻ جي حوالي سان وڇوڙي جا ورلاپ ڪيا اٿس:

هيلوڪيون پکيون وري ڪارڪون، پرين نه آئين تون پراڪون.

وري انبن جي ٻور سان هي ٻول:

ٻور انبن ۾ خوشبوءِ پيارا. آءِ اڏامي جيءَ جيارا

سانگي سونهن جو شاعر آهي. هن سونهن جي ساراهه عوامي انداز ۾ ڪئي آهي، ۽ وڇوڙي ۽ وصال جو ذڪر دلگداز انداز ۾ ڪيو آهي. هڪ بيت ۾ عشق کي شينهن جي گجڻ سان ڀيٽ ڏني دل جي درد جو احوال بيان ڪيو آهي، ۽ اکين مان آب وهڻ کي ساوڻ جي مينهن سان ڀيٽ ڏني آهي.

ٿو وهي آب اکين مان جيئن ساوڻ وارو مينهن،
علي گل چوي عشق ائين، جيئن گجي وينو شينهن،
تيئن تنهنجو نينهن، هٿي نعرا ٿو نروار ٿئي.

وڇوڙي جون گهڙيون گهارڻ ڏاڍيون ڏکيون هونديون آهن. سانگي انهيءَ ڪيفيت کي هڪ بيت ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو:

نٿي ڪٽي رات، نٿي اچي ننڊ،
سانگي چوي سورن جا، نٿا سانڍجن سمنڊ،
تنهنجي چانڊوڪي چنڊ، ٿي ويتر جهوري جيءَ کي.

هن بيت ۾ وري چنڊ کي مخاطب آهي، ته ايستائين تون نه لهه، جيستائين منهنجو پرين نه اچي:

لهه چنڊ نه تون تيتر، پرين منهنجو اچي جيتر،

"جيتر" ۽ "تيتر" سريلي محاوري جا لفظ آهن، جيڪي "جيستائين" ۽ "تيستائين" جي بدران ڪم اچن ٿا. غزل جي هڪ بيت ۾ برهه جي حالت هن طرح بيان ڪئي اٿس:

باهه بدن کي، بک برهه جي...... اچ لڳي آ جڻ جڻ ڏاڍي.

جڏهن مڇي ڦاسائبي آهي ته ڪنڍيءَ ۾ سانپا ڪيئان وجهبا آهن، جيڪي مڇي ڏاڍي شوق سان کائيندي ۽ ڪنڍيءَ ۾ ڦاسي پوندي آهي. ان کي "چڳڻ" چيو ويندو آهي. ٻيو چار وسيلي مڇيءَ کي ڦاسائبو آهي. سانگي پنهنجي پرين کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته توبه مون کي ائين ڦاسايو آهي:

چوڻ چاهه سان ڏئي، تو ورائي وڌو
مان مڇي تون ملاح، تو ڦاسائي وڌو.

چو اهڙو ظلم جو تو اڏيو آهي ڇار.

اهڙيءَ طرح ڪٿي ڪانگ کي نياپو پهچائيندڙ، پونور کي گلڙن جي واس وٺندڙ ۽ پتنگ کي شمع تي قربان ٿيندڙ، ڪونجن کي قطارن ۾ هلندڙ، ۽ چڪور چنڊ جو عاشق جي حيثيت ۾ ذڪر ملي ٿو. ڪونجن جي قطار ۾ هلڻ جو ذڪر ڪري محبوب کي چوي ٿو.

ڪونجان ڏسن ڪيئن قطارن ۾، رليون ٿيون روح رهاڻيون ڪن،

عمر ۾ ساٿ ڏئي اهڙو گذارين ته خوش هوندين.

بهرحال محترم علي گل جي پهرين ٻن مجموعن "پپر ۾ پينگهه" ۽ "ڪنڌي نسريا ڪانهه" جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ته علي گل عاشقانه جذبا عوامي زبان ۾ بيان ڪيا آهن، جنهن ڪري عوام سندس ڳايل ڪلام کي پسند ڪريٿو ۽ ان کي پنهنجي جذبن ۽ امنگن جي ترجماني سمجهي ٿو. نه فقط ايترو ۾ سندس شعر ۾سپڪ سلوڻي ۽ سولي ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. سندس شعر ۾ جيڪي تمثيلون ۽ تشبيهون آنديون ويون آهن اهي ماحول مان ڪنيون ويون آهن. ۽ ماحول جي پس منظر ۾ مشاهدي ۽ عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي حوالي سان دل جون ڳالهيون ڪيون آهن. مطلب ته سندس شعر سنڌي ثقافت جي ترجماني ڪندڙ آهي.

هي عوامي شاعر علي گل سانگيءَ جو ٽيون مجموعو آهي، جنهنجو مهاڳ لکي رهيو آهيان. جنهن ۾ڪافيون ۽ بيت آهن، ڪافي، عوام جي مقبول صنف آهي، جنهن ۾ عوام جي عشقيه ۽روحاني جذبات جي ترجماني هوندي آهي، صوفي شاعرن پنهنجو روحاني پيغام هن صنف ذريعي عوام تائين پهچايو آهي. ان سان گڏ حسن و عشق جو ذڪر به ڪافي ۾ ملي ٿو. شاعرن سنڌ جي رومانوي داستان جهڙوڪ، سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي جي تمثيل ۾ پنهنجا عشقيه جذبات ۽ روحاني ڪيفيتون بيان ڪيون آهن.

ڪافيءَ جي نالي ٻڌ بابت جدا جدا رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته ڪافي موسيقي جي هڪ ٺاٺ مان نڪتل راڳ جو نالو آهي. هڪ صاحب جو چوڻ آهي ته ڪافي فارسي موسيقي جي چاليهن گوشي جو نالو آهي، ڪن صاحبن جو چوڻ آهي ته هي لفظ قافيه جي جمع "قوافي" کان جڙيل آهي. هڪ صاحب جو چوڻ آهي ته ڪافي الله تعاليٰ جو هڪ نالو آهي. جيئن ته ڪافين ۾ اڪثر توحيد جو بيان هوندو آهي انهيءَ ڪري تعظيم طور الله تعاليٰ جي پنيان سڏجن ۾ آئي. هڪ صاحب وري لکيو آهي ته دعا "چهل ڪاف" تان ورتل آهي. جنهن ۾ گهڻا "ڪاف" آيل آهن. ڪن وري اهو لفظ مختلف عربي لفظن مان نڪتل ڏيکاريو آهي،

جهڙوڪ ڪن- دق، استڪف خيرات وٺڻ يا گهرڻ يا هٿ ڊگهيرڻ، ڪف ساهميءَ جا ٻه پڙ هڪ صاحب وري ان کي فارسي "ڪافتن" ڪوٺڻ مان نڪتل ڄاڻايو آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن ڇڪي تاڻي پنهنجي مرضيءَ موجب بنياد ڪڍيو آهي. ڪافي جيئن ته ڳائڻ لاءِ آهي انهيءَ ڪري اهو وڌيڪ صحيح ٿيندو ته اهو لفظ موسيقي تان ورتو ويو آهي.

ڪافي ۽ وائي جي فني سٽا کي نظر ۾ رکي ڪن خيال ڄاڻايو آهي ته وائي ۽ ڪافي هڪ شيءِ جا ٻه نالا آهن. ڪن جو خيال آهي ته وائي ۽ ڪافي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جون جدا جدا صنفون آهن. فني سٽا جي خيال کان ڪافي جا جدا جدا قسم يا گهاڙيٽا آهن، جهڙوڪ، تڪي، ڏيڍي، ٻه ٽيپي، يا ٻيٽي، ٻيٽي ڏيڍي، ٽيٽي، ڇٽوٽي، جهوٽو ڪافي وغيره هنن تي اهي نالا بندن جي سٽن جي تعداد مطابق پيل آهن.

قديم دور جو شاعرن ۾ ڪلهوڙا دور جي ميان صاحبڏني فاروقي درازا شريف واري جو نالو نمايان نظر اچي ٿو. ڪافي پنجاب ۽ ملتان ۾ به عام هئي. پنجابي زبان ۾ سڀ کان پهريائين، شاهه حسين جون ڪافيون مليون آهن. جيڪو لاهور ۾ ٩٤٥هه ۾ تولد ٿيو. پنجابي زبان جو ٻيو باڪمال شاعر بلهاشاهه (وفات ١٧٨٥ع) آهي جيڪو شاهه لطيف ۽ ميان صاحبڏني فاروقيءَ جو همعصر آهي. سنڌس ڪافيون سنڌ ۾ مشهور آهن. سرائيڪي زبان جو باڪمال شاعر حضرت خواجه غلام فريد آهي جيڪو انگريزن جي شروعاتي دور جو وڏو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌس ڪافيون سنڌ ۾ تمام گهڻو مشهور ۽ مقبول آهن.

حضرت سچل سرمست سنڌي ڪافيءَ کي وڏي وسعت ڏني ۽ سنڌ ۾ مقبول عام بنايو. هن عوامي صنف ڪافيءَ ۾ وڌيڪ تاثير وڌيڪ رواني، وڌيڪ رنگيني ۽ وڌيڪ درد ۽ سوز پيدا ڪيو. سنڌس ڪافين جي ذخيري ۾ ڪيترائي گهاڙيٽا ملن ٿا. ڪانئس پوءِ سنڌ جي اڪثر صوفي شاعرن سنڌس فن ۽ فڪر جي تتبيع پئي ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ ڪافيءَ جو باڪمال شاعر حضرت قادر بخش بيدل روهڙي وارو آهي. انهن ڪانسواءِ ڪافيءَ جا ٻيا به بلند پايه شاعر آهن روحل فقير، بيدل جو فرزند محمد محسن بيڪس، مصري شاهه، شاهه نصير نقشبندي، عثمان فقير سانگي، چتو سانگي، پير سائين علي گوهر شاهه، "اصغر" ، خوش خير محمد فقير ، نانڪ يوسف، دريا خان، علي نواز علوي، مولانا عبدالغفور همايون، هدايت علي "نجفي" ، ٻيڙو فقير، مهديشاهه جهانيا ، رڪيل شاهه، چيزل سائين، وغيره موجوده دور ۾ به ڪافيءَ جا بلند پايه شاعر ٿي گذريا آهن. جن حسن ۽ عشق جو ذڪر سهڻي انداز ۾ ڪيو آهي. انهن مان حضرت مخدوم محمد

زمان طالب المولیٰ جو نالو سرفهرست آهي جيڪي شاعري جي مطالع ۾ علي گل سانگيءَ جا استاد رهيا آهن. ڪافي گو شاعرن ۾ ٻيو بلند پايہ شاعر رشيد لاشاري جو نالو ملي ٿو. ڪافي جو زنده شاعرن ۾ علي گل سانگي نمايان حيثيت رکي آهي. جنهن ڪافيءَ کي عوام ۾ مقبول بنايو آهي. علي گل سانگيءَ پنهنجي ڪافين ۾ عشقيہ جذبات بيان ڪيا آهن جيئن عوامي زبان ۽ عوامي انداز ۾ ڳالهہ ڪئي اٿس، انهيءَ ڪري سندس لفظ عام ماڻهن جي دلين ۾ ڇپي وڃن ٿا، ۽ ٻيءَ عوام جي دل ۽ دماغ تي اثر انداز ٿين ٿا. اسلوب بيان کان گهڻي قدر سنڌ جي رومانوي داستانن جهڙوڪ: سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، وغيره جي تمثيل ۾ پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪيون اٿس. سسئي جي زباني پنهنجي پرين جي لاءِ ڪشالا ڪڻ جي ڳالهہ هن طرح ڪري ٿو:

پنهل پنهل ڪندي ڪيچ ڏي ويندس، ميار پنهل جي مور نہ ڪٺندس.

آئون لوڇي وڃي لهندياس.

پنهنجي پرينءَ سان ملڻ لاءِ سر جو سانگو لاهڻو پوي ٿو ۽ ڏک تڪليفون ۽ مصيبتون سهڻيون پون ٿيون سانگي چوي ٿو:

سر جو سانگو لاهہ ..... نيهن نڌوري ناگن سان ٿي

سسئي ور جي وڃڻ جي ميار پاڻ ڏني ٿي ڪئي ٿي. انهيءَ ڪري پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ هاڻي تون پاڻ ڪشالا ڪيئي وڃي پنهنجي پنهل کي ڳولهي لهہ. جو تہ نينهن نباهي نہ ٿيندو آهي.

ور وڃائي پنهنجي هٿن سان ... ڳولهہ پنهل وڃي پنهنجي اکين سان

نينهن نباهي ناهہ ...... نينهن نڌوري ناگن سان ٿي.

نينهن نباهي نہ ٿئي جو فقرو سنڌي شاعري ۾ سڀ کان پهريائين شاهہ ڪريم بلڙي واري آندو آهي شاهہ ڪريم جو بيت آهي:

نينهن نباهي نہ ٿئي،

اهڙيءَ طرح علي گل سانگي، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ حضرت مخدوم محمد زمان جي ڪافين جا فقرا بہ ٿوري ڦير ڦار سان اهڙي سهڻي ۽ سيبائتي نموني پنهنجي ڪافين ۾ جڙيا آهن جيئن وينجهار زيورن ۾ هيرا ۽ موتي جڙيندو آهي.

سچل سرمست چيو آهي.

"مون ۾ عيب اپار، سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان"

علي گل سانگي "مون ۾ عيب هزار، ڪري آندو آهي، چوي ٿو:

ڏسي ڏوهہ ڏران ٿي ..... مون ۾ عيب هزار.

شاهہ چيو آهي "ستر ڪج ستار" سانگي چيو آهي:

ستر ڪر تون ستار، ..... مون ڏي آهي ميار،
واڳون واري وارن ٿي.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ڪافيءَ جو هڪ فقرو آهي ،

"بيٺي آهيان لاهي پاهي"

علي گل سانگي " لاهي پاهي" لفظ هن طرح آندا آهن:

علي گل ويندس اوڏي ڪاهي ..... جاتي منهنجو جانب آهي
عشق بيٺو آهي لاهي پاهي ..... ويٺو دل ۾ گهر آ ناهي.

شاهہ لطيف پنهنجي سر مارئي ۾ مارئيءَ جي زباني لوئي نہ لاهڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي علي گل سانگي بہ اها ڳالهہ مارئي جي زباني نئين انداز ۾ ڪري ٿو:

علي گل لاهيان ڪنئين لج واري لوئي، ويڙهيون ويٺي هوندس قاتل مٽوئي،
اهڙيون سانگي، هلتون نہ ڇاڻان نہ ڇاڻان.

پوئين مصرع ۾ هلتون لفظ آيل آهي جيڪو "هلت" جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي هلت- چلت، ريت رسم، شاهہ صاحب ريت لفظ ڪتب آندو آهي مارئي چوي ٿي:

"اي نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي"

رومانوي داستان "سهڻي ميهار" وارين ڪافين ۾ علي گل روايتي انداز ۾ درياء جي موج، ڪاري رات، ڪن ۽ درياءَ ۽ سهڻي سان تعلق رکندڙ مختلف لفظ آندا آهن. شاهہ صاحب "ڪاري رات ڪن گهٽا" جي ڳالهہ ڪئي آهي، علي گل ڪاري رات ۽ ڪن جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو.

ڪاري رات ڪن ۾، ڪرم ريءَ ڪيان ڪيئن، جتي موت ماري، تاريءَ تران ڪيئن،
ڇُلان ڇولين وچ ۾، وڏا ڇوهہ ڇڇڪا

ٻي ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

مٿي موج درياهہ، ڪارا ڪن ڦهري، ترڻ تار مشڪل، سگهان ڪين نڪري
ٻچيو ڪين پوءِ ڪان، ميهر رو ميهر،

مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو تہ سانگيءَ پنهنجي شعر ۾ حسن و عشق جو ذڪر ڪيو آهي تہ وڇوڙي جا ورلاپ بہ ڪيا آهن پنهنجي جذبات ۽ احساسات جو سڌي سنئين نموني اظهار ڪيو آهي تہ تمثيلي انداز ۾ ڪيو آهي تمثيلون ۽ تشبيهون سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌ ڪلاسيڪي روايتن مان بہ ڪنيو اٿس، مطلب سندس شعر ۾ قديم ڪلاسيڪي شاعري ۽ جديد شاعريءَ جي رجحانن جو حسين امتزاج ملي ٿو. ان سان گڏ سندس شعر ۾ نواڻ آهي ۽ پنهنجو گهڙيل منفرد اسلوب

بيان اهي هن جي شعر ۾ سندس پنهنجو انداز آهي، جنهن ۾ عام ماڻهن جي دل جون ڌڙڪنون امنگون ۽ ارمان آهن انهيءَ ڪري سندس شاعري عوامي آهي ۽ عوام ۾ بيحد مقبول آهي.

سنڌ جا ماڻهو صوفيانه شاعريءَ کان متاثر آهن علي گل جي شاعريءَ ۾ به عوام جي زبان ۾ روحاني رنگ ملي ٿو. سنڌ جا ماڻهو شاهه لطيف جي هن مصرع کان بيحد متاثر آهن. جڏهن هو پنهنجي خالق حقيقي کي ياڏائيندا آهن تڏهن بي اختيار سندن دل مان نڪرندو آهي

"عدل ڪتان آءُ نه، ڦيرو ڪج ڪو فضل جو"

علي گل به پنهنجي شعر ۾ اها ڳالهه منفرد انداز ۾ هن طرح ڪئي آهي.

ڏوهه نه ڏسجانه منهنجا الا..... ڳُڻَ ڪجانه ڪي پنهنجا الا،

تو مان اميد نه لاهيان ..... انصاف ڪندي آئون ڪونه ڇٽان.

ٻاجهه ٿي تنهنجي مان منگان ..... پاند ڳچي ۾ پايان.

انهيءَ بند تي اڪتفا ڪجي ٿي.

١٠ آڪٽوبر ١٩٩٥ع

١٢ جمادالاول ١٤١٦هه

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

لاڙڪاڻو

ناشر طوفان

هر شخص جي اها شڪايت آهي تہ ڪنهن جي بہ ڪنهن تي اک نہ ٿي پڏي. هر ڪو پاڻ کي سير ٿو سمجهي پاڻ سڏائڻ وارو آهي ني ڪونہ. پر اهڙي ماحول ۽ اهڙي دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو دل ۽ دماغ تي ڪکرن جيان ڇانئجيو پيو هجي تہ واقعي مڙس ماڻهو ڄڻبو. علي گل سانگي انهن مان هڪ آهي هن سڀاجهڙي سانگي تي هر ڪنهن جي اک پڏي ٿي ۽ اسان جو عوام ڪيس پڏي ٿو بلڪ هن کي ڏسڻ پڏڻ لاءِ سڪي ٿو ڇو تہ هن عوام جي زبان ۾ عوام جي جذبن ۽ امنگن جي ڳالهہ ڪئي آهي. ڪڏهن بہ ڏکين لفظن جي ڳولها ڪانہ ڪئي اٿس هن جي سولي سلوڻي شاعري آهي. هي عوام جو شاعر آهي جيڪو پاڻ عوام مان آهي ۽ عوام لاءِ آهي. هوٽلن تي وڃبو تہ اسان کي علي گل سانگي جي ذات جي ڏک ملندي، ڪنهن بس ۾ سفر ڪبو تہ پاڻ کي سانگيءَ جا ڪلام پڏڻ ۾ ايندا، ڪنهن ادبي ثقافتي ميڙاڪي ۾ وڃبو تہ ڪٿي علي گل پاڻ تہ ڪٿ ڪنهن فنڪار واتان سندس ڪلام پڏڻ لاءِ ملندو.

اسان جو هي عوامي شاعر ۱۴ سيپٽمبر ۱۹۵۲ع تي ڳوٺ شير محمد سانگي (دوداڻي) ۾ ڄائو. طيب شهر جي محترم مينهل فقير مهر ۽ ڏامراهن جي محترم جعفر پنهور جي شاگرديءَ ۾ شعرو شاعريءَ جو شغف ٿيس. سنڌ جو ناميارو عوامي ۽ قومي شاعر استاد بخاري بہ سندس استاد ٿئي. محترم سانگي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي بہ غائبانہ طور تي استاد مڃيو.

اسان جي هن عوامي شاعر جا شاعري کان علاوه ٻيا روپ پڻ آهن. ڪيس پنهنجي برادريءَ ۾ ٻئي نمبر جي سرداري جو مانائتو منصب نصيب آهي. ۱۹۹۲ع ۽ ۱۹۹۴ ۾ عمري جي سعادت بہ ماڻي اٿس. روحاني حوالي سان حضرت پير سائين پاڳاري جي درگاهہ جو مريد ۽ معتقد آهي. ايتري قدر جو مرشد جي حڪم تي ۱۹۷۱ع واري جنگ ۾ حر مجاهد طور پرتي ٿيو ۽ وري ٻيهر ۱۹۸٦ع ۾ ۱۲۰ مجاهد حر مجاهد جو انچارج ڪمپني ڪمانڊر ڪري پوليس انسپيڪٽر جي رينڪ ڏئي خيرپور ضلعي ۾ رکيو ويو. جيڪو ڪم هن پڻ مڙسيءَ سان نڀايو. محترم علي گل سانگيءَ سياست جي شعبي کي بہ نہ وساريو آهي ڪيترو عرصو يونين ڪائونسل وليد ۽ لاڙڪاڻي تعلقي ڪائونسل جو چيئرمين ٿي رهيو آهي

علي گل سانگي جي علم ۽ قلم جي ڪهاڻي بہ وزنائتي آهي پاڻ ڪجهہ وقت لاڙڪاڻي پريس ڪلب جو صدر بہ رهيو آهي. قوم کي "ٻهر ۾ پينگهہ" ۽ "ڪنتي نسريا ڪانهہ" جي نالن ۾ شاعري جا ٻہ مجموعا ڏئي چڪو آهي "پيرين

پنڌ ڪندياس" سندس ٽيون مجموعو آهي. جنهن ۾ هن عوامي شاعر ٻان کي پڙهڻ لاءِ پياريون پياريون ڪافيون ۽ مٺڙا مٺڙا بيت ڏنا آهن. "ڪُل حيات انسٽيٽيوٽ" هن ڪتاب کي شايع ڪرائيندي خوشي محسوس ڪري ٿو.

جڏهن "ڪافين" جو ذڪر نڪتــو آهي تہ انهيءَ حــوالي ســان بہ ٿي ڳالهيون ڪرڻ بي جاءِ نہ ٿينديون. "ڪافي" جي موضوع ۽ مواد تي لکيل ڪتابن جي ورق ورائڻ مان پتو پئي ٿو تہ اسان جي هن عوامي شاعر جي ذات مان، ڪانئس اڳ بہ ناميارا "ڪافي گو" شاعر ٿي گذريا آهن جهڙوڪ.

سندس والد روشن علي سانگي، عثمان فقير سانگي، چتو فقير سانگي، الهرکيو سانگي، غلام حسين سانگي، مولا بخش سانگي، الاهي بخش سانگي سانگي اسٽيشن وارو وغيره. عثمان فقير سانگي ١٧٧٩ع ۾ وفات ڪئي يعني لاڪيٽي لطيف جي رحلت کان ٢٧ سال پوءِ رحلت ڪئي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ لڳ ڀڳ ٻن صدين کان سانگي برادريءَ ۽ ذات سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي جهولي ڀريندي اچي ٿي ۽ اهو سلسلو انشاءَ الله اڳتي بہ جاري رهندو.

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ "پيرين پنڌ ڪندياس" گهڻو تڻو ڪافين جو ڪتاب آهي ۽ ڪافي سنڌي لوڪ شاعري جي هڪ مقبول ترين صنف آهي. هن صنف جي لفظي ۽ لغوي مفهوم، نالي ۽ ارتقاءَ تي اسان جي ڪيترن عالمن قلم ڪنيو آهي. انهن عالمن مان غلام حسين سومري، پروفيسر هرومل سدارنگاڻي، مخدوم طالب المولىٰ، عطا حسين شاهہ موسوي، الله بخش عقيلي، مولانا گرامي، سيد منظور نقوي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ۽ ڊاڪٽر بشير احمد "شاد، جا نالا ذڪر لائق آهن. ڪافيءَ بابت هن وقت تحقيقي راءِ اها آهي تہ "ڪافي اول سنڌ جي اتريين ملتــان واري خطي ۾ رائج ٿي اتان پوءِ پنجاب ۽ پوءِ هندســتان جي ٻين ڀاڱن تائين پهتي. سنڌ جي ڪافين ڳائڻ جي اها خاص لئي جا هندستان ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول پئي، سا خاص ڪافي راڳ جي نالي سان مشهور ٿي، ڪافي راڳ امير خسرو جي دور ۾ موجود هو، مگر اهو هن ايجاد نہ ڪيو."

سنڌيءَ ۾ شيخ لاڏ جيئي کي پهريون ڪافي ڳائيندڙ تسليم ڪيو ويو ٿو. ساڳي ئي دور ۾ مير معصوم بکريءَ جي وڏي ڀاءُ مير محمد فاضل سنڌي ڪافيءَ کي دهليءَ ۽ آگري ۾ مشهور ڪيو.

تنهن ڪان پوءِ ڪافيءَ جو سر موڙ شاعر شاهہ عنايت رضوي کي چيو وڃي ٿو. جنهن سترهين عيسوي صدي جي ابتدا ۾ ولادت پائي. ائين اوائي سو سال ڪان مٿي جو عرصو ٿيندو جو هي صنف هر ڪنهن عوامي شاعر جي مشهور ۽

دلپسند صنف رهي آهي.

محترم علي گل سانگي هن صنف جي فن ۽ فڪر ۾ جتي روايتن کي باقي رکيو آهي، اتي جدت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي اٿس. محترم ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي سنڌس هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي. جنهن ۾ هن سنڌس شاعريءَ جو تفصيلي جائزو ورتو آهي انڪري پنهنجي طرفان ڪا راءِ نٿا ڏيون. محترم علي گل سانگيءَ جو هي ڪتاب "پيرين پنڌ ڪندياس" "گل حيات" طرفان ڇو ۽ ڪيئن ڇپرايو پيو وڃي؟ انهي جو جو پڻ هڪ دلچسپ پس منظر آهي. علي گل سانگي نه فقط عوامي شاعر، صحافي، پر خلوص سماجي ڪارڪن ۽ ملنسار منڙو ماڻهو آهي. بلڪ علم دوست انسان پڻ آهي. اسان جڏهن سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ درباري ادارن کان مايوس ٿي، انهن جي "نفي" ڪرڻ سان گڏ مثبت موٽ ۾ "اثبات" جو مثال ڏيندي ١٩٩٠ع ۾ "گل حيات انسٽيٽيوٽ" قائم ڪيو ته ادو علي گل سانگي پاڻ انهيءَ اداري جي خوشبوءِ کي محسوس ڪندي کهي آيو.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن اسان محترم علي گل سانگي کي پنهنجي اداري جو پر خلوص ۽ خير انديش ساٿي محسوس ڪندا رهيا سين. سائس اداري جي حڪمت عملين ۽ آئيندي جي پروگرامن بابت صلاحون ٿينديون رهيون. اداري جي انتظاميه فيصلو ڪيو ته مشاهيرن جا ڪارنر قائم ڪيا وڃن. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين موٽ محترم علي گل سانگيءَ وٽان ملي جنهن هن اداري ۾ پنهنجو ڪارنر قائم ڪرايو ۽ ڪافي ڪتاب ڏنا نه فقط ايترو پر سنڌيڪا کان به ڪتاب ڪٺي اچي اداري کي ڏيڻ جي تڪليف ڪئي آهي. علي گل سانگيءَ ادارن دوستي جو هڪ انوکو مثال پڻ قائم ڪيو. هن صاحب گذريل ذالحج واري عيد اچي "گل حيات" ۾ ڪئي ۽ اسان سان گڏجي نماز پڙهيائين. سنڌس چوڻ هئو ته هي ادارو اهڙو آهي جتي ايندي عيد جهڙي خوشي محسوس ڪبي آهي. ان ڪري هتي عيد ڪري سگهجي ٿي. اهڙي ريت جڏهن اداري طرفان اشاعتي پروگرام بابت ڳالهه ٻولهه ٿي ته محترم بدرالدين اجڻ ۽ محترم علي گل سانگي ان سلسلي ۾ نه فقط مالي ۽ اخلاقي مدد فراهم ڪئي بلڪ پنهنجن ڪتابن شايع ڪرائڻ جي اجازت پڻ ڏني. ٻنهي سائين جا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن ۽ هي ڪتاب انهي سلسلي جي ڪڙي آهي.

اسان کي اميد آهي ته ساهت پرين کي هيءَ سوکڙي پسند ايندي ۽ اسان اهو پڻ اعلان ڪندي خوشي محسوس ٿا ڪيون ته علي گل سانگيءَ جو چوٿون ڪتاب "ريتي ڪوٽ وٽن ۾" به گل حيات طرفان هن سال ئي ڇپرائي پڌرو ڪبو

جنهن ۾ جيڪي علي گل جيل ۾ گهڙيون گهاريون آهن يا شاعري ڪئي سا ڪتابي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن تائين پهچائيندا سين. محترم علي گل سانگي جو پنجون ڪتاب گل حيات انسٽيٽيوٽ طرفان "پيرين پوندي سانِ" جي نالي سان جنهن ۾ هو پنهنجي مرشد پير سائين پاڳاري جي شان مطابق ڪجهه ڳالهيون ۽ شاعري پيش ڪندو سو پڻ انشـــاء الله ايندڙ ســـال ١٩٩٦ع ۾ اوهان جي هٿن تائين پهچائيندا سين، ۽ سندس ستون ڪتاب "گل حيات" طرفان "پنڌ مڙوئي پپ جو" جي نالي ســان جنهن ۾ علي گل ســانگيءَ جو هو ڳاتل ڪلام جيڪو جيـترن فنڪارن ڳاتو آهي پوءِ اهو محفلن، ريڊيو ٽي وي ۽ ڪيسيٽ ۾ ڳاتو ويو آهي سو توهان جي هٿ ۾ ڏبو ۽ علي گل سانگيءَ جو اٺون ڪتاب سرائيڪي زبان ۾ " دل وچ درد هزاران" جي نالي سان جنهن ۾ گيت غزل ڪافيون بيت وغيره هوندا جيڪو ۾ انشا الله ١٩٩٦ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪبو.

اهڙي طرح اهيو سلسلو جاري رهندو.

محترم علي گل سانگي کي ڏيڍ سؤ جريب زمين آهي جيڪا دادو ڪئنال جي پيچ تي آباد پئي ٿئي. جنهن ۾ زيتونن جا باغ ڪجون سارين جو فصل ڪٽڪ سبزريون وغيره ٿين ٿيون جتان گذر پيو ٿئي ۽ ڪيس الله سائين اولاد ڪان ۾ نوازيو آهي پنج پٽ پنج نياڻيون اٿس. سندس فرزندن جو تفصيل هن ريت آهي:

پهريون نالو	پيو نالو	عمر
گلفام گل	نسيم گل	١٢ سال
انعام گل	فهيم گل	٩ سال
اسلام گل	تسليم گل	٨ سال
اڪرام گل	نعيم گل	٧ سال
صدام گل	سليم گل	١٥ مهينا

سندس وڏڙو نينگر گلفام گورنمينٽ پائليٽ هاءِ اسڪول ۾ ستين جماعت تو پڙهي انعام، اسلام ۽ اڪرام اسٽيٽ مور اسڪول مان (ون) پاس ڪري هاڻي لٽل فاڪس اسڪول ۾ (ٽو) پڙهي رهيا آهن. ۽ پندرهن مهينن جو ننڍڙو صدام گل مــاتا جي هنج ۾ ياتڙا ٻول سکي رهيــو آهي. اســان جي دعــا آهي تہ پڙهي پلي پنهنجي منزل کي پهچن.

٢٥.٥.١٩٩٥ع

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ
گل حيات انسٽيٽيوٽ خير محمد آريجا
لاڙڪاڻو سنڌ

سڪ ناهي سٽري

منهنجي پيدائش ۽ پروش جهيڙيڪار جهڳي ۾ ٿي، سٽين پيڙهين کان جهيڙا جنگيون ڏاج ۾ مليل جنين موروثي ملڪيت هجي. اهڙي طرح هن ڏکن هاڻي ڏيهه ۾ ۱۴.۹.۱۹۵۲ع جي صبح جي سج جو ڪرڻو منهنجي اک تي پيو،منهنجي بابي سائينءَ کي مان ننهي پٽن مان پيارو پٽ هيس، ذرا چگڙو ۽ ننيو هيس، گهڻي قدر بابو سائين مونکي ڪاوڙ ۾ ڪونه مارينلو هو. علي ڏني ۽ حسين بخش پنهي وڏن پٽن کي اسڪول کان گسائڻ تي يا ڪنهن ڪاوڙ ۾ خوب ڪٽيندو هو ۽ مونکي نه چوندو هو. منهنجو نالو سندس پياري دوست علي گل جتوئي جي نالي تان رکيائين. بابي سائين جو شوق هو ته منهنجا پٽ پڙهي ڪا منزل ماڻن ۽ هتان جي جهڳڙن کان پنهنجي پٽن کي پاڪ رکان، جنهن پنهنجي وس کان نه گهٽايو ۾ ٿيو اوئين جيئن مقدر ۾ هيو. بابوسائين ۹ مئي ۱۹٦۴ع ۲۴ ذالحج ۱۳۸۳ هه چنچر ڏينهن ۱۲ وڳي منجهند جو جيئن لاڙڪاڻي وڃي رهيو هو، لاڙڪاڻي پرسان حاجي ايوب پٽي جي انبن واري باغ ۾ جتي هينئر مولوي علي محمد حقاني جو مدرسو ايوب ڪالوني آهي دشمن لڪل هئا، جن ڪهاڙين سان بابي سائينءَ تي حملو ڪيو. جوابي وار ۾ بابي سائينءَ پڻ هڪ دشمن کي ڪهاڙي هڻي ڪيرائي وڌو. باقي ٻين دشمڻ ڪهاڙين جا وار ڪري ڪيس ڪيري وڌو ۽ ڪٺو.

اسان ٽيئي پائر گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهندا هئاسين. اهڙو اطلاع اتي مليو جو اسان ڊوڙندا روئندا آياسين، پنهنجي پيءُ کي پٽ تي ڪريل ۽ ڪٺل رت ۾ ڳاڙهيو ڏٺوسين، ايڏو رت جيئن ڪو ڍور ڪٺل هجي تنهن وقت اڄان دوداڻيءَ جا عزيز قريب ته نه پهتا هئا سندس دوست پيرشير جا جتوئي موجود هئا جيڪي شاهد فريادي پاڻ ٿيا. جنهن ۾ چاچو قادر بخش شيراڻي، چاچو رسول بخش جتوئي، چاچو محمد بچل جتوئي ۽ چاچو دوست محمد جتوئي فريادي چاچو محمد بچل ٿيو ۽ ٻيا شاهد ٿيا. ان وقت بابي سائين جي ڪيسي مان چاچي دوست محمد شاهاڻي چوهڙپور واري جي تصوير نڪتي ۽ ٻيو ڪو سامان هو. بابي سائين جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ جڻ اسان جي قسمت لٽي پئي. تعليم کان پڻ محروم ٿياسين ۽ پڙهڻ ڇڏي ڪهاڙيون نهرايوسين اهو دور ڪهاڙين جي جهيڙي جو هو. بابو سائين گهٽو ڊڳو ته منهنجا پٽ جهيڙن کان بچن پر نه بچياسين. جهيڙو نه پر وڏي جنگ ۾ اچي وياسين جنهن ۾ اٽڪل ٻه درزن ماڻهون مارجي ويا جنهن ۾ منهنجو پيارو سائين سيد اشرف علي شاهه پڻ شهيد ٿي ويو ۽ منهنجي اندر مان اوچتو عشق جي ڌارا ڦٽي جيڪا شاعريءَ طرف لاڙي وئي جيڪو هينئر اوهان جي آڏو آهيان.

جڏهن کان مان شاعري شروع ڪئي ۽ پنهنجي استاد ميهل فقير مهر کي

سدا سدا ٻول درستگي لاءِ ڏيکاريندو هوس تہ هو مونکي دعائون ڪندو هو ۽ چوندو هو: "تون ابا هڪڙي ڏينهن طالب المولىٰ ٿيندين" استاد ميهل فقير پوڙهو فقر طبيعت ماڻهو هو. مان خوب خدمت ڪندو هيومانس ان جي دعا جو اثر ٿيو اڄ مان پاڻ کي ڏسان ٿو گهر گهر گهٽي گهٽي واڪا پنهنجي شاعري جا ٻڌان ٿو.

هونءَ بہ هر شاعر کي پنهنجي ڪلام ڪنهن سٺي ڳائڻي جي آواز ۾ ڳائل مزيدار لڳندو آهي. پوءِ ڪٿي ريڊيو هجي يا ٽيليوزن ڪيسٽ يا ڪا محفل سر ساز ۾ سريلو فنڪار ڳائي تہ ان کان وڌيڪ ڇا کپي. مونکي منهنجي ڪافي محمد يوسف جي آواز ۾ ڳائل وڌيڪ سٺي لڳندي آهي پوءِ سچ پچ پاڻ کي شاعرمحسوس ڪندو آهيان ۽ استاد ميهل جون دعائون پڻ ياد اينديون آهن. ٻئي نمبر تي مونکي منظور سخيراڻي پيارو لڳندو آهي جو هو هر فن مولا آهي. جتي بيهاريوس بيٺو ڳائيندو. وحيد علي بہ پيارو فنڪار آهي جنهن منهنجا ٻئي ٻول ڳاتا آهن ان کانپوءِ غلام شبير سمون سريلو فنڪار آهي جيڪو پڻ استاد گلزار علي خان جو شاگرد آهي. منهنجون استاد گلزار علي خان سان ٻئيون ڪچهريون آهن تمام مسڪين ۽ مٺو ماڻهو هو ۽ مونکان ڪافيون ورتيون هئائين جيڪي محفلن ۾ ڳائيندو هو ۽ استاد انور علي سانگي منهنجون ڪافيون ريڊيو تي ڳاتيون آهن جن کي بہ ٻڌي سرور حاصل ڪندو آهيان. غلام علي سنديلو ۽ سندس والد صاحب چاچو لونگ مزيدار ۽ محبتي ماڻهو آهن روهڙي ويندي ساڻن ڪچهريون ٿينديون آهن. چاچو لونگ بيگم فقيراڻيءَ سان پيتي وڄائيندو هو بيگم فقيراڻيءَ جون بہ پڻ ڳالهيون ٻڌائيندو آهي. برڪت علي پٽ ۽ سندس پيءُ چاچو رسول بخش پٽ پرخلوص انسان آهن. انهن سان بہ سکر اچڻ تي آچر گهٽيءَ ۾ ڪچهريون ٿينديون آهن. برڪت منهنجون ڪافيون ريڊيو ۽ ڪيسٽن ۾ ڳاتيون آهن سڀ کان گهڻو ڪلام منهنجو منظور سخيراڻي ڳاتو آهي. منظور سخيراڻي ڪتاب جيترا ڪلام ڳائي ڇڪو آهي جيڪو ڇپرائي اوهان جي آڏو آڻبو. ان کان علاوه "پيرين پوندي سانِ" جي نالي سان هڪ ڪتاب جنهن ۾ پنهنجي مرشد سائين پير سائين سردار تي شاعري ڪيل ۽ ان جي معجزن جون ڳالهيون ۽ ڪجھ حقيقتون لکي سامهون آڻيندس.

مان شاعري هر قسم جي ڪري سگهندو آهيان. سڀ کان پهريان ڪافي غزل وائي گيت آزاد نظم ڏوهيڙا بيت وغيره لکي ڇڪو آهيان جن کي آهستي آهستي ڪتابي صورت ۾ آڻبو. ريڊيو، ٽي وي ۽ ڪيسٽ جي شاعريءَ ۾ گهڻو فرق آهي. ڪيسٽ جي دنيا اڄ اوچ تي آهي جو لک کان پي وڌيڪ پئسا فنڪارن کي ملن ٿا. ۽ ريڊيو تي فنڪار کي في ڪلام جا اي گريڊ لاءِ ٢٠٠ روپيہ ملندا آهن ٽي وي تي پروگرام جا اي گريڊ فنڪار کي ١٢٠٠ روپيہ ملندا آهن. اسان شاعرن کي ريڊيو تان في ڪلام ٥٠ روپيہ ملندا آهن ۽ ٽي وي تي ٢٠٠ ملندا آهن. اسان جي پاڪستان جا اهي بہ وڏا ادارا آهن جن وٽ فنڪارن يا شاعرن لاءِ ڪو خاص

معاوضو نہ آهي. جنهن سبب انهن فنڪارن يا شاعرن ڪيسٽ جي طرف رخ ڪيو آهي. جيڪو ڪيسٽ ڪمپنيءَ وارا خرچ ڪري اعليٰ قسم جي ميوزڪ ڏين ٿا ۽ فنڪار کي لک روپيہ ادا ڪن ٿا مجبوراً فنڪار کي ان طرز مطابق ڳائڻو ٿو پوي. جنهن تي ڪي دوست ناراض ٿا رهن خاص ڪري سنڌي ادبي سنگت وارا دوست چون ٿا تہ طرزن تي چو ٿا لکو ۽ ڳايو. اهو سبب آهي جو ٻهراڙيءَ وارو طبقو طرزن کان سوا ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي. جيڪي ٣٠ روپيہ خرچ ڪري سنڌي ڪيسٽ خريد ڪن ٿا تہ ڪيسٽ کي ٽڪي توري ٻڌي پوءِ ٿا خريد ڪن ۽ اسان جا سٺا سهڻا دوست صرف ٽوڪون ٺٺولون تنقيديون ڪري ڇاڏن، مگر سنڌي ڪيسٽ خريد ناهن ڪندا. اسان جا پڙهيل ڪڙهيل سائين صرف انگلش، اردو ڪيسٽون خريد ڪري ٻڌي ڇاڏن. ڀلي اسان ڪيڏي محنت ڪري فيروز گل جهڙي موسيقار کان ڪمپوز ڪرائي محمد يوسف کان ڳارائي جهجهو خرچ ڪري ڪيسٽون تيار ڪيون ان جا خرچ ٻي اسانکي ڳچيءَ ۾ پيا آهن پوءِ اهي دوست چو نہ ٿا ڪيسٽون خريد ڪري اسان جي فنڪارن جي همت افزائي ڪن؟ هتي ڇا ڏنو آهي غريب فنڪارن کي؟ ثقافت وارا ٻي ٽٺا ڏين تہ باقي ڇا ٿي ڪري ادبي سنگت صرف سنگت اندر ويڙهانديون! صاف ظاهر آهي تہ اسان جا سٺا دوست ڪيسٽ خريد ڪرڻ وارن مان نہ آهن هزار شاباسون آهن ٻهراڙيءَ جي مارووئڙن ماڻهن کي جن سنڌي ڪيسٽ خريد ڪري سنڌي ڪيسٽ جو مان مٿاهون ڪيو آهي. جو ڪجهہ وقت اڳ شهر يا ٻهراڙيءَ جي هوٽلن، هٽن تي ڏارين ٻولين جي ڳانن جو راڄ هوندو هو، فلمن جي مار ڌاڙ ۽ انهن جي مشهور ڳانن جا هل ٻڌڻ ۾ ٿي آيا، ۽ سنڌ جي وڏن وڏن ميلن جي ٽيشيٽرن ۾ ڏاريءَ ٻوليءَ جا فنڪار سنڌي ماڻهن کي ڦري جهجهو ناڻو ڪمائي واپس ويندا هئا. ان وقت منهنجا دوست ڪٿي هئا، اسان وڏين ڪاوشن سان ڏاري ٻوليءَ کي ڌڪي پنهنجي مارووئڙن ماڻهن جو مزاج کي سنڌيءَ ٻولي تي ٽاهيو آهي، ۽ هاڻي توهان کي ساڳين ٿيئيٽرن ۾ پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ جي ڪلاڪارن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا هوندا. اهو آهي اسان جو گناهہ، هن وقت اسان سنڌيءَ موسيقيءَ ۽ سنڌي شاعريءَ کي ڪنهن اوج تي ڏسي رهيا آهيون. پاڪستان جي تمام اردو فنڪارن سنڌي ڳاتو ۽ ڪيسٽون ڪيون آهن جهڙوڪ مهناز، مهدي حسن، ناهيد اختر، مسعود رانا، رنگيلا، هميرا چنہ، رونا ليليٰ، نورجهان ڇا اهو انهن دوستن کي نظر نہ ٿو اچي اها خوشيءَ جهڙي ڳالهہ نہ آهي مان چوان ٿو تہ طرزون هر فنڪار ڳاتيون آهن. سڀ کان پهريان عابده پروين ريڊيو تي طرزون ڳاتيون جيڪا پڻ راڳ جي راڻي آهي.

ٻول:

دل ڪيئن دوست وساري ..... وڇڙي ڪونج ولر کان
پئي ٿي روز پڪاري

طرز: رانجهي منجهيان چرايان
ٻول:

کيئن ملندا هتاسين بهارن ۾
ڪو ڪيئن ٿو چوي ڪو ڪيئن ٿو چوي

طرز: ميڏي شوق دا نهين اعتبار تينون.
آواز: غلام علي ۽ شاعري آهي سائين تاجل بيوس جي
ساڳي طرز تي ٻيا ٻول :

تنهنجي هجر فراق ۾ ماهه لقا
نڪي غم ٿو وڃي نه ڪي دم ٿو وڃي

آواز: صادق علي ۽ شاعري آهي سائين مرحوم حسين بخش خادم جي
ٻول:

مسي مساڳ لاتو ٽئي (لوڪ گيت)

آواز: زيب النساء
طرز: مست ملنگ جو ڪتئي

اڃان ٻه ڪيترا طرزن وارا ٻول ريڊيو تي رڪارڊ ٿيل آهن جيڪي هلي رهيا آهن باقي ڪيسٽن ۾ طرزون ڳائڻ ڪهڙو گناهه آهي؟ صرف نه سهائپ منهنجا اهي دوست پاڻ وٽ راڳ رنگ جون محفلون رچائڻ ۾ اسان جي فنڪارن کي گهرائي اسان جا ئي گيت فرمائش ڪري ٻڌن ٿا. جڏهن توهان کي ايڏي نفرت آهي ته اسان جا فنڪار طرزن وارا ۽ اسان جا ڪلام ڇو ٿا ٻڌو؟ منهنجي صلاح اها آهي ته توهان پنهنجي محفلن ۾ من پسند فنڪار گهرائي من پسند شاعرن جي شاعري ۽ فتح علي خان، غلام علي، فيروز الدين، شاهد بزمي، غلام حسين، ظهور زيبي، اظهر خان، محمد حسن يا فيروز گل جهڙن موسيقارن کي گهرائي نيون نڪور ڌنيون ٺهرائي پنهنجي محفل کي مچائڻ خاطر خرچ ڪيو. ڳالهائي ڏسو ڪنهن موسيقار سان ته هڪ ڌن ٺاهڻ جي رقم گهڻي ٿو وٺي! اگر ريڊيو تي و ي ڪيسٽ وغيره وارا موسيقارن يا فنڪارن کي سهي حق نٿا ڏين ته توهان ڏيو ۽ وٺو پنهنجي محنت جو مزو توهان پوئتي پيل فنڪارن جون ڪيسٽون ڪرائي ڪهڙي ڀي طريقي سان انهن ڪيسٽن کي پاڻ ۾ خريد ڪيو. آڌيو انقلاب سنڌي موسيقيءَ ۾ جيئن اسان طرز وارا سنڌي ڪار پوئتي رهجي وڃون، باقي هلن پير ڪونه لڪ لعنت گوڏن تي. "پاڻ کيون ڪونه ٻئي کي سهون ڪونه" هن وقت پوري دنيا ۾ جتي جتي سنڌي ماڻهو رهن ٿا اتي سنڌي طرزن واريون ڪيسٽون وڃي ڇڪيون آهن.

اسان ڏي پري پري ملڪن کان خط اچي رهيا آهن، اسان جيڪا شهرت عزت ماڻي آهي طرزن واري شاعري ۽ ڪيسٽن مان. توهان مال چارينڊڙ ميهار وٽ هلو رڍون چارينڊڙ ريڍار، ڪنهن ٻڪرار ۽ هر ڪاهينڊڙ هاري جهنگ جي جهانگن ٿر

جي ٽرن وٽ ملو ۽ پڇو ته ڪهڙن شاعرن کي چاٽو سجاڻو ٿا وڏن شاعرن کي يا ڪنهن ننڍڙن شاعرن طرزن وارن کي، تنهن ڪري اسان کي مارونن ماڻهن جي چاڻ سڃاڻ ٿي ڪهي.

ڪنهن جاءِ تي سائين شيخ اياز ٿو لکي، "ڪارڙو ٿو ڪيڙو ڪيڙو ڪري" . جڏهن ته ڪيڙو ڪيڙو بگڙو تترڪندو آهي ۽ ڪارڙو نه. ۽ منهنجي سائين عبدالغفار تبسم ڪتاب "سوچون سحرا سراب" جي صفحه ٢٤ پر لکي ٿو "گنديءَ کي ليهو ڪيئن ڏيندين بهه ميڙيو اٿئي." جڏهن ته گنديءَ کي نه ليهو ايندو آهي نه بهه ڪم ايندو. گنديءَ کي هاري ايندي آهي، ساپي چيڪي متي هلڪو ماهيو يا ڳاٽو چيٽو ملائي روزانو هاري ڏيي اٿس.

جنهن ماڻهو جو گنديءَ سان واسطو ئي نه پيو هجي ته گنديءَ جي ڳالهه چو ڪري؟ گنديءَ سان واسطو ٻهراڙيءَ جي عام مسڪين ماڻهن جو پوندو آهي، پڪي شهر ۾ رهندڙ يا ڪنهن امير جو گنديءَ سان ڪهڙو ڪم. بند ڪمري ۾ شاعري ڪرڻ جو نتيجو آخر ڪهڙو نڪرندو؟

شاعري ڪرڻ لکڻ وقت تہ ٿوهر اکين سان ڏسڻ کپن. شاهه سائين هر چيز کي ڏسي پوءِ لکيو مان ته هڪڙو ننڍڙو شاعر آهيان شايد شاعرن جي صف ۾ بيهندس ته ٽنگون ٿڙڪنديون. مان پنهنجي ننڍڙن هڪ جهڙن شاعرن کي صلاح ڏيندس ته استاد وٺي پوءِ شاعري ڪن خاص طرح قافيه جو خيال رکن، اڇا خيال آڻيو مضمون کي نه لوڙيو گهڻي شاعري ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، پل ٿورڙي ئي هجي پر سٺي ادب اخلاق اندر هجي، شاهه سائين جي رسالي جو مطالعو ڪيو، پٽ ڏٺي تي پيرا ڪيو انشاءِ الله دڳ ملي ويندو.

"منهنجو هي ڪتاب مشهور علمي ادبي ۽ تحقيقي ادارو "گل حيات انسٽي ٽيوٽ" ڇپرائي رهيو آهي، هن ڳالهه کي ٻڌ آئون پنهنجي محنت فن ۽ فڪر جي ميٽا سمجهان ٿو منهنجي هنڙي قدرداني ڪرڻ تي آئون اداري جي انتظاميه جو شڪريو ميان ٿو خاص ڪري سائين درمحمد پنهان جو.

سک نامي سٽري، ڪن پروڙي پير
ڪسن ڏاران ڪير، ڪري سڌ سڪڻ جي
(شاهه سائين)

٥ ذالحج ١٤١٥هه
٥ مئي ١٩٩٥ع

علي گل "سانگي" (دودائي)
لاڙڪــــاڻــو

ٻڌ مڙيوئي پپ جو

اوسيتائين علي گل سانگي سان منهنجي ملاقات ڪانہ ٿي جيستائين هو منهنجي هٿ نہ چڙهيو. "پپر ۾ پينگهہ" ۽ "ڪنڌي نسريا ڪانهہ" جي حوالي سان علي گل ۽ اسان پوءِ تہ راتين جون راتيون پنهنجي حال احوال اوريا. آڏيرات جو علي گل پنهنجي دل جا دفتر کولي ڇڏيندو هو ۽ مان اکين ۽ دل سان ڪيس ٻڌندو رهندو هوس. آخر انهي پونين رات يقين ٿيو تہ واقعي علي گل سانگي هڪ عوامي شاعر آهي.

گهڻو وقت اڳ يورپ ۾ هڪ ادبي تحريڪ هلي تہ شاعريءَ کي سولو ڪري عوام اڳيان پيش ڪيو وڃي. انهيءَ تحريڪ هلائيندڙن عوام کي پنهنجي "عوامي شاعري" موٽائي ڏني. ان لاءِ هنن عنوان بہ عوامي ڪنيا تہ ماحول بہ عوامي پيدا ڪيو. هنن عوامي امنگن، جذبن ۽ احساسن کي عوام جي عام فهم ۽ آسان ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو. انهيءَ تحريڪ جي اڳواڻ هو "وردس ورٿ" جنهن تحريڪ جي مهندار جي حيثيت ۾ "سريلا گيت" گهڙيا ۽ ان جو مهاڳ لکي اهڙن گيتن جي اهميت وڌائي ۽ انهن جو مان مٿاهون ڪري ڪين ڏيهان ڏيهہ شهرت ڏياري.

سنڌ ۾ جڏهن بہ علم ادب کي درٻاري ۽ سرڪاري اگٺن مان ڪڍي، عوامي بنائڻ واري تحريڪ جي تاريخ لکي ويندي تہ علي گل سانگيءَ ۽ ٻين جا نالا عزت سان ورتا ويندا. "ڪيسٽ ڪلچر" کي جنم ڏيندڙ عوامي شاعرن پاڻ تي الزام ۽ بهتان ڪٺي جيڪا ٻوليءَ جي مقبوليت ۽ سماجي ڪارج جي مڃتا واري تحريڪ هلائي، ان کي ڪڏهن بہ نظر انداز ڪري نہ ٿو سگهجي. انوقت جڏهن غير سنڌي ٻوليون سينمائن جا پڙڏا ڦاڙي اسان جي عوام ڪان پنهنجي زبان کسڻ واريون هيون تہ هنن شاعرن ڏرتيءَ ڌڻين کي انهيءَ ڏوکي ڪان بچائڻ لاءِ ٻراين ڏنن تي پنهنجا ٻول ڏئي وڏي طوفان جو مقابلو ڪيو حالتن ۾ مثبت تبديلي آئي ۽ اسان جي عوام پنهنجي ٻوليءَ کي ٻڌڻ ۽ جهونگارڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن علي گل سانگي ۽ هن جهڙا ٻيا نج عوامي شاعر ائين نہ ڪن ها تہ هوند هن وقت اسان جا ڪن ۽ زبانون ٻين ٻولين کي ٻڌڻ تي عادي ٿي چڪيون هجن ها.

علي گل سانگيءَ جي ڪلام وارين ڪيسٽن ٻڌڻ جو موقعو ملي چڪو هو. "گل حيات" جي ڪٺن ۾ علي گل جي ڪلام جي جي ڇهيل ڪتابن ڏسڻ ۽ مطالعي لاءِ وٺڻ جو موقعو مليو. اهڙي طرح سان منهنجي سائس ان ڏني دوستي ٿي وئي.

نيٺ هڪ ڏينهن منهنجي دوست "گل حيات" جي بانيءَ ڊاڪٽر در محمد

پناه، علي گل سانگيءَ جي ڪتاب "پيرين پنڌ ڪندياس" جو مسودو هٿ ۾ ڏئي حڪم ڏنو ته ان تي ٻه اکر لکان.

علي گل سانگيءَ جو هي ڪتاب شاعرائي صنفن جو لحاظ کان "ڪافي ۽ بيت" تي مشتمل آهي. پر ان جو بنيادي موضوع ۽ مضمون "محبت" آهي. سنڌو واسين جي دل ۽ دل جي دنيا محبت جي کاڻ آهي. سنڌ صدين کان وٺي انسان ذات کي پريت جي ريت سيکاري آهي، تهذيب ۽ اخلاق جا درس ڏنا آهن. هن ڌرتيءَ جا ڏٺي، جن کي ڪڏهن به ڪنهن به دور ۾ ڪٿان "محبت، جي موٽ ۾ "محبت" نه ملي آهي، تن پنهنجي شعرن ذريعي هر دور ۾ عشق ۽ محبت جي الف بي پڙهائي آهي.

اهو انسان جيڪو دوکو ڏئي سگهي ٿو، نفرت ڪري سگهي ٿو، قتل ڪري سگهي ٿو، استحصال ۽ ظلم ڪري سگهي ٿو. ان سان محبت ڪرڻ عبادت ناهي ته ٻيو ڀلا ڇا آهي؟ انسان ۾ عيب ڳولهڻ شيطاني پيروي ڪرڻ برابر آهي. پر مٽيءَ جي پتلي سان محبت ڪري هن اڳيان من جو سيس نوائڻ عظمت جي نشاني آهي. سنڌ صدين کان اهو پيغام ڏنو آهي. ڪلهه جي شاعرن ساڳي ڳالهه ڪئي آهي ۽ اڄ علي گل سانگي به اها ئي ڳالهه ڪري ٿو.

هي ڪتاب علي گل سانگيءَ جي انهيءَ جذبي جي مڪمل ڪهاڻي آهي.

علي گل عشق کي ڇا ٿو ڄاڻي؟ هو پاڻ ئي جواب ڏئي ٿو:

"آهنو ڏاڍو مزو، هن عشق جي آزار ۾"

عشق اهڙو جذبو ناهي جيڪو پنهنجي مرضيءَ مطابق پاڻ ۾ پيدا ڪري سگهجي يا ان کي موڙ ڏئي سگهجي. عشق ڪڏهن به ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو. بقول علي گل سانگي:

لڳي دل جي وينديِ ڪنهن سان آهي،
ان جي مقابل پري چيز ڇا هي.

پر اها دل لڳندي ڪيئن؟ ڪو ڪنهن جي عشق جي آري ۾ ايندو ڪيئن؟

علي گل پنهنجي ڪهاڻي هن ريت ٻڌائي ٿو:

تير نظرن جا تکا تلوار کان
ڪونه ٿو ڪوئي بچي ان وار کان.

جڏهن نيڻ مليا پوءِ آڻ ميڄي پئي ٿي. علي گل چوائي:

منهنجو تون آن سڄڻ تنهنجو آهيان مان،
ٻيو اڏندو اچي پيو، نه ڇاهيان مان.

هن موڙ تي پهچڻ ڪانپوءِ محبوب جي هر ڪا شيءِ محبوب لڳندي آهي بقول علي گل:

مون کي تنهنجو مٺا ٿو حجاب وڻي..... رکيو منهن تي اٿئي سو نقاب وڻي.

جڏهن انسان جانيءَ ۾ فاني ٿيڻ لڳندو آهي تڏهن پاڻ سان ۽ دنيا سان

هيئن ڳالهائيندو آهي، جيئن علي گل سانگي ٿو ڳالهائي.

پيار ڪر تہ دلربا سان ڪر،
زندگي سان پيار ڪين ڪر.

جڏهن عشق جا الا ڏرتيءَ آسمان کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندا آهن، تڏهن رقيبن لاءِ راهون روشن ٿي وينديون آهن ۽ جڏهن انهن جي دال ڳري تہ پوءِ عاشق جي دانهن علي گل سانگيءَ جي هي لفظ اختيار ڪندي:

چني هن ڇڏيو آ، پين جي چوڻ تي،
نڪي قياس آيس، منهنجي روئڻ تي.

دلبر دور ٿيو يا ڏار ڪيو ويو تہ عاشق جون آهون ۽ دانهون انوکو روپ وٺن ٿيون. ڏسو تہ علي گل سانگي انهيءَ پلصراط تي کهڙيون ۽ ڪيڏيون آهون ڪري ٿو:

سڄڻ ياد تنهنجي ستائي گهڻو ٿي ... منهنجي من ۾ ماتم مچائي گهڻو ٿي.
هيلوڪا نہ وٺيا مونکي وسڪارا... سجا سپ ٿي لڳا، گل ڦل سارا.
رهاڻيون ڪيون مون، ستارن سان ويٺي... ڪهاڻيون ڪيون مون، ڪنارن سان ويٺي.
نہ ٿي ننڊ اچي، نٿو چين ملي ... تنهنجي درد فراق ۾ جيءُ ٿو جلي.
ايندي منهنجا تون يار ڪڏهن ... تڪيان تنهنجا چارا ويٺو مان پيارا.
جي نہ ايندين تون، تو ڏي ايندس مان ... پلي سر بہ وڃي تہ بہ ڏيندس مان.

هي اهوئي موڙ آهي، جتي عاشق کي احساس ٿئي ٿو تہ:

هن "علي گل" عشق جي ... مونکي خبر ني ڪانہ هئي،
چا منجهان ويو چا آ ٿي ... رهيس مان ويچار ۾.

پوءِ ڏيهن کي بہ ڏس ڏبا آهن، جيئن علي گل سانگي ڏئي ٿو:

اهو عشق نہ تُو ڪا راند ايون ... متان هن سان ڪري ڪا کهاند اديون.

علي گل سانگيءَ پنهنجي محبت جي جذبي کي فقط لفظن سان ئي ظاهر نہ ڪيو آهي پر سندس هن ڪتاب جي مٽن ۽ مواد مان هن جونفسياتي جائزو وٺي، انهيءَ جذبن جي حوالي سان هن بابت اجا وڌيڪ چرڪائيندڙ ڳالهيون پڻ ڪري سگهجن ٿيون. مثال طور هن ڪتاب ۾ جن رومانوي داستانن جي جهلڪ ملي ٿي، انهن مان سسئي، مارئي، سهڻي ۽ مومل راڻي جا داستان پين جي پيٽ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ علي گل سانگي انهن ڪردارن جو ويس چو ورتو آهي؟ هن جي معنيٰ اها ٿي تہ علي گل جي شخصيت ۾ اهي چارئي ڪردار موجود آهن.

هو سسئي جيان پنهنجي غفلت کي مڃي ٿو ۽ پنهنجي پنهل تائين پهچڻ جا جتن بہ سسئي وانگر ڪري ٿو. هو پاڻ کي مارئيءَ وانگر حالتن ۽ حادثن جي قيد ۾

محسوس ڪري ٿو پر اهي قيد ۽ ڪوٽ هن کي ماروئڙن جي محبت کان روڪن نہ ٿا. هو معاشري ۽ ريتن رسمن سان ائين بغاوت ڪرڻ گهري ٿو، جيئن سهڻيءَ بغاوت ڪئي. علي گل سانگيءَ جي هيءَ شاعري سندس شخصيت جو اهو رپ پڌرو ڪري ٿي.

شاعر ۽ اديب پنهنجي لکڻين ذريعي ائين ئي پاڻ پسائيندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت ئي پنهنجي داخلي جذبن کي اظهار جو ذريعو بڻائي اجتماعي امنگن ۽ احساسن جي ترجماني ڪندو آهي. پر هر ڪنهن شاعر ۽ ليکڪ وٽ اظهار جا ذريعا پنهنجا پنهنجا هوندا آهن ۽ اهائي ڳالهہ ڪُٽپ پر ايندي آهي. اهوئي ليکڪ، شاعر ۽ اديب مقبول ۽ معروف ٿيندو آهي جيڪو پنهنجو پيغام گهڻي کان گهڻي تعداد تائين پهچائي. گهڻي کان گهڻي تعداد تائين پهچڻ جو طريقو ئي هر ڪنهن تخليق ڪار جي فن جو روپ ٿيندو آهي.

جيئن اڳ پر عرض ڪيو ويو آهي تہ علي گل سانگي پاڻ کي ۽ پنهنجي شاعريءَ کي عوامي بڻائڻ پر ڪامياب ويو آهي. انلاءِ هن بحروزن، رديف قافين ۽ ٻيہ عروضي خواهہ فني لوازمات کي مَمَرَ بڻائي پنهنجي ذات جا ڳوڙا نہ چٽرايا آهن. بلڪ پنهنجي ذات کي فطري طور تي وڌڻ ويجهڻ ۽ مقبول ٿيڻ جو موقعو ڏنو. ان ڪري ئي هن ٻولي نهايت عام فهم، آسان ۽ سليس ڪم آندي آهي. بلڪ اها ٻولي ڪم آندي آهي. جيڪا خاص طبقي يا تعليم زده ماڻهن جي نہ پر عوام جي آهي. مثال طور هي لفظ ڏسو:

جاٽان .... جتان

اهيو ..... اهو

چا ڪان... چاڪئون

پلل....... پليل

سانگيءَ انهن لفظن جو اهڙي تہ نموني استعمال ڪيو آهي جو انهن بدران جيڪڏهن معياري لفظ ڪم آڻجن ها تہ شاعريءَ پر ڪا خاص سونهن پيدا نہ ڪن ها. سانگيءَ پنهنجي ڪلام پر دل ڪولي اصطلاح ۽ پهاڪا ڪم آندا آهن. جنهن ڪري هن جي ٻولي ولايڪ ميناج واري محسوس ٿئي ٿي.

تجنيس حرفي عام ۽ عوامي سنڌي شاعريءَ جي خاص نشاني ۽ خصوصيت آهي. سانگي جي ڪلام پر بہ پاڻ کي تجنيس حرفيءَ جا ڪيترا مثال ملن ٿا:

١ پلي ريل راتيوه، رلي پر تره راتا،

٢. سڪي ساهہ سانگي ٿو سڏڪا ڀري.

٣. سلر سور سر ٿي ڪيم ڪوڙ خواريون.

علي گل عوامي شاعر هجڻ جي ناتي پنهنجي شاعريءَ پر فني نواڻ پيدا ڪرڻ پر بہ ڪامياب ويو آهي. ڏسو تہ ڪيئن نہ هن اندروني قافئي جو پرهڊ ۽

وٺندڙ استعمال ڪيو آهي:

ٿماڻن اکين سان نهارين ٿو مارين
اهي وار ڪارا سنوارين ٿو مارين
اڄ توڪان مٺا موڪلايون ..... وڃان ٿو پڏايون

اهڙيءَ ريت لفظن جي ورجاءَ سان هن پنهنجي شاعري کي نئين سونهن بخشي آهي. هي مثل ملاحظہ ڪيو:

ڪٿي وٽ ڪٿي وٽ، سونهن تي تون سهٽا
پتنگ جيئن شمع تي، پچي ريو، پچي ريو.

"ڪافي" جي صنف پنهنجي فن، موضوع ۽ هيئت جي لحاظ کان هڪ منفرد حيثيت رکي ٿي. سانگيءَ موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان انهيءَ ۾ جدت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪافي:

نئين سال جو نئون سج نروار ٿيو آ،
پريــنءَ جي اچڻ جو اڄ وار ٿيو آ.

انهيءَ سلسلي جوهڪ مثال آهي، هن ڪافيءَ ۾ شاعر روايتن کان هٽي ڪري نئين ڳالهہ ڪئي آهي. بهرحال مختصر لفظن ۾ هن ڪتاب جي مطالعي جو تت اٿين بيان ڪري سگهجي ٿو تہ "پيرين پنڌ ڪندياس" هڪ عوامي شاعر جي عوامي فن ۽ فڪر جو پورهيو آهي. هن ڪلام ۾ شاعر، سندس قوم ۽ دور لئي موجود آهن. امر ۽ لافاني جذبي کي موضوع بڻائي اسان جي هن شاعر فني ۽ فڪري تجربا ڪيا آهن ۽ ڪيترين روايتن نيايون آهن، سندس هي ڪوشش پڪ ٿي پڪ عوام جي امنگن تي پوري پوندي.

ڪوهي جا ڪنيائين، تنهين وک ويجهي ڪئي،
ڇڪي ڇنائيــن، پــنڌ مڙيوئــي پب جو.
(شاھ سائين)

١٢-٥-١٩٩٥ع

بــــدر "اُڄــڻ"
لاڙڪاڻو

ڪافيون

آئون لهنديس وَرُ وجي ووڙي اديون،
منهنجو ڪيرُ لکيو پيو لوڙي اديون.

جبل جهاڳينديس آئون جتن لاءِ،
وينديس ڦوڳ پٽيندي انن لاءِ،
پائي پاند وينديس آئون رنن لاءِ،
من جوڙ وري رب جوڙي اديون.

آهي عشقَ ڇڏايو مونکان گهر،
ڏسان اکڙين سان دل جو دلبر،
ڇڏيو مونکان وڃائي سڪ صبر،
مونکي ماريو پنهل جي وڇوڙي اديون.

عشقَ علي گلَ کي پائمال ڪيو،
”سانگي“ برهه صفا بي حال ڪيو،
پر پنهل نه ڪوئي خيال ڪيو،
مونکي ورهه ويو آ وڪوڙي اديون.

***

٣٠ نومبر ١٩٩٥ع ”خميس“ رجب المرجب ١٤١٦هه
٣ وڳي رات ”دودائي“ لاڙڪاڻو

کيئن پير کيان آئون سنوان وو سنوان،
پار پنهل کي ڪعبو کيان وو کيان.

سور سيني اندر جيڪي سانديا اٿم،
پور پنهل پريـنءَ جا پاليا اٿم،
جيڪي ڳجهه اندر جا ڳوليا اٿم،
سي سارا وجي آئون چوان وو چوان.

آئون اڱهاڙين پيرين وار چڙهل،
۽ اوکيون چاڙهيون جاڙا جبل،
لڄ رکجانءِ منهنجي يار پنهل،
آئون پيش اچي ٿي پوان وو پوان.

’علي گُلَ سانگي‘ سر تتي آهيان،
آئون عشق ٻريل ڏرتتي آهيان،
آئون ورهه ويراڳ جي ورتي آهيان،
کيان پيار پنهل سان نوان وو نوان.

***

پيرين پنڌ ڪندياسَ

۲۴ نومبر ۱۹۵۵ع "سومر" ۴ رجب المرجب ۱۴۱٦هه
۴ وڳي صبح "دوداڻي" لاڙڪاڻو

مونکي پنهل ۾ آهي پڪ اديون
ڪنيو ساڻ وڃان ٿي سِڪ اديون

اٿو سارو سڄو هي ڀنڀور شهر
آئون ته ڪين ڇڏينديس دوست جو در
منهنجو عشق وڃايو آهي ستر
هاڻي ڇا جا آهن لڪ اديون

سڀ هار سينگار سنسار ويا
مونکان دلبر جا ديدار ويا
ڇني ڇا ڪان جت منهنجو پيار ويا
سڀ ڇوهه ڇڏيا تمر شڪ اديون

آهي پريت پنهل جي ڏاڍي مني
جنهن جي قرب ’علي گل‘ دلڙي ڪني
ايندو پاڻ هلي يا ويندو وني
منهنجي ڳالهه مڃيندو هڪ اديون

***

٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع "خميس" ٩ جمادي الاول ١٤١٦هه
١٢ وڳي منجهند مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

پنهل ســان دل لائـــي
ڪـهــڙو ڏوهہ ڪـيـو
پـيـچ پـريـت جو پـائـي

ڏيـــرن ڏور ڪنيـــو آ
پنهل منـهنجو نيـــو آ
مـونکي رڻ ۾ رلائـــــي

وينـو عـشق اندر ڪـي
وڍي مـــاس جگر ڪـي
مُرجـــان جـــان جلائـــي

مـونکي ڪهڙي خبر ڇا
اهڙي ٿيندي مونسان ڪا
نيـٺـــي نيـــر وهـــائـــي

علي گل عـشق اٿـاربو
مـحبت آهـي مـاربـو
مـــولا مــحب مــلائـــي

آهــن پيــر اُڳــهــاڙا
پنــهل تنهنجي پنڌ ۾
جبــــل جــــاڙا جاڙا

عــشق ڪــٺي آ آنــدي
محبت جي آئون ماندي
تــنهنجي سوز جا ساڙا

انـڌر عشق جون باهيـون
پٿيان ڪيئن آئون ساهيون
اوڪــا آهـــن چاڙهــا

جان وجــهي ٿـر جوکي
آئون پڄــان پنـــهل توکي
لــڪ لنـگهــي هي لاڙا

علـي گُلَ "سانگي" انهن جا
جئري جــاني جتـــن جا
ڇڏيان ڪيــئن ٿي پاڙا

****

٥ جنوري ١٩٩٥ع اڱارو" ١١ رجب المرجب ١٤١٣هه
٥ وڳي شام اوطاق ۾ "درداني" لاڙڪاڻو

سرتيون ڇا مان ڏسيان
پاروچو وبو پنيور مان
اديون آئون ڇو نہ ڪسان

جبلن اوچون چاڙهيون
ٽڪريون ٽڪريون جاڙيون
پنهل ڪي مان پڄان
پاروچو وبو پنيور مان

نينهن نهوڙي آهيان
ڪيچ ڏٺيءَ ڏي ڪاهيان
آئون هيڪر هوت ڏسان
پاروچو وبو پنيور مان

"علي گل" ڪيئن هت ويهان
ٿي اوٺر اٿلي پوان مان
آئون واڇوڙو ٿي وڃان
پاروچو وبو پنيور مان

***

٢٠ آگسٽ ١٩٧٦ع "جمع"
٥ وڳي "حب ندي" ڪراچي

تــون پنــهــل پــاڻ ســجاڻ
آئــون اهــائي ڏوپــڻ تنــهنجي
تنهنجــو لڳــي ويــو ٻــاڻ

ڏيندس سرڙو تنهنجي ئي نانءُ
صدقو ٿيندس سر سوڏي آنءُ
جــان ٻــي تــنهــنجــي ڪــان
آئــون اهــائي ڏوپــڻ تنــهنجي

هاڻي ٻنيور ۾ منهنجو چاهي
ويندس ڪيچ تي آخر ڪاهي
ســرتي نــہ ڪـٽــنـديس ســاڻ
آئــون اهــائي ڏوپــڻ تنــهنجي

علي گُلَ "سانگي" باھ پچان ٿي
اڳ پــرو ٿــجاڻ آئون اچان ٿي
آهــيــان مان اڻ ڄــاڻ
آئــون اهــائي ڏوپــڻ تنــهنجي

****

١ سيپٽمبر ١٩٧٦ "جمع"
٦ وڳي صبح "حب ڊيم" ڪراچي

گـهــور پنهل جي گـهـايل آنءُ
ســـورن آهــيـان ســاڙيل آنءُ
پـــورن آهـــيـــان پالـــيـــل آنءُ

مڇ ٻري ٿو من منهنجي ۾، تاب طلب جو تن منهنجي ۾
برهہ جــي آهيان پــاريل آنءُ
ســورن آهيـــان ســاڙيل آنءُ

عشق ڏنو مون شينهن شڪل ۾، نانگ نسورو نينهنُ اصل ۾
اديـــون آهـــيـــان ڪــاڏل آنءُ
ســورن آهـــيـــان ســاڙيل آنءُ

گهوري ڏينديس گهر ”علي گُل“ ، ڪونہ ڇڏينديس در علي گُلَ
مـحـبـت جي هــان مــاريل آنءُ
ســـورن آهيــان ســـــاڙيل آنءُ

***

١٨ فيبوري ١٩٧٦ع ”اربع“
٦ وڳي شام ”حب ديم“ ڪراچي

ور مان پنهنجو ڪونہ ڇڏيندي‌س
ويندي‌س ويندي‌س پنهنجي پنهل ڏي
سرتيون سچ تي سر مان ڏيندي‌س

ويندي‌س وَرَ ڏي آئون اڪيلي، مور نہ ڪٹنديس سَرتي سهيلي
سرتيون جهليو ٿيون نڪي جهلبيس
ويندي‌س ويندي‌س پنهنجي پنهل ڏي

بَرَ جون بلائون بڪيا بگهڙ سي، مر مونڪي ڪائن رڇ گدڙ سي
مڙهہ بہ مان پنهنجو اوڏنهن نينديس
ويندي‌س ويندي‌س پنهنجي پنهل ڏي

علي گُلَ "سانگي" عشق لڳي ويو، لوڪ ڪان رشتو ناتو ٽٽي ويو
بانهي بروچ جي مان ٿينديس
ويندي‌س ويندي‌س پنهنجي پنهل ڏي

***

۸ فيبروري ۱۹۷۶ع "آچر"
۷ وڳي صبح "حب ڊيم" ڪراچي

مـان عــشق ڏنـو اڄ رات اديـون
اهيــو عــشـــق اٿـو آفـات اديون

مٺي مصرن ڪان محبت آ مٺي
جي ٽٽي تہ ڪٽاڻن ڪان بہ ڪٽي
هوندو تن ڪي پتــو جن سڪ آ ڏٺي
اٿـو سـڪ سڄي سـڪرات اديون

جهـڙا اُٺ اوٺي پيي تهـڙا ٻٽـيـا
جهـڙا اوڳا اُٺ تهـڙا اوڳـاٽـا
الائي ڇا ڪـٺون نٽي آنءُ تن ڪي وٽـــا
ڪري جت جتاٽي ويا ذات اديون

منهنجو پنهل علي گل، ڪنهن آ ڏٺو
منهنجي سڄڻ جو "سانگي" ڏس تہ ڏيو
منهنجو زوري جتن، ور آهي نيـو
ويـا اُوٺي اٿـــــي اڌ رات اديـون

***

۳۰ جون ۱۹۷٦ع "اربع"
۷ وڳي شام "حب ڊيم" ڪراچي

اهيو عشق نَتو ڪا راند اديون
متان هن سان ڪري ڪا کهاند اديون

هن عشق جي وبجهو ڪين اچو
متان نينهن ۾ نانگيون ٿي پوءِ نچو
ان عشق جو آهي انکي پتو
جنهن جي پربت پوي ٿي پاند اديون

هي عشق اديون بي حسابي اٿوَ
هي سر ٿو ستي ڪو ڪسابي اٿوَ
ڪوري ماس هڏن تان ڪبابي اٿوَ
سر وڍڻ ڪٽڻ وهواند اديون

ڪري شوق شاهاڻا شڪاري آ
ڪٿي منهنجي اڙي دل ويچاري آ
منهنجي علي گل "سانگي" زاري آ
ڪجو هن سان نہ ڪا هٿ چراند اديون

***



٨ جون ١٩٧٦ع "اگارو"
٥ وڳي شام "حب ڊيم" ڪراچي

اڪــــڙين مـــان گـــهـــڙي آيو... اڪــــڙين مـان گـــهـــڙي آيــو
عـــشق آيـــو مـهـمـان سڏائي
ويـنـــــو دل ۾ گـــهـر آ ٺـاهي
اڪــــڙين مـــان گهـــڙي آيو... اڪــــڙين مان گـــهـــڙي آيــو

پنهل ويو پر پيـار نہ وڃـو.... عـشق وڌڻو آ روح ۾ رنڌڻو
عـــشق چڏيـا هـــن هـــل هلاتي
ويـــنـــو دل ۾ گـــهـر آ ٺـاهي
اڪــــڙين مـــان گهـــڙي آيو... اڪـــڙين مان گـــهـــڙي آيــو

ڪون پتو هو پيار جو مونکي.... جيڏيون جانب يار جو مونکي
عـــشق چڏيا سـپ هوش وڃائي
ويـــنـــو دل ۾ گـــهـر آ ٺـاهي
اڪــــڙين مـــان گهـــڙي آيو... اڪـــڙين مـان گـــهـــڙي آيــو

علي گل ويندس اوڏيهن ڪاهي.... جاتي منهنجو جانب آهي
عـــشق بيـــنـــو آ لاهـــي پاهي
ويـــنـــو دل ۾ گـــهـر آ ٺـاهي
اڪــــڙين مـــان گهـــڙي آيو... اڪـــڙين مان گـــهـــڙي آيــو

****

١ آگسٽ ١٩٧٦ع "آچر"
٩ وڳي "ديمر ڪان ڪراچي ويندي"

اوني هلجانءِ تون هـوريان... اوني هلجان تون هوريان
پـڇـان آئون پنــهل ڪــي
پـڇـان آئون پنهـل ڪــي
اوني هلجانءِ تون هـوريان... اوني هلجان تون هوريان

جت ڇڏي وبـا جوءِ ڪــي... جيـڏيون جيءَ ڪي جهـوريان
رولــي ويــا ڇــو رڏل ڪــي
پــڇـان آنءُ پنــهــل ڪــي
اوني هلجانءِ تون هـوريان... اوني هلجان تون هوريان

پنهل پيــار تنهنجي ڪي... تڪــيــون ٿي آئون توريان
ڳــولهــان ٿــي آئون ازل ڪــي
پــڇان آئون پنــهــل ڪــي
اوني هلجانءِ تون هـوريان... اوني هلجان تون هوريان

”ســانگي“ ســارا سـور ڪنيـو... وڪـون اڳتي ســوريان
ڏســـي ڏيـل جبـل ڪــي
پــڇان آئون پنــهـل ڪــي
اوني هلجانءِ تون هـوريان... اوني هلجان تون هوريان



***

۲۰ آگسٽ ۱۹۷۶ع ”جمع“
۵ وڳي صبح ”حب ديم“ ڪراچي

مونکي ويا ڇو ڇڏي وو ڇڏي
جوڳيئڙا ويا جبل جي پاسي

ڏيئي ويا مـونکي عـشق اري ۾، باھ ڏئي ويا ڪکن ڪـري ۾
گوندر ۾ ويا گڏي وو گڏي
جوڳيئڙا ويا جبل جي پاسي

ڪيئن ٿي ويهان مات ڪري آئون، پاڻ کي ويهان ڪات ڪري آئون
سڪ تني جي سڏي وو سڏي
جوڳيئڙا ويا جبل جي پاسي

ميڙون ڪندس منٿون تن کي، پرچائي ايندس جيڏيون جتن کي
ويندس تن جي تڏي وو تڏي
جوڳيئڙا ويا جبل جي پاسي

عشق ڪنيو آ اڇي علي گل کي، نينهن نيو آ نچي علي گل کي
لاهوت ويا سي لڏي وو لڏي
جوڳيئڙا ويا جبل جي پاسي

***

۱ ڊسمبر ۱۹۷۵ع "سومر"
۷ وڳي شام ڪراچي

مونکي ڇڏياٿون ڇني وو ڇني
آئون ڪيئن ويهان ور کي وساري

آئون هت ويهي گـلا ۾ گـڏجان، ور هوندي آئون بي ور سـڏجان
ڪيـئن آئون ٿـيـنديس رني وو رني
آئون ڪيـئن ويهـان ور کي وسـاري

جهر جهنگ مان آئون رلندي رلندي، بر جبل مان روئيـندي رڙندي
نيٺ تہ ٿـيـنـدس پني وو پني
آئون ڪيـئن ويهـان ور کي وسـاري

تر پي تن تي تاب نہ ڏينديس، طعـام نہ تن جا آئون طلبـينديس
ڳيـڙو کـائيـنديس پني وو پني
آئون ڪيـئن ويهـان ور کي وسـاري

علي گل ”سانگي“ انگُ سجاٿي، پنهنجو بلوچا ننگُ سجاٿي
ويندا وني هـــيءَ وني وو وني
آئون ڪيـئن ويهـان ور کي وسـاري

***

۲ جنوري ۱۹۷۶ع ”جمع“
۶ وڳي شام ”حب ڊيم“ ڪراچي

ڪيڙس چاهه چري چري،
ويندس يار مري مري،
پنهل پڇان شل پنڌ ۾.

باهه ٻنيور جي ٻونءِ ڪي،
جت ڇڏي ويا جوءِ ڪي،
هينئڙو پيو آ ڏري ڏري.
پنهل پڇان شل پنڌ ۾.

عشق سندي هن سوز ۾،
محشر واري روز ۾،
ناهي فرق ذري ذري.
پنهل پڇان شل پنڌ ۾.

علي گلَ عشق جي انڌ ۾،
"سانگي" سڪ سنڌ سنڌ ۾،
پارڻ منجهه ٻري ٻري.
پنهل پڇان شل پنڌ ۾.

***

٢٣ جنوري ١٩٧٦ع "جمعو"
٧ وڳي شام "عبدالله شاهه غازي" ڪراچي

آئون ٿي وڃان، هت ڪينن رهان مونکي،
ٻاروچل ويو ٻاري.
مٿل ڪي ويا ماري.

جت جڏيءَ سان جيڏيون ڪري ويا،
قهرُ ڪري ويا ڪيڏيون ڪري ويا،
ڏکن ۾ ويـــا ڏاري
ٻاروچل ويو ٻاري.

دکي دل جون دانهـــون دم دم،
ڪوڪون منـجهـــون آهون دم دم،
ڪن پون ڪوهياري.
ٻاروچل ويو ٻاري.

عـلـي گُلَ مـونکي ڪيـن ڇڏيندا،
وٺـي مـونکـي واٽ تـان ويندا،
لڳس جن جي لاري.
ٻاروچل ويو ٻاري.



****

۱۲ نومبر ۱۹۷۹ع "جمع"
۶ونگي شام "حب ڪنال" ڪراچي

آئون جبل جهاڳيندياس،
پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ، پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ،
آئون ڇوڙي وار ويندياس.

پنهل پنهل ڪندي ڪيچ ڏي ويندس،
ميار پنهل جي مور نہ ڪٽندس،
آئون لوچي وجي لهندياس.
پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ، پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ،

ويندس پنهنجي ور ڏي واهي،
ڪيچ ڏٺي ڏي ڪيچ ڪي ڪاهي،
نيٺ وجي توڙ ڪندياس.
پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ، پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ،

علي گل "سانگي" سڙي ٿو سينو،
رت وهي يا وهي پسينو،
آئون جُتي ڪانہ ڪندياس.
پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ، پيرِ اگهاڙا پنڌ مِ،

***

۱۲ ڊسمبر ۱۹۷٦ع
۵ وڳي شام حب ندي وڏي جبل مٿان

تــــوڏن جـــــي ڏـــي تيـــاري،
مـــون ڪئـــي ننـــڊ آ پـــيـــاري.
مـــون ڪئـــي ننـــڊ آ پـــيـــاري.

جسين جاڳيس جوءِ مـــٿي ويا ،
پنهل ڪسي مونڪان گوءِ ڪٿي ويا ،
ڏاڳـــهـــن تـــي ڪـــئـــي ڏيـــاري.
مـــون ڪئـــي ننـــڊ آ پـــيـــاري.

ياءُ ڪـــي يائيـــن جـــت وڻـــي ويـــا ،
مون تہ نڏر ڪي تڏهن ڇڏي ويا ،
ڏوبـــڻ هـــيـــــس آئـــــون ڏاري.
مـــون ڪئـــي ننـــڊ آ پـــيـــاري.

علي گُلَ "سـانگي" ريس نہ هلجي،
عـشق سـان ڪائي هيس نہ هلجي،
تـــوبـــهہ آ مـــنهـــنجـــي زاري.
مـــون ڪئـــي ننـــڊ آ پـــيـــاري.

***

۸ آڪٽوبر ۱۹۷۶ "جمع"
۷ وڳي صبح جو ويهر

سِـــرَ جـا ســانــگـا لاهِ،
نينـهُن نـدوري نانگـن سان ٿـي.

وَرُ وڇايـئـي پنهنجـي هٿـن ســان،
ڳولهـ پنهل وڃي پنهنجي اکين ســان،
نينهن نيـاپي ناهِ.... نينهن ندوري.

ڪونهي ڪـوئي ٻانهـ ڪـو ٻيلي،
ســاٿ نـه ســاٿي ســر اڪيلي،
منزل پنهنجي ڪاهِ .... نينهن ندوري.

جـُـتي جـت ڏي لاهيـــون وڃـجانءِ،
پـــانـد ڳـچيءَ ۾ پـايـون وڃـجانءِ،
وس وڏا ڪري ناهِ..... نينهن ندوري.

ڏيـ ڏيـــوڙيـــون ليـــون ۽ لاڙيـون،
پنڌ پـهـــاڙي اوڪـــيـــون چاڙهـيـون،
"سانگي" سندرو ساهِ.... نينهن ندوري.

***



ا جنوري ١٩٨٩ع "آچر"
٥ وڳي شام "آمري" دادو

وڙ ريءَ ڪين وران وو وران مان،
اوهين وريتيون موتو ماڳين.

چوٽ جبل جي چڙهندس چوٽي،
مور نہ ايندس ماڳين موٽي،
پل جي موت مران وو مران مان.

واقف نا وٽڪار سهي،
ويندس توڙ تي ڪيچ ڪهي،
سوزن ۾ پئي سڙان وو سڙان مان.

مونسان ڪري وبا جت جتاٽي،
ٽيندو پنهل منهنجي سڌ ۾ ساٽي،
رَندن ۾ پئي رڙان وو رڙان مان.

عشقُ علي گُلَ "سانگي" آيو،
سورن ڪيئڙو ساجهر سعيو،
ڪيئن ٽي قولِ قرار ووقرار مان.

***

۲ جنوري ۱۹۸۹ع "سومر"
۷ وڳي شام "مانجهد" دادو

جــــت جنـــاڻـــي ذات الا،
مــون ســان ڪري ويا رات الا.

ننـــڊ نهــوڙيو يــڳا يڳوڙا،
جڙي جــدا ٿــي ويــٺا جوڙا،
اُٿـــــي ويـــــا اڌ رات الا.

پنهل نيــائون مــونکي نين ها،
ننگي هجن ها ڪين ڇڏيـن ها،
بــر ۾ ڪـئـيـون بـارات الا.

اُٿــي ڏٺــم هــو بســتر خالي،
هار ســينگار وئي ڪاڏي لالي،
پـــرهــ ڦـــٽـي پريــات الا.

عشق "علي گُلَ" آهي آڙانگو،
نينهن ڪري ٿو شرطئون نانگو،
ســــورن جـــي ســوغات الا.

***



١٣ جنوري ١٩٨٩ع "جمع" ٥ جمادي الاول ١٤٠٩هہ
٥ وڳي شام شاهہ اويس دادو

صبح اٿـــي جـا سوير،
پـر ۾ پـورل ڪـونہ ڏٺـائين،

واڪا ڪندي هوءَ نار جو ويٺـڙي،
پيـرين پيـادي پنـڌ جو پيڙي،
ڪٽي پنهل جا پير... پر ۾ پورل.

بـرهہ بچايس بـاري ڪـا ٻُڪَ،
جيـئڙو جلايس جانب جي جڪ،
درد اندر ۾ ڍير... پـر ۾ پـورل.

هن سـان ويئـڙا ڏير ڪري جو،
اهڙي ڪنهن سـان ڪير ڪري جو،
ڏاڍي ڪري ويس ڏير... پر ۾ پورل.

نـــڪتـــي آ نروار ٽـي بر ڏي،
ڇتـا ڇــوڙي پنهنجــي ور ڏي،
آهي ڪميٽي ڪير... پر پورل پر.

پل پل ماري پورن "سانگي"
سفر تي چاڙهي سورن "سانگي"،
وٽڪاريءَ جا سير... پـر ۾ پـورل.

***

١٣ فيبروري ١٩٨٩ع ٧ "سومر" جمادالثاني ١٤٠٩هہ
٦ وڳي صبح درياهہ تي مانجهند دادو

آئون تـــي وڃـــان وٺڪـــار ڏي
ووڙيندي پنهنجي ور کي ... الا

مـرڻ جيـئڻ جي ناهي مـون وٽ
مون تہ مٿيءَ جو لوڙهہ اٿي لٽ
ڪنيون ترڪي تي سر کي ... الا

ڇاجو پردو ڇا جون ڳالهــيــون
منهنجو ٻروچ سان آهن ٻوليون
لاٿـو سـور سـتـر کي... الا

نيت سـچاٽيندو پنڌ پيرين هو
ٻاجهارا ڪا ٻاجهہ ڪرين تون
ڪندا نيڪ نظر کي ... الا

پنهنجي پنهل ڏي وينداس وينداس
علي گل "سانگي" ڪين ڇڏيندس
دلبـــر جي آئون در کي ... الا

***

١٤ مارچ ١٩٧٦ع "آچر"
٥ وڳي شام "هوري باغ حب" ڪراچي جو ويج

ڪاهيون وڃان تي ڪيچ ڏي
ڏونگر آئون ڏوربندي ڏوربندي

پنڌ پهاڙي پيرين اگهاڙي
ساري آهيان سورن ساڙي
لڪن مان لوڙبندي لوڙبندي

جهورن جهوربو جيءَ جگر جو
بر ۾ پلاڻن سان هي اندر جو
حال وڃان اوربندي اوربندي

سڪ سڄڻ جي سيني سمائي
ڪندن ڪرڙن ڪاڻ نہ ڪائي
پپ مٿان ڪوڙبندي ڪوڙبندي

"علي گل" پيل آ سڪ جو سڄڙو
نينهن پروڄ سان آهي لڄڙو
وَر پنهنجو ووڙبندي ووڙبندي

***



٢٣ مارچ ١٩٧٦ع
٥ وڳي شام "حب ڊيم لاهوت واري دڳ تي

ٻروچن جون ٻوليون، مون نہ سمجھون رات،
مون نہ سمجھون رات، ويا اٿي آڌيءَ رات.

وڏي مهل ساري، ويا اٿ اٿاري،
منهنجا سور ٻاري، پيو پٽو پرڀات.
ٻروچن جون ٻوليون، مون نہ سمجھون رات،

آڌي رات اٿيسون، ڳڏي پنهل ويسون،
نڪي سسئي نيسون، مونکي ڪانہ پئي تات.
ٻروچن جون ٻوليون، مون نہ سمجھون رات،

ڏاڍن ڏيرن جي، واڍن وېرن جي،
جيڏيون جتن جي، اٿو ڏاڍي ذات.
ٻروچن جون ٻوليون، مون نہ سمجھون رات،

”علي گُلَ“ هو ٿيندا، ايل اڳ تي ايندا،
هو وٺي ساڻ ويندا، ڏيندن ڏاتر ڏات.
ٻروچن جون ٻوليون، مون نہ سمجھون رات،

***

١٢ اپريل ١٩٨٩ع "آچر"
٧ وڳي شام ڄامشورو

عرض ڪيان ٿي روئي چوان ٿي،
هتڙا ٻڌان ٿي هزار... وو يار
درد جو دارون ڪونہ ڪيو ٿي.

درد منديءَ کي دوست دلاسو،
پرتئون پياربو تن آ تاسو
قربئون ڏي ڪو قرار... وو يار

آهيان سورن جي آئون سازي،
پاند ڳچيءَ ۾ پيربن اڳهاڙي،
تو در آيس يار... وو يار

هن تہ جڏيءَ جو جيءُ جڙائي،
اکڙين جا ٻئي عين اڙائي،
موهيو من منٺار... وو يار

علي گل "سانگي" ڪاڏي ويندس،
در دلبر جو ڪين ڇڏيندس،
توڙي ڏکي ڪن ڏار... وو يار

***

١٩ اپريل ١٩٨٩ع "آچر"
٦ وڳي شام حيدرآباد

جن لاءِ آئون مران ٿي،
سي ڪلهي ٿين شل ڪانڌي.

آهيان محبت جي آئون ماري،
پائي پاند ڳچيءَ ۾ ڳاري،
جن جي پيش پوان ٿي.
سي ڪلهي ٿين شل ڪانڌي.

عشق جون الفيون پائي،
سڪ سيني منجهه سمائي،
واڳون واري وران ٿي.
سي ڪلهي ٿين شل ڪانڌي.

آهيان آئون علي گُلَ آجي،
ڇا ڪندا ملان ۽ قاضي،
”سانگي“ سوز سڙان ٿي.
سي ڪلهي ٿين شل ڪانڌي.

****



٢٧ جنوري ١٩٨٩ع ”جمع“
٥ وڳي شام ڪاٺوٽ دادو

مـون وٽ حـشــر هلايون،
يــار وجــي ٿــيــو ياڪي،
آهــي بـچــو ڇــا باقي.

آهي دوست بنا در ڪيهو،
اڄ خالي رهيو منهنجو پيهو،
روح اسان جــو رنـجايــون.
يــار وجــي ٿــيــو ياڪي،

نڪي صـورت منجهہ سـجاتو،
هيو مون نہ اڳي ڪو ڇاتو،
ڪـنڌڙا ڪلف ڪٽــايـون.
يــار وجــي ٿــيــو ياڪي،

آهي علي گُلَ عـشق هي اوڪـو،
ناهي "سانگي" سر ڏيڻ سوکو،
مــاتم هينئــڙي مـچايون.
يــار وجــي ٿــيــو ياڪي،

○○*



٢٠ جنوري ١٩٨٩ع "جمعو"
١٠ وڳي لڪي چشمو دادو

سي ڪيئن سرمو پائيندي يون،
جيڪي ويٺيون نير وسائن،
سي ڪيئن لاليون لائيندي يون.

جن جي اندر ۾ عشقُ اچي ٿو،
ناچوءَ وانگي نينهن نچي ٿو،
سي ڪيئن پاڻ لڪائيندي يون.
جيڪي ويٺيون نير وسائن.

اٽڪل بازي عشق نہ ڄاڻي،
محبت ڪي ٿو ڪو ڪو ماڻي،
سي ڪيئن برهہ پلائيندي يون.
جيڪي ويٺيون نير وسائن.

سڪ نہ آهي "سانگي" سولي،
عشق سان ڪر تون ٻانهپ ٻولي،
سي ڪيئن حڪم هلائيندي يون.
جيڪي ويٺيون نير وسائن.

****

٢٤ جنوري ١٨٨٩ع "جمعو"
٥ وڳي شام لڪي شاهه صدرالدين دادو

ڏسي ڏوهہ ڏران ٿي،
مون ۾ عيب هزار،
ماندي موت مران ٿي.

ستر ڪر تون ستار،
مون ڏي آهي ميار،
واڳون واري وران ٿي.
مون ۾ عيب هزار.

واهہ نہ ڪائي واهي،
مان قاتل آهيان قاهي،
جيئن جيئن آئون چران ٿي.
مون ۾ عيب هزار.

علي گُلَ مفت نہ ماريو،
"سانگي" تار مان تاريو،
سورن منجهہ سڙان ٿي.
مون ۾ عيب هزار.

***



١٩ مارچ ١٩٨٩ع
٥ وڳي شام سيوهڻ شريف

آئــــون اُگـهــاڙي آهـيــان،
ڍڪــج ڍولــڻ ڍڪ ڏئــي الا،
توکي ويٺـي تــي ٻاڏايان.

ڏوهـ نـ ڏسجاڻ منهنجا الا،
ڳُـڻَ ڪجــاڻ پنـهنجا الا،
تو مـان اميـد نـ لاهيـان.
ڍڪــج ڍولــڻ ڍڪ ڏئـي الا.

انصافَ ڪندي آئون ڪونـ چئان،
ٻاجهـ تي تنهنجي مـان منگان،
پــانـد ڳــچـيءَ ۾ پايان.
ڍڪــج ڍولــڻ ڍڪ ڏئــي الا.

علي گُلَ آهيـان عـيبن هاڻي،
"سانگي" چوي تون سڀ ڄاڻي،
تنهنجي اڳيان مان ڇاهيان.
ڍڪــج ڍولــڻ ڍڪ ڏئــي الا.

****

۴ ڊسمبر ۱۹۷۸ع "سومر" ۳ محرم ۱۳۹۸هـ
۱۱ وڳي رات سينٽرل جيل سکر

منهنجا جهانگي جهنـا هوندا،
رات ســاري رنــا هوندا،
رات ســاري رنــا هوندا.

منهن مٿو هو پٽيندئيون هونديون،
غريبڻ سان ڪيون تو ڪيڏيون،
چــوڙي چـــتا چنا هوندا.

گــلا ڪــيڏي ابــاڻــن تي آ،
آئـــي منهـــنجي اياڻــن تي آ،
ڪيــڏا جڳ ۾ ڪِنا هــونـدا.

سڄي اکڙيون پيــون پيي هونديون،
جڏهن سرتيون رنيون ويهي هونديون،
ٻَــل ٻَــوڙهـــن يــنـا هوندا.

وينا پٽر ڪيون هوندا سانگي،
منهنجا جهنگ جا هو جهوڙا جهانگي،
نڪي چاڙهيــا ڪُنا هونـدا.

***

٥ جون ١٩٧٩ع "آڱارو" ٩ رجب ١٣٩٩هه
١٢ وڳي رات سينٽر جيل سکر

وچڙي ڪيـن وچـن، منهنجا مارو،
مـوٽـي شـال اچن، منهنجا مـارُو،

ٻن ڏٺي ساڙيان محل هي ماڙيون،
وٽن ٽيون ڪڪايون جهوپڙيون پراٽيون،
جتي راتيـون رهن، منهنجا مـارُو.

پٽ پوشـاڪون ڪيئن مـان پايان،
لـوئـي ابـاڻـي، لاهـي لڄايان،
چگو ڪيـن چـون، منهنجا مـارو،

ليـڙون ٽي ويـٺـڙا لٽـڙا هوندا،
ڪيـر انهن لاءِ ڪـٽـڙا هوندا،
توڙي پاڻ ڏهن، منهنجا مـارُو.

علي گلَ ايندا، ڪين ڇڏيندا،
نيٺ ته ”سانگي“ ماڳين نيندا،
ڇو ٿا ڏينهن وڃن، منهنجا مارُو.

***

۴ جنوري ١٩٧٩ع ”خميس“ ۴ صفر ١٣٩٩هه
۵ وڳي صبح سينٽرل جيل سکر

مونسان ڪين رسن، منڙا مارُو،
مون سان شال ملن، منڙا مارُو.

پٽ پوشاڪون ٻن ڏيئي ساڙيان،
ساڳ سڪل سان پلاءَ نہ پاڙيان،
لوٽڪ پيا چاڙهن، منڙا مارُو.

اُت پلاٽي ڏوٿي ڏاڏاڻا،
سانگ تي ساهن منهنجا اباڻا،
لاڏو لڏ ڪٽن، منڙا مارُو.

ڀرت ڀٽن تي ٻيرن پلڙا،
چڙي شوق مان سي نندڙا چيلڙا،
ڪيڏي ڪپ چرن، منڙا مارُو.

علي گُلَ "سانگي" پنهنجي ڪکن ۾،
جهوپڙيون پراڻيون پنهنجي ڪکن ۾،
سمهيو پٽ پون، منڙا مارُو.

***

٥ جنوري ١٩٧٩ع "جمع" ٥ سفر ١٣٩٩هہ
٥ وڳي شام سينٽرل جيل سکر

اڄ رات عــمــر مــون ڏٺـا مــارُو،
مون ســان ڪلن ملن پيــا مــٺـا مــارُو.

چوي ڪبير ٿو مون ڪان رسي ويا هن،
سانگي سانگ تي ساوا اٿي وياهن،
مــونڪان موران نــاهن رٺــا مــارُو.
مون ســان ڪلن ملن پيــا مــٺـا مــارُو.

هــڪ جيڏن ويهي مونسان حال ونديا،
مان پيي سور سليا جيڪي ها سانديا،
هــيــا ٿــرتــي ميــنهن وٺا مارو.
مون ســان ڪلن ملن پيــا مــٺـا مــارُو.

اڄ علــي گُلَ پنهنجا اباڻا ڏٺم،
مــال چاربندي مــان باباڻا ڏٺم،
چوي "ســانگي" سنن ڪان سنا مــارو.
مون ســان ڪلن ملن پيــا مــٺـا مــارُو.

***



٧ آگست ١٩٨١ع "جمع" ٥ شوال ١٤٠١هه
٧ وڳي صبح بنگو يت تي خيرپور

ڪانگا وڃــن پــيا ڪيون اڄ قطارون،
منڙن مارن ڏي مڪيون تم ميارون.

ڪيم ڏوهہ ڪهڙو وسـاري ڇڏيو ٿوَ،
منهنجو وس نہ ڪوئي ڏڪاري ڇڏيو ٿوَ،
پڇن شـال منهنجون توهان تائين پڪارون.
منڙن مارن ڏي مڪيون تم ميارون.

قابوڪوٽ ۾ بند آهيــان آئون قــيــدياڻي،
مڃيندس نہ آئيون سچي آئون سانگياڻي،
وڄجي ماس وبندو ٿيان ڦارون ڦارون.
منڙن مارن ڏي مڪيون تم ميارون.

علي گُلَ اباڻا ويهان ڪيئن وسـاري،
روئان راتيـان ڏينهان وبئي نيـر هاري،
آهن روز "سانگي" سـاهہ منجهہ سـارون.
منڙن مارن ڏي مڪيون تم ميارون.

***

١٢ مئي ١٩٩٤ع "جمع" ١ ذالحج ١٤١٤ھ
٧ وڳي شام "دودائي" لاڙڪاڻو

منهنجي نت اباڻا ڪٽي رات آيا،
وبهي نڪ نوٽيائون شاديءَ جا سعيا.

روئيندي ڏسان ٿي سڪ ۾ سي سرتيون،
پلو ڏيئي پنهنجا وجن ٿا پيا ورتيون،
هشايل ولر ها سي انڙا اُٿايا.
وبهي نڪ نوٽيائون شاديءَ جا سعيا.

عمر ياءُ تون منهنجو آهيان پيڻ تنهنجي،
منهنجا تاڪ تر تي منهنجوڪيت ور ٿي،
نندي پڻ ۾ منهنجا اهي پيچ پايا.
وبهي نڪ نوٽيائون شاديءَ جا سعيا.

اباڻا علي گُلَ "سانگي" منهنجا ايندا،
مون کي جهانگي جهنگ جا وني نيٺ ويندا،
مسڪين مارو رڳو ڏاءَ ڏايا.
وبهي نڪ نوٽيائون شاديءَ جا سعيا.

***

١٠ مارچ ١٩٧٥ع "سومر" ٢٦ صفر ١٣٩٥هه
٦ وڳي صبح "دوداڻي" لاڙڪاڻو

وسري ڪين وجن، منهنجا مارُو،
پل پل ياد پون، منهنجا مارُو.

ڪڪر ڪوهيڙا ڪيڙو وجن ٿا،
ڪوٽن جا گجگوڙ ٻجهن ٿا،
جتي مينهن وسن، منهنجا مارُو.
وسري ڪين وجن، منهنجا مارُو.

ڦٽا گاه هوندا بڪڙا پٽن تي،
للر لونگ لاٽيون ٿوه پٽن تي،
چُڙي چيلا چرن، منهنجا مارُو.
وسري ڪين وجن، منهنجا مارُو.

آئون ٿي علي گل ساربان "سانگي"،
تر ۾ رهن ٿا جهونڙا جهانگي،
اُتي پيرون پچن، منهنجا مارُو.
وسري ڪين وجن، منهنجا مارُو.

****



١٠ مارچ ١٩٧٥ع "سومر" ٢٦ صفر ١٣٩٥ھ
٧ وڳي شام "دوداڻي" لاڙڪاڻو

ويـنـي واجهايان ٿي وات، عمر،
نـيـٺ تـہ ايـنـدا مائٽ، عمر.

لـڄ رکـنـدو رب ٽيندو ساٿي،
سـچي آهيان آئون سانگياڻي،
ڇـا هـن ڦاسـي گهاٽ، عمر.

عـرش اڏاٽيـون آهون انهن جون،
کيهون ريهون دانهون انهن جون،
رئـنـدن جـا ريـهـاٽ، عمر.

وچ گـهـر ۾ ويـنـيـون ٽي زالون،
نياڻن سان نہ ڪر نينهن جون ڳالهيون،
عـورت سـان ايڏي آٽ، عـمـر.

مينهڙا وسـن ٿا ٿر ۾ ٻڏان ٿي،
مـال چـرن ٿـا ٻـر ۾ ٻڏان ٿي،
ٻـڪـرن جـا ٻيڪـاٽ، عمر.

علي گُلَ ”سانگيءَ“ سانگن جي آنءُ،
ڪـيت جي ٽـيل مـان نندي پڻ ڪـان نانءُ،
آهـيـان ڏنـل اڳـواٽ، عمر.

***

پيربن پنڌ ڪنڊياس

۱۴ جولاءِ ۱۹۷۵ع ”سومر“ ۴ رجب ۱۳۹۵هہ
۵ وڳي صبح ”دوداڻي“ لاڙڪاڻو

منهنجا مارُو مونسان رُٺا، ڪيئن نہ هوندا،
سوبن سور سر تي سٺا، ڪيئن نہ هوندا.

خبر ناهي تن جو ڪهڙو حال هوندو،
غمن گوندرن ۾ گذر ڪهڙو ٿيندو،
وبا ٿي تہ ليڙون لٿا، ڪيئن نہ هوندا.

مارو مال چارن ڪري پيا تنوارون،
هونديون ڏٺن پوبان ڏٺن جون قطارون،
مگر ڪير تن جا ڪٿا، ڪيئن نہ هوندا.

ڪهڙو ڏوهہ منهنجي منٺڙن مارن جو،
آهي ست نہ تن ۾ ايڏن سورن جو،
پربون باهيون تن لاءِ ٻنا، ڪيئن نہ هوندا.

هوندا ٿر مٿاهون ولڙن جا پوٺا،
للر لونگ لاٽيون ڦٽا، هوندا ڦوٽا،
مٿان مينهن مارن وٺا، ڪيئن نہ هوندا.

سڄڻ منهنجا "سانگي" ڏوٿي ڏاڏاٽا،
هوندن گلا ڪان ڪنڌڙا ڪوماٽا،
منهنجي ڪاڻ مارو مُٺا، ڪيئن نہ هوندا.

***

۱۲ آڪٽوبر ۱۹۷۵ع "آچر" ۵ رمضان ۱۳۹۵ھ
۵ وڳي صبح "دردائي" لاڙڪاڻو

منهنجا مارو اباڻا، مون سان شال ملن،
مون سان شال ملن، پيرو ڪين پڇن.

پلاءُ نہ پاڙيان ساڳ سڪل سان،
لوڙڪ لڙيون چاڙهن، پيرو ڪين پڇن.
منهنجا مارو اباڻا، مون سان شال ملن.

اُتــڙن تــي هـــو منهنجا اباڻا،
پڙيون گاهہ ڪٽن، پيرو ڪين پڇن.
منهنجا مارو اباڻا، مون سان شال ملن.

ڇيلڙا پنــهـنجي شــوق منجهــاران،
ڪپ ڪوراڪ چرن، پيرو ڪين پڇن.
منهنجا مارو اباڻا، مون سان شال ملن.

علي گُلَ ”سانگي“ پکن ڪکن ۾،
سمهيو پٽ پون، پيرو ڪين پڇن.
منهنجا مارو اباڻا، مون سان شال ملن.

***

پيرين پنڌ ڪندياسُ

۱۲ جولاءِ ۱۹۹۰ع ”خميس“ ۱۸ ذوالحج ۱۴۱۰هہ
۵ وڳي صبح ”نئون جيل“ لاڙڪاڻو

منهنجا مارُو مونکي وينا ڇو وساري،
خبر ناهي ڇاڪان، ڇڏيئو دل تان واري.

گهڙي هڪڙي گهارڻ، رڳو باھ پايان،
ڪوري ماس پنهنجو، اندر پئي ٿي ڪانوان،
سڪي ساھ ويو آ، نهاري نهاري.

ڪُنو قرب ڪاهي، قربن جي آهي،
راتيان ڏيهان لوري، غربن جي آهي،
ٽڪيس روئي روئي، ڪانگا اڏاري.

سڄڻ سور ڏئي ويا، پايان پاڳ پنهنجو،
ڪيو قيد قسمت، ناهي ڏوھ ڪنهنجو،
روئان رت ڦڙا ٿي، اکيان آب هاري.

علي گُلَ مان "سانگي"، سڄڻ پئي ٿي ساريان،
منا مارو منهنجا، سي ڪيئن وساريان،
وڏو جيءَ کي جهوري، ڳڻتن آ ڳاري.

***

١٣ جولاء ١٩٩٠ع "جمعو" ١٩ ذالحج ١٤١٠ھ
٧ وڳي شام "نئون جيل" لاڙڪاڻو

اجهـــو اوڻـر اچڻ وارو آهي،
ايندا ڏوٿي ڏاڏاٿا هو ڪاهي.

عـمـر تـوڪــي چـوٽ ڏيندا،
نــيــٺ مــارُو مــوت ڏيندا،
هاٿي بيهندا صفا لاهي پاهي،
ايندا ڏوٿي ڏاڏاٿا هو ڪاهي.

ميـنهـن وسـنـدا گـاهـ ڦٽندا،
ڏڪ وبــنــدا وري ياڳ ورنـدا،
منهنجو چاهـ جيڏن کي تـو چاهي،
ايندا ڏوٿـي ڏاڏاٿا هو ڪاهي.

دل نہ هاريم سهٽا ”سانگي“،
جهر جهنگ مان ايندا جهانگي،
سڪ سانگن جي مونکي ٿي ساهي،
ايندا ڏوٿي ڏاڏاٿا هو ڪاهي.

***

١٤ آگسٽ ١٩٨١ع ”جمع“ ١٤ ١٣ ١٤١٣هه
١٢ وڳي منجهند ”دوداڻي“ لاڙڪاڻو

ڇڏي ويا ڇڏي ويا منهنجو ملڪ مارون،
لڏي ويا لڏي ويا وجهان وٺي ڦارون.

منا ٿر جا ٿوهر ٿوهر پٽن جا،
ماڪيءَ جهڙيون لارون...وجهان وٺي ڦارون.

پنهوارن جي پاڙي سانگن کي ساري،
مُنجان ٿي ميارون ...وجهان وٺي ڦارون.

اڏاٿيون ملير ڏي ڪونجان وجن ٿيون،
ڪيون اڄ قطارون ... وجهان وٺي ڦارون.

اکيرون اندر ۾ لکيرون نظر ۾،
تن من ۾ تارون ... وجهان وٺي ڦارون.

ٻڌن ڪين ڪوڪان ڪيان وٺي جن ڪان،
پڄن ڪين پڪارون ... وجهان وٺي ڦارون.

”علي گل“ انهن سين، سهڻن سانگن سين،
ساهه منجهه سارون ...وجهان وٺي ڦارون.

***

١٥آگسٽ ١٩٨١ع ”چنچر“ ١٣ شوال ١٤٠١هه
٧ وڳي شام ”ينگ ويٽ تي“ خيرپور

منهنجا عمر مارُو ايندئي... منهنجا عمر مارو ايندئي،
ڏاڍا ڏاري ويندئي،
باهيون ٻاري ويندئي.

ويندئي ويل ٻـ هاري ... ويندئي ويل ٻـ هاري،
متيون ماري ويندئي،
باهيون ٻاري ويندئي.

ڪامي ڪم نـ ايندئي ... ڪامي ڪم نـ ايندئي،
ڳـٺـتـيـون ڳاري ويندئي،
باهيون ٻاري ويندئي.

لانگها لڪ سي لانگهي ... لانگها لڪ سي لانگهي،
جهانگي جهاڙي ويندئي،
باهيـــون ٻاري ويندئي.

علي گُلَ "سانگي" ساوا ... علي گُلَ "سانگي" ساوا،
سُڪا ساڙي ويندئي.
باهيون ٻاري ويندئي.

پيرين پنڌ ڪندياس

***

١٦ جون ١٩٨١ع "آگارو" ١٢ شعبان ١٤٠١هـ
٧ وڳي شام "بنگو يت تي" خيرپور

عـمـر مـارُو منهنجا اياڻا اياڻا،
جن جو ننگ نيـو تي نماڻا نماڻا.

عمر دانهـون تن جون اُڏي عرش وينديون،
نڪي تخت تنهنجو نڪي بخت رهنديون،
ڪندا ڪوڪان آيا اباڻا اباڻا.
عـمـر مـارُو منهنجا اياڻا اياڻا.

مـلـهـ تي ونيـون سي وڪـڻي نـ ڇاڻن،
ڏي وٽ جـو سـودو مـٽـيـون مـائـٽـيـون ڪن،
ڏوڻي سيڻ ڪن سي ڏاڏاڻا ڏاڏاڻا.
عـمـر مـارُو منهنجا اياڻا اياڻا.

علي گُل لاهيـــان ڪيـــنـن لڄ واري لوئي،
ويــڙهـيــون ويـنـي هـونـدس قــاتـل مـتوئي،
اهڙيون "سانگي" هلتون نـ ڇاڻان نـ ڇاڻان.
عـمـر مـارُو منهنجا اياڻا اياڻا.

***

٥ جولاءِ ١٩٨١ع "آچر" ٢ رمضان ١٤٠١هه
٦ وڳي صبح "پنڪو يٽ تي" خيرپور

ڪهڙ ڪانگا ڪا بات،
ايندا ڪـڏهــن منهنجا مـنڙا مـارُو،
لئنءُ ڪا سڀاجهڙي لات.

ڪوٺي تي وينـو ڪان ڪان ڪرين ٿـو،
ڪڏهن وڃين ٿـو ڪـڏهـن ورين ٿـو،
تن ۾ تنين جي تات.

خوش هيـا منهنجا ڇيلڙا ڇيليـون،
ڪڏي لڳنديون هيــون نيڏڙيون ليليــون،
وائي جنين جي وات.

سـڪيا هجن شل سڄڻ سي سهنجا،
مــنـڙا آهــن مــائــٽ سي منهنجا،
مٺڙي مارن جي ذات.

علي گُلَ آيا سهـڻـا "سـانگي"،
مــونکي وٺڻ لاءِ جهنگ جا جهــانگي،
مون آ ڏٺــو اڄ رات.

***

١١ آڪٽوبر ١٩٧١ع "سومر" ٢٠ شعبان ١٣٩١ھ
٢ وڳي منجهند "دوداني" لاڙڪاڻو

عمر هـجئي شاباس،
مـارن جـي وني مـاڳ پڄائي،
جن جي امـانت هيـاس.

تيـهين ڏينهن تي آ دائي آئي،
مـارئي عـمر تنهنجي پيڻ آ جائي،
تڇ جي ڳالهہ ڪيـاس.

ڏاڍو هـٿين تون ڏاڍ ڪرين ها،
پوء هـٿڙا تون ڪيـڏا هـٿين ها،
وس وڏا تو ڪيـاس.

امتحـان وتائون مـج ڪـي بـاري،
عـمر مـارئي ڪي وڄ ۾ بيهاري،
باهہ وسـامي وياس.

ڳالهہ "علي گل" صافن صافي،
ماٺهون هوندا ها اڳ انصافي،
سچ سـپ ها چونڊياس.

****

٢ اپريل ١٩٨٣ع "چنڇر" ١٨ جمادي الاخر ١٤٠٣هہ
٤ وڳي شام لاڙڪاڻو

راڻي بنا راتيون ڪٽجن ڪيئن،
پير پرينءَ ڏانهن مٽجن ڪيئن.

قرب جونْ ڪڙيون ڪڙجي ويڙيون،
جڙ تائين جيڪي جڙجي ويئڙيون،
پختيون پاڙون پٽجن ڪيئن.

جاني جدا توکان ڪيئن ٿا جاليون،
ايذيون جيئري ٿي وبون جدايون،
گهڙيون ڏکن جون گهٽجن ڪيئن.

پيار توسان منهنجو پيار ٿي رهندو،
موت ڇني پي نہ ناتو سگهندو،
زنجير پيل سي ٽٽجن ڪيئن.

عشقُ علي گُلَ ڏاڍو اوکو،
آهي "سانگي" مور نہ سئڪو،
هاريون بازيون ڪٽجن ڪيئن.

***

٢٦ جون ١٩٨١ع "جمعو" ٢٢ شعبان ١٤٠١ھ
٧ وڳي شام "پير جو ڳوٺ" خيرپور

رات رسي وئين مــونڪان راڻا،
چــڏ مومل سان مَن مـاڻا.

سومل موسان سوڍا سني هئي،
پڳ ٻڌي موسان راند ڪڏي هئي،
تـون سـوچيـن هـا ذرا سياڻا.
رات رسـي وئين مــونڪان راڻا.

ڪونـ ڏنم توکي روئي پيس مــان،
تنهنجي وئي پوءِ ڪانـ سـتس مـان،
هـاڻــي ڇـا جـا هنـڌ وهاڻا.
رات رسـي وئين مــونڪان راڻا.

راڻا تنهنجي راهـ تڪيـان ٿي،
علي گُلَ "سانگي" ويني سڪان ٿي،
منهنجا سـڪن ٿـا نيڻ نماڻا.
رات رسـي وئين مــونڪان راڻا.

***

٢٢ جون ١٩٨١ع "سومر" ١٨ شعبان ١٤٠١هـ
٥ وڳي صبح "پير جو ڳوٺ" خيرپور

سـجي ڏسي اوطاق،
تاڪ لڳي ويا تاڪ.

ستل سومل ڪي ڏٺم،
واپس وڃڻ جا ڀي ڏٺم،
پيرا پڌر ٿاڪ.

ڪهڙي وجان رستي سڌي،
مومل ماري آ وڌي،
ڦيريون ڏيئي فراق.

قرب ڪري ڪو ڪونڌرا،
مون تي ڪيو من مينڌرا،
مهر ڦڙي ڪا ماڪ.

الهڙ لاهي ڪيئي لاڙيا،
عشق ”علي گلؔ“ ساڙيا،
عاشق ڪئي عشاق.

***



١٨ جنوري ١٩٨٠ع ”جمعو“ ٢٩ صفر ١٤٠٠هه
٥ وڳي صبح ”دوداڻي“ لاڙڪاڻو

نـهوڙي وڏي دل، نوريءَ نظاري،
آيـو چام ڪاهي ڪينجهـر ڪناري.

ڇڏيئين سڀ محصول مهاڻن تان لاهي،
ڪنيائين خوشيءَ سان، ڪڪن ڪام ناهي،
چوبدار سـارا، ڇڏيـائين اٿاري.
آيـو ڄام ڪاهي ڪينجهـر ڪناري.

تماچي ڪئين تڙ تي، پيـو رات ترسي،
مهاڻڻ جي وچ ۾، وجهي ويـنو ڪرسي،
ويٺو مشڪ مرڪي، نوريءَ نهاري.
آيـو ڄام ڪاهي ڪينجهـر ڪناري.

چمڪيون چوڏاري ملاحن جون مياڻيون،
سرسيون ٿيون ”سانگي“ علي گُلَ اياڻيون،
مَٽي سيڻ ويٺو، سميون سڀ وساري.
آيو ڄام ڪاهي ڪينجهـر ڪنـاري.

***

١٩ فيبروري ١٩٨٨ع ”خميس“ ٢ رجب ١٤٠٨هه
٥ وڳي شام ”ڪينجهر“ تڙ

سهڻي سير ۾ ٿي، ميهر پڪاري،
پري پيلو پيئڙو، وڏي موت ماري.

ڪيو سس گهڻو وس، منڌ ڪانه مڙي آ،
سا پور ڪري گهور، وڃي ڪن ۾ ڪري آ،
نڪي جهلي نه ڪي پلي، وڏي عشق اٿاري.
سهڻي سير ۾ ٿي، ميهر پڪاري.

ان ويلي ٻُلي پيلي، هٿي جا ڪنياري،
ڪيرُ تاري سا ساري، جيڪا موت ماري،
اڇــــي اوڇتــــو ويٺي واڳن جي واري.
ســهـڻي ســيـر ۾ ٿي، مـيـهـر پڪـاري.

عـاشـق ”علي گُلَ“ وڃي ٿيا وصالي،
نٿي مڙي وڃي اڙي، دل پولي پالي،
آئي چڪڻ وچ ۾، پڄي ڪيئن ڪناري.
سهڻي سير ۾ ٿي، ميهر پڪاري.

***



پيرين پنڌ ڪندياس

١٢ آگسٽ ١٩٩٣ع
٥ وڳي شام ”رائيس ڪئنال دودائي“

ڪاري رات ڪُوڪان، ميهر وو ميهر،
تـڙپان تـي توڪان، ميهر وو ميهر.

مـٿي مـوج درياهہ ڪارا ڪن قـهري،
ترڻ تـار مشـڪل، سگهان ڪين نڪري،
بچو ڪين پوءِ ڪـان، ميهر وو ميهر.
ڪاري رات ڪوڪـان، ميـهر وو ميهر.

ملڻ تنهنجي ڪارڻ، ميـهر مان مـاندي،
ڪـٽي آيو اوٿـر، عـشق واري آنڌي،
لڪي آيس لوڪان، ميهر وو ميـهر.
ڪاري رات ڪوڪـان، ميـهر وو ميهر.

عـشق ۾ علي گُلَ مـوٺڻ آهي مـهٺـو،
"سانگي" ساهڙ سان گڏ، جيئـٽو آ مرٽو،
سـنمر ڪين ٽوڪان، مـيهـر وو مهـر.
ڪاري رات ڪوڪـان، ميهر وو ميهر.

***



۱۹ آگسٽ ۱۹۹۴ع
۱۲ وڳي منجهند "دوداڻي" لاڙڪاڻو

ڪيو موٽ ميهر ٻڏي داٻ ڏڏڪا،
سٽي سير ۾ سڏ، واهر ٽي ور ڪا.

ڪاري رات ڪُن ۾ ڪرم ريءَ ڪيان ڪيئن،
جتي موت ماري، تاريءَ تران ڪيئن،
ڇلان ڇولين وچ ۾، وڏا ڇوهه ڇيڇڪــــا.
ڪيو موٽ ميهر ٻڏي داٻ ڏڏڪا.

عقل ڪــان هلي ويس، آئون انهيءَ ويلي،
انڌو عشق ڪيئڙو، پليس ڪيئن پيلي،
ڇڪڻ ڇائي آهيـان، سگهو سار لهه ڪا.
ڪيو موٽ ميهر ٻڏي داٻ ڏڏڪا.

پون تنهنجي ڪن تي ، علي گُلَ جون آهون،
اهي ڦهري ڪوڪان، درديليون دانهون،
پـڄن شـل پـڙاڏا، وڻ وڻ مـــان واڪا.
ڪيو موٽ ميهر ٻڏي داٻ ڏڏڪا.

***

پيرين پنڌ ڪندياس

٩ جولاءِ ١٩٩٣ع
٥ وڳي شام "مهراڻ مرڪز" سکر

دلو ڀري ٿيو ڀورا ڀورا.....الا،
او سهڻي سڏئي ٿي سير ۾ ميهر.

ڳائيندي وجئي ٿي ڳالهيون تنهنجون،
ڏيندي وجئي ٿي لوليون تنهنجون،
محبت جا مورا مورا.....الا.

سڏ ڪيائين واهر خاطر،
سڪ اندر ۾ ساهڙ خاطر،
محبت جا ڀورا ڀورا ..... الا.

موت جو ماري، ڪير بچائي،
سهڻي ڀوڙي قسمت ڪاهي،
ڪُن ڪري زورا زورا.....الا.

علي گُلَ "سانگي" بار برهه جا،
اوڪا اهي، آزار برهه جا،
ڏاڍا سي ڳنڀورا ڳنڀورا.....الا.

***

٢٦ آگسٽ ١٩٨٣ع "جمع"
٥ وڳي شام روهڙي

نئين سال جو نئون سج نروار ٿيو آ،
پرين جي اچڻ جو اڄ وار ٿيو آ،

١٩٩٤ خير سان ويو گذري،
٩٥ بہ ويندو نينهن سان ٺري،
ڪنهن دلبر جو اڄ ديدار ٿيو آ.

لڏا زور زبتون ڪٽڪون ٿا پوڪيون،
ڪجون انب پوکيا، لڏا پير پيريون،
ڳاهيون ڳاهہ ساريون اَنُ، تيار ٿيو آ.

اسان جون رب ڪندو سوليون سٺايون،
ڪندو معاف مولا اسان جون اوٺايون،
اسان جي وطن سان قرب يار ٿيو آ.

سُڪار "سانگي" اڄ يار ٿي ويا،
پرين جي اچڻ سان پڪا پيار ٿي ويا،
علي گُلَ نئون اڄ اقرار ٿيو آ.

***

١ جنوري ١٩٩٥ع "آچر" ٢٨ رجب ١٤١٥هه
٨ وڳي صبح "باغ پر دوداني" لاڙڪاڻو

اڄ گُلڙن تي هوا گهِل گهُل گهُلُ،
آيو اڱڻ منهنجي تي گُلاب جو گلُ.

اڄ طوفان مثل تي هوا تون اڄ،
يا واچوڙو تي نينهن ۾ نچ،
آيو اڱڻ تي آهي سڄڻ سچ پچ،
ڏيئي ٺهڪ ڏڪڻ اڄ، ٿلُ ٿلُ ٿلُ.

اڄ باغن ۾ بہ بهاري آ،
ڪيڏي گُلڙن لائي گلزاري آ،
سرهاڻ اٿي هٻڪاري آ،
منهنجي من جي مُڪڙي، ڪلُ ڪلُ ڪلُ.

ڪٿي آيو علي گُلَ قربئون قدمُ،
ڪيڏي عزت وڏائي آ هڪدم،
"سانگي" ساڄڻ سان ٿي، سرهو گهر،
جلي لوڪ پيو ٿو، جلي پل پلُ.

***

٢٧ آڪٽوبر ١٩٩١ع "آچر" ١٧ ربيع الثاني ١٤١٢هه
٥ وڳي شام "ڪوه مري"

چيٽ ڦـٽي جا ڏينهـن آيا، پڪـي اڏامي ڪيـئن آيا.
يـار نـہ آئـيـن تـون.
يـار نـہ آئيـن تـون.

منڊ ٿي موٽي منڊ تي، تنهنجي نہ موٽ جي منڊ،
مـنـڊ چـري جـا مينـهن آيا،
يـار نـہ آئيـن تـون.
يـار نـہ آئيـن تـون.

هڪ جيڏا هيرجي اچن، نينهن ۾ ناچو ٿي نچن،
نوان ڪرڻ وري نـينـهن آيا،
يـار نـہ آئيـن تـون.
يـار نـہ آئيـن تـون.

"سانگي" ساوڪ آهي ساري، چندن ٻاٽيون چوڌاري،
هر ڪنهن جا پرين جيـئن آيا،
يـار نـہ آئيـن تـون.
يـار نـہ آئيـن تـون.

****

قول اپريل ١٩٩٥ع "چنڇر" ٢٩ شوال ١٤١٥هه
٨ وڳي صبح "باغ ۾ دودائي" لاڙڪاڻو

مـــٺڙا ملڻ جون راتيـــون آيون،
بهـــار سنديون برســـاتيـــون آيون.

ڪاريـــون راتيـــون قـــرب وندڻ ٿيون،
تيز هوائون تاريون تتڻ ٿيون،
پياريون پکيئڙ جون لاتيـــون آيون.

گُلڙن تي پئي بوند وسي ٿي،
رات جي راڻي پئي روح ڪـــسي ٿي،
بـــاغ ۾ بلبـــل باتيـــون آيون.

سيني ۾ سَوَ سور ساماڻا،
تـوکي ڏسـڻ لاءِ نيـڻ اڏاڻا،
تن ۾ تنهنجون تاتيـــــون آيون.

سڪ لڳي آ ســـاجـن سائين،
ڇا لاءِ اجان تـــــو دير لڳائين،
اکڙيون مـــنهـــنجون آتيـــون آيون.

آءُ اڏامي مـــــون ڏي پرين تون،
"سانگيءَ" سان ڪر قرب ڪرين تون،
برهه سنديون باراتيـــــون آيون

***

١٩ فيبروري ١٩٩٣ع "جمعو" ٢٦ شعبان ١٤١٣هه
٥ وڳي شام "باغ بر دوداني" لاڙڪاڻو

هيلوڪا پيـــارا وربا وسڪارا،
ڪــونہ آئيـــن ڪــونہ آئين،
تــر انـو بــر جيءَ جيــارا.

موج مهراڻ ڪي ڏڏڪا چيچڪا،
موٽي ملاحن سڙهہ پيي ساهيا،
ســاوڪ ساوڪ سنڌو ڪنـارا.

ڊوڙيون ڍڪن ٽيون گوڙيون گجڻ لاءِ،
آيـون اڏامـــــي وڇون وسـڻ لاءِ،
وري پيا وارا جهر جهنگ سـارا.

راتڙيون ڪاريون ڏيٽڙا پاريون،
سـڪ ۾ ويتـــا ساجن ســاريون،
گهُگهـُ اونداهي چنــڊ نــہ تــارا.

هيون ”علي گُلَ“ وڏيون اميدون،
ايندين اڱڻ تي ٽيڏيون ڪي عيدون،
نينهن جا ٽين ها نوان نظارا.

***

۱۰ آگسٽ ۱۹۹۵ع ۱۲ ربيع الاول ۱۴۱۶هہ
وڳي صبح ”دوداني“ لاڙڪاڻو

ويٺي وات ڏٺم وسڪاري ۾،
ويو گذري نه آئين اونهاري ۾،
مـهـراڻ مـزو نه ڪناري ۾.

هيلوڪا نه وٺيا مونکي وسڪارا،
سڃا سپ ٿي لڳا گل ڦل سارا،
نڪي نينهن لڳو ڪنهن نظاري ۾.
ويو گذري نه آئين اونهاري ۾.

جيئن ٿـڌڙي هيرن زور پـربو،
تنهنجي يادن جو اوٽر ڪو وربو،
اڇي برهه جي ويس مـان واري ۾.
ويو گذري نه آئين اونهاري ۾.

"سانگي" سيءَ پيا آهي سرءُ سڪي،
سڄ سارن جي آهي پوک پڪي،
سُري هيل ته اڄڪلهه سياري ۾.
ويو گذري نه آئين اونهاري ۾.

****

١٨ نومبر ١٩٩٤ع "جمعو" ١٣ جمادي الآخر ١٤١٥هه
٧ وڳي شام "دودائي" لاڙڪاڻو

مست موجن ۾ مهراڻ هجي،
سونهن ساوڪ ۽ سرهاڻ هجي.

هجن ڪانهن ڪنڌيءَ تي نوان نسريل،
هجن ساوڻ جا سنگ ساماڻيل،
ڪن وسڻ واريون بيٺا بادل،
مٿان ڪڪرن جي ڪاراڻ هجي.

هجن بلبل جون مٺڙيون باتيون،
ڪوڪون ڪوئيل جون ڪن تي لاتيون،
محبوب هجن ۽ ملاقاتيون،
ساري عمر سڄڻ مونسان ساڻ هجي.

هجن گُلَ ٻاٽيون گُلَ چوڌاري،
"سانگي" ساوڪ سان سنڌ سينگاري،
"علي گُلَ" گلن جي گلزاري،
جاتي نظر پوي لالاڻ هجي.

****

پيرين پنڌ ڪنڌياسَ

٣٠ سيپٽمبر ١٩٩٥ع "ڇنڇر" ٣ جمادي الاول ١٤١٦هه
٥ وڳي شام "رائس ڪنال دوداڻي" لاڙڪاڻو

تنهنجي اکڙين ۾ مهراڻ مٿا،
سنڌوءَ ساوڪ جي سرهاڻ مٿا.

گُلَ گونجَ ڪڍيو پنيڙا مرڪن،
وڻ واس جي لاءِ پنورا پٽڪن،
پتي پيار منجهان سهٽا سٽڪن،
گُلَ جهڙا ڳل ڳاڙهاڻ مٿا.

ڪنڌيءَ ڪانهن ڦٽا ٽن سنگ ڪڍيا،
گلزاري لڳل ڏاڍا رنگ ڪڍيا،
وڻ ويڙهن پنهنجا ونگ ڪڍيا،
ڏسي سونهن تنهنجي سرواڻ مٿا.

جڏهن هل اٿن تنهنجي آوڻ جا،
ڪاهيون ڪڪر وسن منڊ ساوڻ جا،
لڪ ٽورا اگڻ پير پائڻ جا،
تو ۾ "سانگي" چوي آ سڄاڻ مٿا.

****

۱۹ سيپٽمبر ۱۹۹۵ع "جمعو" ۳ جمادي الاول ۱۴۱۶ھ
۷ وڳي صبح "باغ درداني" لاڙڪاڻو

اي صــورت جــا سـردار ســجڻ،
تو ۾ مـحـبت آ مڻ هزار سجڻ.

روح رمزن سـان تو راضي ڪيـو،
تنهنجي نينهن اڇي آ نمازي ڪيــو،
آٿي عـشق عدالت قـاضي ڪيـو،
منهنجي حڪومت جا حقدار سجڻ.

پائي الفـيـون عـشق جون يار ڇڏيم،
ڏڪا در در جا سـپ سـر تي ڪنيم،
تولاءِ حال فـقـيري ويس ڪيم،
آءُ اڱڻ مـنا هــڪ وار سجڻ.

عـشقُ علي گُلَ ڪو وڏي آفت آ،
جنهن جي رندن ڪئي ويهي رياضت آ،
”سـانگي“ سر بہ ڏيڻ ڪا سخاوت آ،
ناهي محبت ملهہ مـنـار سجڻ.

****

پيرين پنڌ ڪندياسين

۲٦ مارچ ۱۹۸۲ع "جمعو" ۳۰ جمادي الاول ۱۴۰۲هـ
۱۰ وڳي صبح "پير جو ڳوٺ" خيرپور

وڃي يار ٿو مونکا منهڙو مٽي،
نٿو منٿ مڃي، نہ ٿو رات ٽڪي.

جهيڙو جيءَ ۾ جوڙيو جادوگر،
ڦري دلڙي ويو پئي ڪانہ خبر،
ڪيڏي پٿري بازي بازيگر،
اتان بازي اها يار ڪير ڪٽي.

الاڻي ڪهڙو رکيل اسرار اٿس،
انهن اکڙين ۾ ڪو خمار اٿس،
پيل پنبڻن ۾ بہ پيار اٿس،
دل ويو آ ڪٽي، جيئن باز جهٽي.

وٺي عمر علي گُلؔ سورن ۾،
هن عشق سندي عاشورن ۾،
دل پئي ٿي سڙي باهہ ڪورن ۾،
پيو "سانگي" سڄڻ جو فراق ڦٽي.

***



٢٠ مئي ١٩٨٥ع "سومر" ٢٩ شعبان ١٤٠٥هہ
٧ وڳي شام "درداڻي" لاڙڪاڻو

موٽ ڏي تڪ تہ سهي مونکان نيڻ نہ مٽ،
گهڙي گهورڻ ڏي مونکي گهٽ ۾ گهٽ.

تنهنجو پيار مٺو آ مٺاڻن کان،
گهڻو قرب مکڻ جي چاڻن کان،
آهين سياڻو سڄڻ تون سياڻن کان،
منهنجي دلڙي ڦري وئين تون جهٽ پٽ.

توسان آهي جڏهن کان نينهن لڳو،
مونکان شرم حياءَ جو پئوءُ پڳو،
تنهنجي سورن وبهي سوربو سڳو،
تنهنجي عشق ڪيو مونکي آهي الٽ.

سهڻا سالن جو مان سڪايل هان،
تنهنجي گهورن جو مان گهايل هان
تنهنجي در جو "سانگي" سائل هان،
علي گُلَ جي وراڻيو ڪا واهر وٽ.

***



٢٥ رمضان المبارڪ ١٤١٣هہ
٥ وڳي شام مدينہ منورا

تنهنجي عشق وڌو آهي ڳچيءَ ۾ ڳٽ،
تنهنجي فراق ڦري ڪيو چربو ۽ چٽ.

تنهنجي پيار ڪيو پائمال مونکي،
ناهي حجت هلڻ جي مجال مونکي،
لائي رنگڙو ڇڏيئي ڪري لال مونکي،
لهي ساري سڄڻ وئي قلب جي ڪٽ.

تنهنجي سونهن سندي سرهاڻ سئي،
وڌ مصرن ڪان آ ميناڻ مئي،
تنهنجي جلوي جي چانداڻ ڇئي،
ڪيان ڪنهن کي نه تو محبوب جو مٽ.

جڏهن اکڙيون علي گُلَ اڙائي پيو،
پوءِ باب برهه جو پڙهائي پيو،
جيئن جيئن جان جڙائي پيو،
چوي "سانگي" ڏکيو آهي ڍول جو ڍٽ.

***

٢٣ رمضان ١٤١٣هه
٥ وڳي شام مڪو پاڪ

جـاكـون جاني جـام پيارڀو ٿي،
اچي دل منجهـــ درد اٿـــاريو ٿي.

منهنجي توکـان سـوا نٿي سـاعت سـري،
جدا تـوکـي رهـڻ منجهـــ چا ٿــو وري،
منهنجي دل ٿي چوي مونکان ٿي نہ پري،
سک وارو سـبق جو سـيکاريو ٿي.

تکا تيـر لڳا تنهنجا دل ۾ سنوان،
ڏنـا تنهنجا نظارا نوان مـان نوان،
کري قـدمن ۾ پيـو پوان مـان پوان،
جڏهن نيـک نظر سـان نهـاريو ٿي.

وينـو علي گُلُ ٿـو پـري آهون مــنـا،
تنــهــنجون روز نــهـاري راهون مــنـا،
ٻڌ "سـانگيءَ" جون سڀ دانهون مــنـا،
مــونکي راتـو ڏينهــان روئاريو ٿي.

***

۴ نومبر ١٩٩١ع
۵ وڳي شام پشاور

نٿي ننڊ اچي نٿـــو چين ملـي،
تنهنجي درد فـراق ۾ جيءُ ٿـو جلي.

هـڪ وار اچـي مـنهنجو حـــال ته ڏس،
ڪر مـون تي مـنـا تهـدلئـون ڪو ترس،
دل بيـوس آ منهنجي ناهي وس،
هن دل ته چريءَ ڪي ڪيـر جهلي.

جي نه ايندين تون توڏي ايندس مـــان،
پلي سـر به وجـي ته به ڏيندس مـــان،
آخر ته پيـلا ڪاڏي ويندس مـان،
ساري خلق پئي ٿي مون تي کلي.

هيءَ اکلي دل هتي ڪيـــئن ترسي،
جنهن جو "سانگي" سڄڻ پرديس وسي،
پوي ڪونه پتـو الائي ڇو تـــو رُسي،
وينـــو آهي عــلي گُلَ پاڻ پلـــي.

***

٥ نومبر ١٩٩١ع
٨ وڳي صبح لنڊي ڪوتل

اکڙيون اکين ۾ اڙائين ٿـو مـارين،
اڇي ڪيـر دل ۾ جڙائين ٿـو مـارين.

ڪسڻ دل جو دلبر اٿئي ڍنگ ڏاڍو،
ورهـ جو وڪوڙي وڌئي ونـگ ڏاڍو،
وجهي ڪلف ڪنڌڙا ڪڙائين ٿو مارين.
اڇي ڪيـر دل ۾ جڙائيـن ٿـو مـارين.

تـو ۾ خاصيـتون هن نراليـون نيـاريون،
وٺـن دل ڪـي ڏاڍيـون پريـن پيـار واريون،
ايڏا ياڳ منهنجا پڙائين ٿو مارين.
اڇي ڪيـر دل ۾ جڙائين ٿـو مـارين.

هنـيـو تيـر دل ۾ سـڌوئي سـڌو ٿـي،
لـبـن جـي لالاڻ ۾ لـويـي وڌو ٿي،
"علي گُلَ" سان لاليون لڙائين ٿو مارين.
اڇي ڪيـر دل ۾ جڙائين ٿـو مـارين.

***

پيرين پنڌ ڪندياس

۴ شوال ۱۴۱۳هه
۵ بڄي شام "سمنڊ ڪنارو" جده

ٿماٽن اکين سان نهارين ٿو مارين،
اهي وار ڪارا سنواريں ٿو مارين.

ڪسڻ دل جو دلبر سکين ڍنگ ڪنهن ڪان،
مرڪي مارڻ جو مليئي رنگ ڪنهن ڪان،
ڪلي ڪنهن خوشيءَ مان ڪيڪارين ٿو مارين.
اهي وار ڪارا سنواريں ٿو مارين.

منهنجي دل کي دلبر ڪيو تو آ سوگهو،
وڏو عشق جو آ مونکي يار گهوگهو،
گوندر ۾ گهڙيون ويهارين ٿو مارين.
اهي وار ڪارا سنواريں ٿو مارين.

محبت جا منڙا هنيئي منڊ ڏاڍا،
عمر لاءِ ”علي گُلَ“ پيا ڪيڏا ڪاڍا،
ڏئي جيءَ کي جهوري جيارين ٿو مارين.
اهي وار ڪارا سنواريں ٿو مارين.

پيرين پنڌ ڪندياس

***

٢٨ آڪٽوبر ١٩٩١ع ”سومر“
٥ وڳي شام ڪوه مري

مونکي تنهنجو منا ٿو حجاب وٽي،
رکيو منهن تي اٿئي سو نقاب وٽي.

جي تو لاهين نقاب مري وبندس،
تنهنجي حسن جي جلوي جلي وبندس.
ٻري ٻاهيون وينديون مان ٻري وبندس،
پري وارو پرين ٿو حساب وٽي،

آهي هئين ڪان چون اولار يلي،
جتي شوخ نظر تو ته آهي جهلي،
سا وجائي نه ڇڏجانءِ مونسان ڪلي،
منهنجي طبيعت ڪي تنهنجو تاب وٽي.

با ادب بيهان ”سانگي“ سڄڻ اڳيان،
ڪٽي عرض الاهون نيازنوان،
اڇي ”علي گلَ“ ٿو ايلاز ڪيان،
تنهنجي نهه نهه ۽ ٿو جواب وٽي.

***

٢٣ رمضان المبارڪ ١٤١٣هه
٦ وڳي شام جده

پيربن پنڊ ڪندياس

جادو جيءَ ۾ هڻي دلدار ويو،
منهنجي دلڙي ڦري ڪٺي يار ويو.

هڻي رمزن سان ويو تير نظر،
ڪسي دلڙي ويو پئي ڪانہ خبر،
ڏيئي خوءِ سندا ڪي خمار ويو.
منهنجي دلڙي ڦري ڪٺي يار ويو.

پنهنجي مهل بنا نہ ٿو يار ملي،
جڏهن حسن سندي بازار ڪلي،
ڏئي عشق سندا انتظار ويو.
منهنجي دلڙي ڦري ڪٺي يار ويو.

اهڙي "علي گل" صورت ڪانہ ڏئي،
جنهن جي قرب ۾ "سانگي" پيا سين ڪسي،
وجهي وجود اندر ويچار ويو.
منهنجي دلڙي ڦري ڪٺي يار ويو.

***

٢٧ آڪٽوبر ١٩٩١ع
٧ وڳي صبح ڪوه مري

منهنجو تون آن سچڻ تنهنجو آهيان مان،
پيو اڏندو اچي پيي نہ چاهيان مان.

جيئن ماتا ڪرين تيئن مون کي وٽي،
تو جهڪائي جڏهن تون نيڻ کٽي،
وسي تير وڃن سگهان نہ ڇٽي،
تون کهندو رهين سر نوايان مان.

آهي رسڻ سهڻن جو ڪم هوندو،
تہ بہ عاشق اڳتي قدم هوندو،
تنهنجو هوندس جيسين دم هوندو،
وينس واعدو ڏئي تہ نڀايان مان.

منهنجي تو کان سواءِ ٻي واهہ نہ آ،
پر توکي پرين پرواهہ نہ آ،
منهنجي منزل کا ٻي راهہ نہ آ،
تنهنجي عشق ۾ پيو تو، کاهيان مان.

اڄ علي گُلَ تي ٿي راضي پوين،
هلي "سانگي" وٽ هڪ رات رهين،
سور سيني ۾ مون سانديان سوين،
چوي دل ٿي سمورا سٺايان مان.

***



پيربن پنڌ ڪندياسي

۲۵ مارچ ۱۹۷۷ع
۵ وڳي شام "پير جو ڳوٺ" خيرپور

سي نند پڻ واريون ڳالهيون پرين،
وري اٿليِ آيون يادون پرين.

اڄ شام جو ڳوٺ جي گهٽڙين ۾،
ٻارڙن کي مون آکيڏندي ڏٺو،
گهر ناهي مٽيءَ جا وري ڊاهي،
وري پاڻ ۾ تن کي وڙهندي ڏٺو،
آيون ياد مونکي سي نشانيون پرين.

ڪاغذ جي ٻيڙي مون هئي ناهي،
ڪسي مون ڪان ڪڏ ۾ تو لاهي،
مون ڪوشش ڪئي پڪڙي نہ سگهي،
جنهن کي تيز هوا سا وئي ڪاهي،
هيون ڏکڻ لڳيون کي هوائون پرين.

ارچڪ مرچڪ ڏاٿا ڏرچڪ،
آڳ پٿولي ناگڻ جوڳڻ،
ڦري ڦري سمٽيو دبلي درياه تي،
چيڪلن تي ڦرڻ پينگهن تي لڏڻ،
مزي واريون هيون سڀ رانديون پرين.

لڪ چپ واري جا راند هئي،
سڀ ٻاڙي وارا پيا بيٺا ڪيڏون،
ڪڏهن تون ۽ ڪڏهن مان پيو لڪان،
هڪ ٻئي کي علي گلَ پيا ڳولهيون،
هيون "سانگي" سڪ جون واڌايون پرين.

***

۵ جولاء ١٩٧٦ع
۵ وڳي شام "دودائي" لاڙڪاڻو

ڏاڍا ڏينهن سڄڻ وڃي لاتا لئي،
 ايندين يار ڪڏهن واري واڳ وري،
تنهنجي راهہ تڪي پيا نيڻ ٿڪي،
 ڳوڙها ڳلڙن تان پيـــا يار ڪري.

وڃهي ايڏي وٿي نہ وسار مٺا،
 گهڙيون عاشق سان گڏ گهار مٺا،
ڪيم ڪسڻ بہ تولاءِ ڪار مٺا،
 دل منهنجي سڄڻ آهي درد ڀري.

پهرين دلڙي کسڻ جو احسان ڪيو،
 جڏهن مونکي مٺا مهمان ڪيو،
ڇُٽي خوب پٺي مونکي نشان ڪيو،
 تنهن ڏينهن کان وٺي دل آهي چري.

صبح شام تنهنجو ديدار ڪيان
 چوي دل تي عمر ساري پيار ڪيان،
وينو "علي گُلؔ" آئون انتظار ڪيان،
 تنهنجي وٺي آسري منهنجي ڪانہ سري.

***



۷ نومبر ۱۹۷۷ع
۹ وڳي رات "دوداڻي" لاڙڪاڻو

توکي ڪيئن مان چوان محبوب منا،
توسان دلڙي وئي منهنجي اڙجي آ،
جيئن ڏينهن پون تيئن سور اتن،
توسان جنڙو ويو منهنجو جڙجي آ.

تنهنجي فراق ڦريو مونکي راهه ويندي،
هنيا عشق اوتارا تنهنجي ايندي،
ڪٿر ڪانه ڇڏي تو يي ڦرب ڏيندي،
سڪ سيني منجهان پئي سرجي آ.

باغُ آهين تون ته بهارن ۾،
گلاب جو گُل، گلزارن ۾،
آهين پڌرو پريِن تون پيارن ۾،
تنهنجي پيار ۾ دل وئي پرجي آ.

تنهنجي حسن جي هاڪ همين ۾،
تنهنجو عشق اٿم آ اسيرن ۾،
تنهنجي زلفن جي ته زنجيرن ۾،
ويو علي گُلُ ”سانگي“ ڪڙجي آ.

****

٢٦ رمضان المبارڪ ١٤١٣هه
٧ وڳي شام مدينو منور

اگر زندگي هيءَ رهي يار منهنجي،
وري ڪين اچبو اوهان جي ئي در تي.
نيايون نہ هو جي ڏڪا تون نہ ڏئين ها،
وري ڪين چڙهبو اوهان جي نظر تي.

زماني جون سختيون سيني سر تي سهندس،
مگر يار توکي نہ ڪي ڏانهن ڏيندس،
نہ ڪندس ڪا شڪايت مري توڙي وبندس،
گذارو ڪندس مان وڃي ڪنهن زهر تي.

مونکي حق جيئڻ جو ناهي يار آخر،
ڪندس خودڪشي يي تہ سڏبس مان ڪافر،
هليو نيٺ ويندس ڇڏي هي شهر،
سمهندس وڃي ڪنهن وڏي پٽ پڌر تي.

علي گُلَ نہ هاڻي انتظار رهندو،
نڪي ڪنهن لاءِ دلڙي نڪي پيار رهندو،
ڇڙيل وار هوندا نہ سينگار رهندو،
لاهي پاهي بينو آ "سانگي" قهر تي.

***

١٠ جنوري ١٩٨٦ع
١٠ وڳي صبح "پير جو ڳوٺ" خيرپور

هڪ تون ئي هجين پيو مان ئي هجان،
منهنجو عشق هجي تنهنجو پيار هجي،
برساتيون هجن ڪاريون راتيون هجن،
جتي برهه پريو ڪو بهار هجي.

ڪندي پيار عمر هيءَ گذري وڃي،
پيو لوڪ هي سارو وسري وڃي،
قصو قرب وارو نه ڪي نبري وڃي،
رڳو سڄڻ سچو سنسار هجي.

مان بيان ڪيان تنهنجي اکڙين جو،
رتل لالي لال لبڙن جو،
تنهنجي وارن ڪارن ڪنڍڙن جو،
پيو منهنجي ڳچيءَ ۾ هار هجي.

آهي ”علي گلؔ“ جو اقرار پرين،
تو تان جان ڪنس مان نثار پرين،
پلي لوڪ ڪري تڪرار پرين،
جڙيو جوڙ رهي جنسار پرين.



***

۲۹ آڪٽوبر ۱۹۹۱ع "اگارو"
۱۲ وڳي رات ڪوه مري

جيئن دل کي جهليم تيئن ڪانہ مڙي،
وجي اوڪي هنڌ تي آهي اڙي.

دل سمجهہ نٿئي ڪجهہ سوچ ذرا،
اٿئي عشق سندا ڏکيا ڏاڍا ارا،
ڏيئندي سات نہ ڪو سوا ڪا گهڙي.
وجي اوڪي هنڌ تي آهي اڙي.

دل تاب حسن جو جهلي نہ سگهي،
پاڻ پيار بنا آ پلي نہ سگهي،
وجي جوڙن سان ڏئي جوش جڙي.
وجي اوڪي هنڌ تي آهي اڙي.

دل ساڳو سڄڻ وئي سات چڙي،
ويا علي گلؔ کي گوندر ۾ گڏي،
چوي "سانگي" سوز ۾ وياسين سڙي.
وجي اوڪي هنڌ تي آهي اڙي.

***

٥ نومبر ١٩٩١ع
٢ وڳي منجهند "طورخم سرحد" افغانستان

اڄ رات سڄڻ مون خواب ڏٺو،
لٿو اڱڻ منهنجي تي چنڊ چٽو.

ڏاڍا ويهي سڄڻ سان سور سليم،
جيڪو روئٽو هو سو روئي ڏنم،
پئي پاڻ اکيئين جيئن مينهن وٺو.
لٿو اڱڻ منهنجي تي چنڊ چٽو.

جڏهن نظر ڪٽي ته نهاري پيو،
پوءِ مشتاقن ڪي ماري پيو،
آهي مصرن ڪان محبوب مٺو.
لٿو اڱڻ منهنجي تي چنڊ چٽو.

اهو راز علي گُلَ آهي وڏو،
پوي جبل ڏري ڪيان ظاهر ذرو،
"سانگي" سڄڻ ڪيو هو قرب ڪٺو.
لٿو اڱڻ منهنجي تي چنڊ چٽو.

***

٢٧ رمضان المبارڪ ١٤١٣هه
٥ وڳي صبح مدينو منور

تنهنجو نينهن لڳو ننڊ وئي آ ڦٽي،
سا ڪيئن سمهندي جا سورن سٽي.

پريا بادل بيٺا گجگوڙيون ڪن،
ڏيو چمڪا چوڏاءِ ڪنوٽيون ڪلن،
برهه واري جي برسات اٺي.
سا ڪيئن سمهندي جا سورن سٽي.

نڪي نياپو سنيهو يار مڪو،
نڪي خطڙو خلاصو ڪو يار لکيو،
نه ڪي پاڻ آئين نه مونکي وٺين وٺي.
سا ڪيئن سمهندي جا سورن سٽي.

عشق علي گُلَ ڏاڍو آزاربو آ،
”سانگي“ محبت تنهنجيءَ ماريو آ،
وڃان ڪاڏي مان دل تو آ جهٽي.
سا ڪيئن سمهندي جا سورن سٽي.

***

١٠ جنوري ١٩٧٨ع
٥ وڳي شام ”سينٽرل جيل“ سکر

هيئي جيڪا دل ۾ ٻڌائين ها ڪولي،
ائين سڄڻ مونکي وڃين ها نہ رولي.

سڀ لڪ لڪائي وئين منهن مٺائي،
ايئن هو نہ واجب نہ توکي جڳائي،
منهنجي دل مئو جان مٺا پئي ٿي ٻولي.
ائين سڄڻ مونکي وڃين ها نہ رولي.

هتي رهڻ کهڙو سڄڻ هاڻ ٿيندو،
مرڻ جيئڻ منهنجو پنهل ساڻ ٿيندو،
ڪنيم سور سر تي سڄڻ يار تو لي.
ائين سڄڻ مونکي وڃين ها نہ رولي.

"علي گل" اهيو غم ڪائڻ ڏکيو آ،
جدائي ۾ جاني جالڻ ڏکيو آ،
وڃي پنهل پنهنجو لهان ڳولي ڦولي.
ائين سڄڻ مونکي وڃين ها نہ رولي.

***

٧ فيبروري ١٩٧٧ع
٧ وڳي شام "عيدو" سکر

گلڙن ڀي مکڙيون ڪوليون، محبوب جي اچڻ تي.
پکڙين ڪيون ٿي ٻوليون، محبوب جي اچڻ تي.

چوڏس جي چانڊوڪي ڀي آهي، ڏسڻ وٽان،
چنڊ ڀي پهريون ڪي چوليون، محبوب جي اچڻ تي.

آيا سمنڊ جي ڪناري، صورت سهڻي سينگاري،
ڀري سمنڊ ڏي ڀيو ڇوليون، محبوب جي اچڻ تي.

آيو منهنجي اڱڻ تي، جنهن ڪي سڪي سڏيان ڀيو،
جنهن لاءِ جهليون ٿي جهوليون، محبوب جي اچڻ تي.

هڪ جيڏا هيرجي آيا، منهنجو ڀرين ڀسڻ لاءِ،
ٺاهوڪيون ناهي توليون، محبوب جي اچڻ تي.

هر ڪنهن ٿي گيت ڳايا، جهمريون هڻي جهونڪاريا،
لوڏي ڏين پيا لوليون، محبوب جي اچڻ تي.

علي گُلَ توتي وڏا اچ، احسان ٿي ويا،
ڳوناٽا ڪن پيا ڳالهيون، محبوب جي اچڻ تي.

***

٢٨ رمضان المبارڪ ١٤١٣هـ
٥ وڳي شام مدنة المنوره

حياتي هٿ حسينن جي جيارن يا چڏن ماري،
هي ڪجهه دم دور دنيا جو ڏيکارن يا چڏن ماري.

حسن ڪاڏل حڪمين ڪان، چئن سي ڪيئن طبيبن ڪان،
بيماريءَ مان بيمارن کي اٿارن يا چڏن ماري.

بيٺا آهيون قطارن ۾، ڪيئي عاشق هزارن ۾،
هو نرمل ناز مان نڪرن، نهارن يا چڏن ماري.

اچون ٻٽجي تي سائل ٿا، ورئون واپس ٿيا پاڳل ٿا،
پورل پر ۾ گهڙي پل ڪا، ويهارن يا چڏن ماري.

گلابي گُلُ پٽي سٽڪن، مٺا محبوب پيا مرڪن،
هِلائي هٿ ڪٽي هيڪر، ڪيڪارن يا چڏن ماري.

عشقُ ڪائي نہ شل پلٽو، اصل ڪان اهيو آهي الٽو،
عشق جو ٿو وهي درياءُ، سي تارن يا چڏن ماري.

زهر جو ڍڪ "علي گل" ڏين، يا ڏين شربت بہ مرضي آ،
پرين پيالو پريت وارو، پيارن يا چڏن ماري.

****



٢٩ آڪٽومبر ١٩٩١ع "اربع"
٥ وڳي شام ايوبيا ڪوه مري

غمِ درد جي ڇا ڪهاني ٻڌايان،
ويهي ڇا اُهان کي زباني ٻڌايان.

نڪي سور منهنجا ڦاٿڙي ڪنيان تو،
سڪ ٿي سمورا سانڍي ڪنيان تو،
ڳالهيون عشق جون ڇا، مان جاني ٻڌايان.

نڪي قول پاڙيئي نہ ڪيئي ڳالهہ پوري،
منهنجي زندگي هيءَ بچي آ اڌوري،
بچي باقي ڇا آ، جواني ٻڌايان.

اُهي ڏينهن ساڳيا وري ڪين موٽيا،
لهن ڪين دل تان چڙهي دل تي ويٺا،
ڪري ياد ڪهڙي نشاني ٻڌايان.

عشق ۾ علي گُلَ اهڙي ٿئي نہ ڪنهن سان،
پتو هوندو "سانگي" لڳل هوندو جنهن سان،
ٿي وئي عشق ۾ ڇا ويراني ٻڌايان.

پيربن پنڌ ڪندياسين

***

۱۴ سيپٽمبر ۱۹۷۳ع "جمعو"
۶ وڳي شام "پير جو ڳوٺ" خيرپور

آءُ مون ڏي مٺا ويھہ مون سان سري،
توسان ڳالھيون ڪيان ڀہ ڪي يار وري.

سڪ تو مان سڄڻ منھنجي ڪانہ لھي،
ھجان ساڻ سدا ھيءُ دل ٿي چوي،
آھي انئي پھر منھنجي دلڙي چري.

تنھجي جھلڪ نہ ھٿي ڪي ڏسڻ ڏيان،
رڳو مان ٿي مٺا توڪي ويٺو ڏسان،
سارو ڏينھن تنھنجو مونسان وجي گذري.

تون نہ ايندين توڏي ايندس مان،
تنھنجي پچر پرين نہ ڇڏيندس مان،
تنھنجو عشق پيو آھي دل ۾ ڀري.

علي گُلَ جو پرين پوي ياڳ ڪلي،
مون ڏي "سانگي" چوي، رڳو ڏس تون ڪلي،
دل ڪاري وڏثي پيس مان بہ ڪري.

***

٢٣ آڪٽوبر ١٩٩١ع "اربع"
٨ وڳي رات "راولپنڊي"

سڄڻ جي تون مونسان ڪندين بيوفايون،
مگر آئون توکي ڪندس پيو دعائون.

خبر ڪهڙي توکي آهي جيڪا مون سان،
پلا سڄڻ منهنجو ڪهڙو ضد آ توسان،
چپڻ جون ته ناهن ڪنهنجون سچايون.
مگر آئون توکي ڪندس پيو دعائون.

ستم سور سر تي ڪنيم ڪوڙ ضواربون،
وڃن ڪاڏي آخر محبت جون ماربون،
ڏنم تولاءِ سر ڪي ڪيڏيون جفائون.
مگر آئون توکي ڪندس پيو دعائون.

علي گُلَ آهي ڏاڍو عشق اوکو،
نياءِ نينهن "سانگي" اوکو يا سئکو،
آهي سر تي بيٺي قدم ڪيئن هنايون.

****

٢٣ ڊسمبر ١٩٧٣ع
٥ وڳي شام "دوداڻي" لاڙڪاڻو



مٺا منهڙو مونکان، مٺايون وڃين ٿو،
منهنجي من ۾ ماتم، مچايون وڃين ٿو.

پهريان پيار ڏئي پوءِ ڪرين ٿو جدائي،
چاڙهي آسمان تي وري ڇو ڪيرائي،
هاڻي رڻ ۾ راتا رلايون وڃين ٿو.
منهنجي من ۾ ماتم، مچايون وڃين ٿو.

محفل ۾ مونسان گڏ، ويهڻ جي بدران،
الٽو اکين سان ڪيون، مون تي تو الزان،
مون تي ساري محفل، کلايون وڃين ٿو.
منهنجي من ۾ ماتم، مچايون وڃين ٿو.

هزارن ڏکن سان علي گُلَ اڪيلو،
ڏئي منهن نہ سگهندو ڪٿبو نہ ويلو،
چوي "سانگي" ڏاڍو، ستايون وڃين ٿو.
منهنجي من ۾ ماتم، مچايون وڃين ٿو.

***

١٣ نومبر ١٩٧٣ع
١١ وڳي رات "دودائي" لاڙڪاڻو

مٺا تون تہ مونکان وئين موڪلائي،
منهنجي دل سان حالت ٿيندي ڇا الائي.

ڇڳي يار ناهي اهيا ايڏي دوري،
ڳجهي ناهي توڪان منهنجي مجبوري،
مٺان رڻ ۾ راڻا، ڇڏين تون رلائي.
منهنجي دل سان حالت ٿيندي ڇا الائي.

پنهنجو پيار پيارا ذرا ياد رکجانءِ،
وڃي ڏور ايڏيون وساري نہ ڇڏجانءِ،
ڪيل قول پنهنجا نہ ڇڏجانءِ ڀلائي.
منهنجي دل سان حالت ٿيندي ڇا الائي.

علي گُلَ اڱڻ تي موٽي شال ايندو،
ڇوي "سانگي" ساڳو سڄڻ سات ڏيندو،
وري شال مولا مٺڙا ملائي.
منهنجي دل سان حالت ٿيندي ڇا الائي.

***

٣ آگسٽ ١٩٧١ع "اڱارو" ١١ جمادي الثاني ١٣٩١هہ
"شهادت" سائين اشرف شاهہ (دروائي)

منا تو تہ مونکان ڪئي موڪلاڻي،
هتي تو سوا دل ڪندي ڪئين نماڻي.

وڃين ٿو منڙا وساري نہ ڇڏجانءِ،
وڃڻ سان خدارا خطڙو تہ لکجانءِ،
من ٿي وڃي ڪا روح جي رهاڻي.
هتي تو سوا دل ڪندي ڪئين نماڻي.

اٿئي پرين پارت حال مون هيڻي جي،
ڪجانءِ دوا درمل ڦيرو ڏيئي ڦيٽي جي،
متان ٿي وڃي ڪا اسانجي پڇاڻي.
هتي تو سوا دل ڪندي ڪئين نماڻي.

رهجي آس وئي آ "علي گُلَ" اندر ۾،
پورو پيار ڪيئن ٿيئي هڪڙي پهر ۾،
ساڳي دل اسان جي رهجي وئي ويڳاڻي.
هتي تو سوا دل ڪندي ڪئين نماڻي.

***

١١ آڪٽوبر ١٩٨٥ع "جمعو" ٢٦ محرم ١٤٠٦هہ
٢ وڳي منجهند "درداني" لاڙڪاڻو

اجان ڪونہ آئين، وئي رات گذري،
اوهان ڪان مان شايد ويس يار وسري.

رهاڻيون ڪيون مون، ستارن سان ويٺي،
ڪهاڻيون ڪيون مون ڪنارن سان ويٺي،
ڪنارون ڪنڊيءَ تي، بيٺا ڪانهہ نسري.
اوهان ڪان مان شايد ويس يار وسري.

واعدن تي ويٺو آهيان آئون اڪيلو،
نصيبن ۾ شايد ناهي ٿيڻو ميلو،
عشق جي اندر مان اچي آگ اپري.
اوهان ڪان مان شايد ويس يار وسري.

عشق جا علي گُلَ آزار ها گڏ،
سوچون ۽ لوچون ويچار ها گڏ،
”سانگي“ سور سارا نچي بيٺا نڪري.
اوهان ڪان مان شايد ويس يار وسري.

****



۲ آڪٽوبر ۱۹۸۳ع ”آچر“ ۲۴ ذوالحج ۱۴۰۳هه
۶ وڳي صبح ”دودائي“ لاڙڪاڻو

سڄڻ ياد تنهنجي ستائي گهڻو ٿي،
منهنجي من ۾ ماتم مچائي گهڻو ٿي.

تنهنجي لاءِ ويڳاڻا نيڻ هي نماڻا،
سڪهو آءُ سياڻا ڇڏي محب ماڻا،
تنهنجي جهوري جيءَ کي جلائي گهڻو ٿي.
منهنجي من ۾ ماتم مچائي گهڻو ٿي.

ساوڻ جا ساڳيا وسن پيا ٿا مينهڙا،
ٽڙيا گل چمن ۾ گـلابي سي گلڙا،
اها مند موٽي منجهائي گهڻو ٿي.
منهنجي من ۾ ماتم مچائي گهڻو ٿي.

اڱڻ نيٺ ايندا ٿـيندي پيـاس پوري،
لاهيندس مان "سانگي" سڪ هيءَ سموري،
سڪ ساهه سر کي سڪائي گهڻو ٿي.
منهنجي من ۾ ماتم مچائي گهڻو ٿي.

***

٥ مارچ ١٩٨٢ع "جمعو"
٥ رڳي شام "دودائي" لاڙڪاڻو

هيڏيون بيوفايون ڪرڻ ڏي ڇڏي تون،
هوڙهرو مونسان رسڻ ڏي ڇڏي تون.

محفل ۾ مٺڙا اچن محبتي ٿا،
سڪ وارا سڀئي اچن صحبتي ٿا،
منهنجي اچڻ تي وڃڻ ڏي ڇڏي تون.

ڇوان جيئن توکي ڪرين تون ٿو ابتڙ،
مجبور دل کي ڏسي يار وبتر،
ڏکايون هي دل جون سهڻ، ڏي ڇڏي تون.

خلقون ڏڳن تي ڇڏيون تون بيهاري،
اهي وار واسينگ ڪلهن تي وبهاري،
غيرن سان گڏجي گهمڻ ڏي ڇڏي تون.

آهي سوز "سانگي" سيني ۾ سدائي،
وٺي ڪيئن وئي آ، اوهان کي جدائي،
منا منهڙو مونکان مٽڻ، ڏي ڇڏي تون.

***



پيٽرن پنڌ ڪندياسين

٣١ جولاء ١٩٧٢ع "سومر"
١٠ وڳي صبح سائيڪلن جو دڪان جيلس بازار لاڙڪاڻو

منهنجي جيءَ جلڻي ڪي، جيـاري ڇڏ تون،
جي جدا تـو ڪرين، پوءِ مـاري ڇڏ تون.

رسي تون ٿـو هلين تنهنجا اڳ وڻـان،
اڱيان اکڙيون رکان رکي وچ تون لتان،
وڏا وس ٿو ڪيان جيئڻ وچ نہ هتان،
گڏ مونسان گهڙيون ڪي گذاري ڇڏ تون.

پيـو لڇان ڦٿڪان مـان ڪيي ۽ سڄي،
تنهنجي طـلـب جي تـار ٿـي تـن ۾ وڄي،
سـاري رات سـڄڻ منهنجي ڇاتي ڇڄي،
هڪ وار مـون ڏي تہ نهـاري ڇڏ تون.

واعدا مونسان ڪري ڦري وچ نہ منـا،
چيـو تو هو مـونکي رهنداسين ڪنـا،
ڏکـيـا ٿيڻ ٿـا واپس يار رنـا،
ڪيئن توکي ڇڏان تہ وساري ڇڏ تون.

علي گُلَ جي نهي ٿي توسـان زندگي،
سـاري عمر ڪيان وينـو مـان بندگي،
منهنجو تون سڄڻ تنهنجو مان "سـانگي"
ڏئي دل ۾ جڳهہ ڪا وهاري ڇڏ تون.

***

پيرين پنڌ ڪندياس

٥ آگسٽ ١٩٧١ع "خميس" ١٣ جمادي الثاني ١٣٩١هہ
٥ وڳي صبح شهيد جو ميدان "دروائي" لاڙڪاڻو

سهڻي صورت جا سردار سڄڻ، قربان وڃان قربان وڃان،
هڪ سهڻو وري سينگار سڄڻ، قربان وڃان قربان وڃان.

تنهنجي محبت ۾ مهمير مُنا، ڪيئي پير فقير امير مِنا،
تنهنجي سڪ واريءَ جي سير ڪُنا
موهي دلڙيون وئين ڪي ٿي هزار سڄڻ، قربان وڃان قربان وڃان.

تنهنجي ڪلنگي مبارڪ سون جڙيل، تو پهرين پوشاڪون موتي جڙيل،
تنهنجي قرب جا قيدي آهيون ڪڙيل،
منهنجا پنهل پرين پڳدار سڄڻ، قربان وڃان قربان وڃان.

گلڙا ٽا ٽڙن تنهنجي مرڪڻ سان، ٽانڊاٽا ٽلن، تنهنجي ٽهڪڻ سان،
موج محفل ۾ ٿئي مهڪڻ سان،
ڪيا پيار وارن سان پيار سڄڻ، قربان وڃان قربان وڃان.

عشقُ علي گُلَ ڪي تو پنهنجو ڏنو، ”سانگي“ سڪ ۾ ساري رات رنو،
ڪر ساييان سڄڻ منهنجو سپنو،
پنهنجي مرضيءَ جا مختيار سڄڻ، قربان وڃان قربان وڃان.

***

٢٨ نومبر ”اڱارو“ ٥ رجب المرجب ١٤١٦هـ
٨ وڳي شام ”پريس ڪلب“ لاڙڪاڻو

سڄڻ منهنجو مونکان رسي يار ويو آ،
ڏئي دل کي ڏاڍو آزار ويو آ.

وڏي درد ويو آ، دوا ڪانہ ٿينديءِ،
حڪيمن کان منهنجي، شفا ڪانہ ٿيندي،
ڪري برهہ ۾ هو، بيمار ويو آ.

ڇني هن ڇڏيو آ، ٻين جي چوڻ تي،
نڪي قياس آيس، منهنجي روئڻ تي،
وجهي من ۾ ماتم، منٺار ويو آ.

وڌيون عشق آهن اڪيرون اندر ۾
پڙهيون نينهن آهن تڪبيرون اندر ۾
ڪسي مونکان سارو سينگار ويو آ

علي گلّ الائي ڇو ڪري ويو ڪنارا،
ڇوي سور "سانگي" ويو ڏئي آ سارا،
ڏئي درد دل کي دلدارُ ويو آ.



پيرين پنڌ ڪنڌياس

***

۴ آگسٽ ۱۹۷۱ع "اربع" ۱۲ جمادي الثاني ۱۳۹۱هہ
٥ وڳي شام شاهہ شهيد جي پڙ ۾ هيٺان "وردائي"

ڪارا وار سڄڻ تنهنجا ڪاريهر،
هنيو ڏنگڙا وڃن ڪسيو دل دلبر.

ور وڪڙ ڏيو ٿا، من موهن،
دل ڪٽڪ اٿي جيان پيا ڳوهن.

ڏاڍا مون تي وڌائون وزن بحــر.
هنيـو ڏنگڙا وڃن ڪسيو دل دلبـر.

ڏيٺي ڦٽيون ڦوهارا گل ناهي،
لوڏي ٻانهه هلڻ يي گهٽ ناهي،

مونکي ماڻن سان ٿو ماريـن ٻر.
هنيو ڏنگڙا وڃن ڪسيو دل دلبر.

انهن ڪي جو علي ڳُلَ ڪو بہ ڏسي،
"سانگي" اڱڻ مري ڪُسي روز ڪسي،

ڪيئي جانيون چڙهن ٿا ٽوڙي جگر.
هنيو ڏنگڙا وڃن ڪسيو دل دلبر.

****

٣١ آڪٽوبر ١٩٩١ "خميس" .
٥ وڳي شام اسلام آباد

پکيڙا اڏاٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا،
گهرڙا پراٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا.

ترسيا هو تيتر، هيو چوٽو پاٽي،
واهيرا چڙايا، ڪٿي ڪنهن ڪاٽياٽي،
رنڙا سي راٿا، چڙيو اڄ وڃن ٿا.
گهرڙا پراٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا.

ڳالهيون ڳڻ تني جا، ٻلا ڪيئن نہ ڳايان،
اهي ويا نياٽي، مان ڪيئن نيايان،
ڪنڌڙا ڪوماٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا.
گهرڙا پراٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا.

علي گلَ آکيرا، وڃي ڪي اڏيندا،
واهيرن تي واپس وري، ڪين ايندا،
ساهہ جا سيباٿا، چڙيون اڄ وڃڻ ٿا.
گهرڙا پراٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا.

پکيڙا اڏاٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا،
گهرڙا پراٿا، چڙيون اڄ وڃن ٿا.

****

٨ جولاءِ ١٩٨٤ع "جمع" ٢٨ محرم ١٤١٥هہ
٥ وڳي شام "دوهائي" لاڙڪاڻو

ڳوڙها وهن اکين مان ٽا نار نار ٿي،
ڏاڍا ڏنا تو مونکي آزار يار ٿي.

تنهنجا پرين مونسان ڪي واعدا وڏا ڪيل ها،
پنهنجي قرب جا ڪٽورا هٿڙن ۾ ڪي پيل ها،
وبنئين سيئي وساري، ڇو ڌار ڌار ٿي.
ڏاڍا ڏنا تو مونکي آزار يار ٿي.

جيڪا جڙي هئي دلڙي تنهنجي جوڙ ۾ او جاني،
ڳانڍيا ڳنڍي هئي ڪنهن موڙ ۾ او جاني،
موسميءَ وانگي وئي اها، سا ٿار ٿار ٿي.
ڏاڍا ڏنا تو مونکي آزار يار ٿي.

افسوس آ علي گُلَ ڪا ٿي وفائي ڪانهي،
آهي ڪوڪلو زمانو "سانگي" سچائي ڪانهي،
منهنجي ڪٺيل جا بازي، وئي هار هار ٿي.
ڏاڍا ڏنا تو مونکي آزار يار ٿي.

***

١٣ سيپٽمبر ١٩٧٩ع " جمع"
"پير جو ڳوٺ" خيرپور ميرس

لڳي دل جي ويندي ڪنهن سان آهي،
ان جي مقابل پري چيز ڇا هي.

مجنونءَ کي مولا چيو اي مجنا،
توکي مان پنهنجي زيارت ڪرايان،
ڇيائين تي ليليٰ جي آهِ صورت،
نہ تہ ڪائي مونکي ضرورت ناهي.

ميهر لاءِ ماندي سهڻي ويچاري،
گهڙي پيئي درياهہ ۾ محبت جي ماري،
ٻُلي ڪيئن ٻيلي هئي جا ڪنياري،
اندو عشق ڪيئڙو ڪن ۾ پئي ڪاهي.

سسئي سڪ ۾ جهاڳيو جبل آ،
ڪندي ڪيچ ڏئي وئي پنهل پنهل آ،
خبر پڇ 'علي گُلَ' جنهن کي لڳل آ،
نانگي نينهن ڪئي آ بيني لاهي پاهي.

***

٥ سيپٽمبر ١٩٧٨ع
عيد رمضان "سينٽرل" جيل سکر

دلبرا دلگير سان اڄ دلربائي ڪا ڪيو،
برهه وارن سان پلارا پرجهلائي ڪا ڪيو.

عشق جو پنڌ آهي اوکو جهاڳڻو پيو آ جبل،
راهه ۾ اي رهنما اجهو ٿيءُ منهنجي ايل،
رهنمائي راهه ۾ رهنمائي ڪا ڪيو.

درد منهنجي جي دوا دلبر ڪيو ديدار سان،
خوش ڪريو دلڙي منهنجي يار پنهنجي پيار سان،
هيڻن سان هادي حبيبا پلي پلائي ڪا ڪيو.

غمگين ٿيو غم ۾ مٺا، ڪيو حال هي ڦرندو وتان،
محبوب تنهنجي مان هجر ۾ روز ٿو روئندو وتان،
بي بسي منهنجي ڏسي با وفا ٿي ڪا ڪيو.

اصلئون علي گُلَ آهي تنهنجو ٻيو نه پايان پال ٿو،
پنهنجي اکڙين سان ڀرين، منهنجو ڏسين تون حال ٿو،
”سانگيءَ“ جا سردار سهڻا شاهه شفاعي ڪا ڪيو.

***

١٩ اپريل ١٩٧٨ع
”پراڻو جيل“ لاڙڪاڻو

آهُنِ ۾ اثـر ڪونهي، پرچايان پرين ڪيـئن مـان،
دانهنِ ۾ اثرِ ڪونهي، پرچايان پرين ڪيئن مان.

مون ماڻهون مُڪا ڪيئي، پرچائي سڄڻ ڏيو،
هڪڙو پيرو مونسان، ڳل لائي سڄڻ ڏيو،
ميڙن ۾ اثر ڪونهي، پرچايان پرين ڪيئن مان.
دانهنِ ۾ اثر ڪونهي، پرچايان پرين ڪيئن مان.

وجهي ڳارو ڳچي ۾ وبس، ۽ پيرين اگهاڙو،
درد مان ڪندو دانهون، ڪندو روج ۽ راڙو،
منٿن ۾ اثر ڪونهي، پرچايان پرين ڪيئن مان.
دانهنِ ۾ اثر ڪونهي، پرچايان پرين ڪيئن مان.

شاعري مون شروع، ۽ ڳائڻ يي علي گُلَ،
سازن رکيم هٿڙا ۽ وڄائڻ يي علي گُلَ،
راڳن ۾ اثر ڪونهي پرچايان پرين ڪيئن مان.
دانهن ۾ اثر ڪونهي پرچايان پرين ڪيئن مان.

***

٢١ آڪٽوبر ١٩٧٧ع "جمع"
"پير جو ڳوٺ" خيرپور ميرس

آءُ اڱڻ تي ڊولڻ پيــارا ، قرب ڪيــو هڪ واري،
تــولاءِ هـجرِ ۾ روز وهي پيــو، آب اکين مــان جاري.

توجي مونسان قول ڪياها ، توڪـان ويا وسـري،
توکي خبـر ڪا ناهي پيارا ، مون وٽ ڇا گذري،
ويڌن ۾ هت هڪ هڪ آهي، رات سورن ۾ گهاري.
آءُ اڱڻ تي ڊولڻ پيــارا ، قرب ڪيــو هڪ واري.

ناهي دوا هـن درد جي ڪائي ڀل ڪي حڪيم اچن،
ڏينهون ڏينهون ڦٽ فراقي ڇاڪ ڇڪي پيـا ڇڪن،
ڪنهن ڪي ڏيڪاريان سينو ڪولي، باهہ سڄڻ جا ٻاري.
آءُ اڱڻ تي ڊولڻ پيــارا ، قرب ڪيــو هڪ واري.

ايڏي سڄڻ ڇو هوڏ هلين تو آنءُ حيثيت منجهہ حقير،
علي گُلَ جو هي سر آ صدقو، آهيان تنهنجو "سانگي" فقير،
آخر مـون بس هاري بازي، وئين تون ڪٽي مونکان ساري.
آءُ اڱڻ تي ڊولڻ پيــارا ، قرب ڪيــو هڪ واري.

***

٨ اپريل ١٩٨٠ع
"دوداني" لاڙڪاڻو

آيو اڱڻ تي پير پري آ، لک لک لائق پائنيون،
اڄ ٿيون عيديون پوريون، اميدون پرور پاڪ پڄايون.

ڪهڙا سڄڻ تنهنجا ٿورا لاهيان ڪهڙا ڳڻ مان ڳايان،
احسان هزارين قرب ڪروڙين پورل تنهنجا پانيان،
گهر مال فدا سڀ سرڙا صدقي قدمن منجهه ڪيرايون.
آيو اڱڻ تي پير پري آ، لک لک لائق پائنيون.

سرتيون سهيليون ساڻ هلي ڪيو دلبر جو ديدار،
منهنجي پنهل جو مٽ نه مان پائيان سهڻن جو سرادر،
محبوب منو آ مصريون ماکيون، ڪير ۾ کنڊ ملايون.
آيو اڱڻ تي پير پري آ، لک لک لائق پائنيون،

علي گُلَ "سانگي" سور ويا سڀ درشن دوست ڪرايو،
پاڳ پلا ڏس گهر وڻني آ، عجيب اڱڻ تي آيو.
گيت خوشيءَ جا ميگهه ملهاريون، اڄو ته ڳڏجي ڳايون.
آيو اڱڻ تي پير پري آ، لک لک لائق پائنيون.

***

١۴ مئي ١٩٧٣ع
"درداني" لاڙڪاڻو

سيئي رستا بيهن تاڙي، جڏهن منتارَ ٿو نڪري،
ڪيئي عاشق وڃن ڪسجي، ڪري سينگار ٿو نڪري.

اکيون سهٽيون ڪنديون ڪجليون مثل تلوار جي پرون،
سڄڻ جي سونهن تي ڪيئي ويٺا دلڙيون ڪري گرويون،
ناهي پوءِ حوصلو ڪنهن وٽ جڏهن نروار ٿو نڪري.
ڪيئي عاشق وڃن ڪسجي، ڪري سينگار ٿو نڪري.

ڪنڍائي خوب ٿي خوشبوءِ راٽي لاءِ رات جي راٽي،
اُڏائي گُلَ وڇائي ٿي هوا راهن ۾ سرهاٽي،
ڪڪر چٽڪار ڪن بيٺا هيٺين جو هارُ ٿو نڪري.
ڪيئي عاشق وڃن ڪسجي، ڪري سينگار ٿو نڪري.

هٽائي سڀ پرينءَ پردا ڪيو اظهار آ ظاهر،
چوي "سانگي" سڪايل سان ڪيو اڄ پيار آ ظاهر
پرن ينوارا پيا هر هر گلي گلزار ٿو نڪري.
ڪيئي عاشق وڃن ڪسجي، ڪري سينگار ٿو نڪري.

***

۲۸ رمضان المبارڪ ۱۴۱۵ھ
۱۰ وڳي صبح مدينو منور

تنهنجي درد ۾ ويهي ڪبيون اکڙيون هي آلڙيون،
مرندي گهڙيءَ تائين ڪبيون ياد ڳالهڙيون.

وسري ڪڏهن نہ وينديون وسرڻ جهڙيون نہ آهن،
نہ سوچون نياري سگهنديون نيرڻ جهڙيون نہ آهن،
پيون عشق جون ڳچيءَ ۾ التيون ڪي چالڙيون.
مرندي گهڙيءَ تائين ڪبيون ياد ڳالهڙيون.

آزار پل هزار هجن هن عشق جا مونکي،
سهڻا سونهن سوڀ ساري اها بخش توکي،
گهمندو سدائين رهہ پيو لائي تون لالڙيون.
مرندي گهڙيءَ تائين ڪبيون ياد ڳالهڙيون.

علي گُلَ تو ڪاڙهي ساڙي ڪيڏو سور آ،
روئي روئي اکين جو نڪري ويو نور آ،
اڄ ٻيو اکيون هي آهن "سانگي" سوالڙيون.
مرندي گهڙيءَ تائين ڪبيون ياد ڳالهڙيون.

****

۲۱ نومبر ۱۹۹۳ع "آچر" ۵ جمادي الآخر ۱۴۱۴ھ
"شهيد جو ميدان درداني" لاڙڪاڻو

سـڪندي سـال ويا گذري صنم دلدار جلدي آءُ،
وجي ٿو دم بس هاٽي، هينئين جا هار جلدي آءُ.

مدت محبوب آ گذري، ڏني تولاءِ چريو آهيان،
سـورن ۾ سال ويا سارا، سـون سـورن پريو آهيـان،
مـشڪ بابر، ملي مـنٿا هٽي هيـڪار جلدي آءُ.
سـڪندي سـال ويا گذري صنم دلدار جلدي آءُ.

سرءُ درياهه واري يار ڪري مـونسـان نه ويندو ڪر،
ڪڏهن پيرو پنور وارو ڪرڻ مونڏي ته ايندو ڪر،
پيايون سپ چڏي پهچڻ، جيءُ جاجيارا جلدي آءُ.
سـڪندي سـال ويا گذري صنم دلدار جلدي آءُ.

عليِ گُلَ رک اميدون تون، ڪاهي ڪنهن دم سڄڻ ايندو،
سـوَن ورهن جا ڏکڙا، هڪ لحظي ۾ ئي لاهيندو،
ٿينديون عيدان جڏهن "سانگي" ٿيندا ديدار جلدي آءُ.
سـڪندي سـال ويا گذري صنم دلدار جلدي آءُ.

***



١٧ نومبر ١٩٨٠ع
"درداني" لاڙڪاڻو

زماني ڪي ڏٺوسين يار عجب اسرار دنيا ۾،
ڪوئي ڪنهن جو هتي ناهي، ڪوڙو ٿو پيار دنيا ۾.

چون هر هر آهيان تنهنجو، قسم ڪيڏا پيا کڻندا،
نخرن ناز نيارن ۾، وبتر وبتر پيا وٺندا، ڪندا
مطلب جا قند قير، ڪوڙا اقرار دنيا ۾.
زماني ڪي ڏٺوسين يار عجب اسرار دنيا ۾.

سهڻ جي ست ۾ مان ڏٺم سڙندي ڪي سورهه جوان،
پنيان روئندا رڳو رڙندا، ڏٺم ڪيئي ٿي ويا ويران،
ڏٺم نانگا مت مجنون، ڪائيندي مار دنيا ۾.
زماني ڪي ڏٺوسين يار عجب اسرار دنيا ۾.

جگر پنهنجو ڪارايو مون، حسين ڪي آ ريلضت ۾،
وفا ڪنهن مان نہ ٿي آهي، رهيس خالي مان عبرت ۾،
علي گُلَ تو چوي "سانگي" رهو هوشيار دنيا ۾.
زماني ڪي ڏٺوسين يار عجب اسرار دنيا ۾.

***

١١ آڪٽومبر ١٩٧٢ع
"دوداڻي" لاڙڪاڻو

هل هتان يار هلون، سمنڊ جي پار هلون،
جت نہ ڳولهي ڪو سگهي، پيار جو دشمن پيارا،
هل هلي، اتڙي ويهي پوءِ ٿا پرين پيار ڪريون.

هتڙي هي ماڻهو پيا ڪن ڪيڏو نہ قهر،
پيار جو دشمن زمانو ٿيو زندگي آ زهر،
عشق وارن جو جلائن ٿا پيلا چا لاءِ گهر،
جوڙ جاني ڪن جدا پوءِ ويچارا دربدر،
پيج پچون هنڙان هلي، ات ٿا اظهار ڪريون.

پل منڊون موتي اچن پاڻ نہ موتون پيارا،
هل گذاريون ٿا هلي ڪي ساوڻ سيارا،
رنگ ڍنگ ويهي ڪريون نينهن جا نوان نيارا،
موجون ماڻيون ٿا هلي ءَ سيئي سک سارا،
پل خزان پيي جي هجي، بر ۾ ٿا بهار ڪريون.

اڄ علي گُلَ ٿا گهرون پيار ۾ آزادي هتي،
ماڻهو چاهن ٿا رڳو برهہ ۾ بربادي هتي،
پيار ۾ فتنا هزارين پيا وجهن يارو،
روئندا رڙندا ٿي وتن عشق جا فريادي هتي،
ٿو چوي "سانگي" هلي نينهن کي ٿا نروار ڪيون.

****

٧ جون ١٩٧١ع
"دوداني" لاڙڪاڻو

ٿــڪــا نيڻ منهنجا ٻئي نهــاري، اچ يار واڳ وطن تي واري.

ڪاهي عشق ۾ ويا ڪيئي گهاٽا، ڪيئي ڦاٽا سياٽا سياٽا،
ڪري ورهـ ڇڏيا وبڳاٽا، ســڪ ڇا جا هنڌ وهاٽا،
پيا تنهنجا مهانگا ماٽا، مينهن منداڻتا پيي وراٽا،
آئين ڪين اجان تون راٽا، منهنجا سهڻل ساهه سيباٽا،
وڏو عشق هينئون آ ڏاري، اچ ير واڳ وطـن تــي واري.

ريءَ ملهه جي جيڪي وڪاٽيون، ڪيئن ٽينديون سي يار سياٽيون،
جيڪي محبت ۾ پيٽڻ ماٽيون، اچ سرڪيءَ ڪاڻ سڪاٽيون،
وجي رڻ پٽ منجهه رلاٽيون، ڪيئي گهر در واريون ڏياٽيـون،
ڪيئي راڄن واريون راٽيون، ڪريان ڪهڙيون يار ڪهاٽيون،
وڏو عــشق آهـي آزاري، اچ ير واڳ وطن تي واري.

ڪيو آهي عشق اگهاڙو، ڇڏيان ڪيئن پنهل جو پاڙو،
ڪيان ڪيئن نـ يـلا مـان راڙو، ڪدي ٻاڦ نـ ٻوليـان ٻاڙو،
پيـو عـشق اندر ۾ مـاڙو، ڪر موت هيـڏي ڪو لاڙو،
هنيـو هينئڙي آهي هاڙو، ٿــيندو توريءَ ڪين ڪو چاڙهو،
اٿين مـفت نـ وڃ تون مـاري، اچ ير واڳ وطن تي واري.

آهيـان علي گُلَ آئون اياٽو، اڇي سڪ مـان سـور سـامـاٽو،
وتي دل جو گُلُ ڪومــاٽو، وٽي پاٽي نـ ان ڪو داٽو،
منهنجو هڏ بت ٽي پيـو سـاٽو، ڪيـو مـونسـان آهي رسـاٽو،
رٺو مومل ڪان جيئن راٽو، چوي "سانگي" ٽيءَ تون سياٽو،
وٿـين آگ انـدر ۾ ٻـاري، اچ ير واڳ وطـن تـي واري.

١٠ مئي ١٩٩٢ع "آچر" ٧ شوال ١٤١٢هه
٧ وڳي شام "دوداڻي" لاڙڪاڻو

پيرين پنڌ ڪندياس

منهنجو يار تون آن، منهنجو پيـار تون آن،
خدا جو قسم آ نہ ٻيو يارُ ڪندس،
توکي دل ڏني آ، توکي جان ڏيندس.

اعتبار ڪر تون ڪٿي يار مون تي،
جيئن منهنجو آهي اعتبار توتي،
زماني جون ڳالهيون زماني سان ئي رهنديون،
هونديون تنهنجون منهنجون، ڳالهيون پاڻ ۾ بس.

ڪڏهن تون ٻيو ايندين، ڪڏهن مان ٻيو ايندس،
نيائبي تڏهن آ جڏهن ڪاٿبي ڪس،
محبت جي گاڏي کي هلائڻو ئي پوندو،
ڪڏهن تون ڏڪيندي ڪڏهن مان ڏڪيندس.

علي گُلَ اوهان جي قبولي غلامي،
چڙي ٻيو زمانو تنهنجو ٿيم سلامي،
جڏهن حڪم مون کي اوهان ئي ڪندئو پيا،
اشاري سان "سانگي" هليو پيو مان ايندس.

***



پيرين پنڌ ڪندياس

١٧ مئي ١٩٩٤ع "جمع" ١٥ ذي الحج ١٤١٤ھ
٥ وڳي شام "دوداڻي" لاڙڪاڻو

اڄ توکان منا موڪلايون، وڃان ٿو ٻڌايون،
وري ڪين ايندا سين، وري ڪين ايندا سين.

تنهنجي شــور ڪــان دلڙي ڦــٽي،
جيڪا قرب تنهنجي ۾ هيـئڙي ڪٺي،
ســا دلڙي ويچاري وڃان ٿــو وٺي،
اِتي سڀ ڪجهه يار وڃايون. وڃان ٿو ٻڌايون،

تنهنجا رنج رســامــان واهي وڏي،
منهنجا هنئڙا سـڪي ويا ٻانهون ٻڌي،
نہ ڪـو داد ڪيــو تو دانهن ٻڌي،
اڄ ڳالهہ ڪي يار ڪُٿايون. وڃان ٿو ٻڌايون،

ڪنهن تي علي گُلَ ڏوهہ نہ ڏيندس آئون،
سڀ سر تي وسـائي ٻيهندس آئون،
هٿ خالي هتان ڪٽي ويندس آئون،
پنهنجي منهن ڪي يار لڪايون. وڃان ٿو ٻڌايون،

****

١٦ مئي ١٩٧٨ع
"پراڻو" جيل لاڙڪاڻو

زندگي آ اوهان ريءَ، اڌوري پربن،
موت ڪري موٽ ڪري ماڌوري پربن.

ڪري پيار رهبو نہ آهي پري،
اوهان جي حوالي مان وينس ڪري،
هيءَ پنهنجي حياتي سموري پربن.

عشق جي آڳ تو آ لڳائي مونکي،
اڄ رات ٻيي ننڊ نہ آئي مونکي،
چڙي آءُ هاڻي تون دوري پربن.

مان گذاريان ٿو ڏينهن رات آهون ڀري،
هيءَ ڪمزور دل پئي ٿي دانهون ڪري،
سوا تنهنجي پوندي نہ پوري پربن.

سکي ساهہ "سانگي" ٿو سڏڪا ڀري،
اڄ قرب مون تي مٺا ڪو ڪري،
اڄ اچڻو آ توکي ضروري پربن.

***

٢١ اپريل ١٩٩٥ع "جمعو" ٢٠ شوال ١۴١۵هہ
۵ وڳي شام "باغ درداني" لاڙڪاڻو



وڏي ويئي آ دل جي بيماري،
ڪيئي ڪانءِ منهنجي پوءِ واري.

صفا سنگدل ٿي ويئين سهڻا،
کهڙي دل جي توکي دانهن ڏيان،
ڪري وئين چو دل ڪان بيزاري.

ملندو هئين تون ملڻ ڪان وئين،
ويهي ڪجهہ سور سلڻ ڪان وئين،
ڪيئي پنهنجي پرين تو اختياري.

چو نہ دلڙي يلا چري ٿيندي،
منجهان دونهي باهہ ٻري ٿيندي،
ڪري دانهہ ٿي دل ويچاري.

علي گُلَ سان ويهي اج پيار ڪيو،
انڪار ڇڏي اقرار ڪيو،
ڏيو "سانگي" ڪي ڪا دلداري.

***

۱۳ مارچ ۱۹۸۵ع
"دوداڻي" لاڙڪاڻو

تنهنجا ڏاڍا تڪا سهڻا تيرڙا،
منهنجي دل کي ڏين پيا جهيرڙا.

تولاءِ پيار جا پيرون پچايم،
تولاءِ مصريون ۽ ماکيون ملايم،
تولاءِ ڪنڊون ملايم ڪيرڙا.
تنهنجا ڏاڍا تڪا سهڻا تيرڙا.

روز تنهنجي ڏسڻ لاءِ اچان پيو،
واس تنهنجي حسن جو ونان پيو،
ڪيان تنهنجي گهٽين ۾ ڦيرڙا.
تنهنجا ڏاڍا تڪا سهڻا تيرڙا.

اڄ علي گُلَ جو عرضڙو اگهيو آ،
مونکي محبوب منڙو مليو آ،
چوي ”سانگي“ پنيا ٿي پيرڙا.
تنهنجا ڏاڍا تڪا سهڻا تيرڙا.

تنهنجا ڏاڍا تڪا سهڻا تيرڙا،
منهنجي دل کي ڏين پيا جهيرڙا.

***

۴ جنوري ۱۹۸۴ع ”اربع“ ۲۹ ربيع الاول ۱۳۰۴ھ
”يونين آفيس وليد“ لانڪاشر

تيــر نظرن جا تڪا تلوار ڪــان،
ڪونہ ٿـو ڪوئي بچي ان وار ڪـان.

جنهن پلڪ جانيءَ ڏنو نظرون ڪٽي،
تنهن پلڪ دلڙي هٿن مـــان وبو هٽي،
هوش گم ٿي ٿا وڃن اســرار ڪان.
ڪونہ ٿـو ڪوئي بچي ان وار ڪـان.

زلف ســمجهڻ ۾ آهن زنجير سي،
سمجهہ ڦاسي ٿا پون مهمير سي،
پوءِ وٺندو ڪيـرُ ڪم ويچار ڪـان.
ڪونہ ٿـو ڪوئي بچي ان وار ڪـان.

پريت جو پيـالـو پيـاري ٿـا وڃن،
اندر عاشق ۾ اجاري ٿا وڃن،
پوءِ مڙن ٿـا ڪين هو واپار ڪـان.
ڪونہ ٿـو ڪوئي بچي ان وار ڪـان.

مان تہ چا "سانگي" ڪيئي سنجي ويا،
وڻ ويڙهيءَ وانگي صــفــا ويڙهجي ويا،
ڪير منهن موڙي سگهي ٿو پيار ڪان.
ڪونہ ٿـو ڪوئي بچي ان وار ڪـان.

٢ مارچ ١٩٩٢ع "سومر" ٢٦ شعبان ١٤١٢هہ
٥ وڳي شام "جناح باغ" لاڙڪاڻو

منهنجي دل ٽي ڪري پٺي دانهون مٺا،
روز تنهنجون نهاري راهون مٺا.

منهنجي باغ دل جا ڪنول سڀ ڪوماڻا،
نوان سور تنهنجا ساهه ۾ ساماڻا،
ويون بند ٿي سڀ واهون مٺا.
روز تنهنجون نهاري راهون مٺا.

جندڙي سورن ۾ ڇو ٿا يار ڳاريو،
خدا ڪارڻ دل ۾ رحم ڪجهه ته ڌاريو،
پٺي هنڌڙا ٿو جوڙيان ٻانهون مٺا.
روز تنهنجون نهاري راهون مٺا.

علي گُلَ جي منڙا آءُ تون اڱڻ تي،
ڪري قياس "سانگي" جي راڻا روئڻ تي،
ڪيا پيو ٿو آزيون الاهون مٺا.
روز تنهنجون نهاري راهون مٺا.

***



پيرين پنڌ ڪندياسين

٥ جنوري ١٩٧٣ع "جمع" ٢٩ ذوالقعد ١٣٩٢هه
صبح ٧ وڳي پير جو ڳوٺ خيرپور.

رســـي وئيـــن، ڇو تون مـــونکان راٺا،
رســٺــا مــان توکي رسڻ نہ ڏيندس.
منهنجا سائين ســاھ جــا سيباٺا.

ڇتا پنهنجا ڇوڙي، مان پيرين اگهاڙو،
پائي تو ڏي ايندس، ڳچيءَ ۾ بہ ڳارو،
ذرا توکي ســوچڻ، ڏيندس نہ سـيـاٺا.

تنهنجي در جودلبر مان ٿيندس داسي،
تنهنجي پيـار جو مـان آهيـان پيـاسي،
اُهي ڪاڏي ويندا، بنا ملهہ وڪاٺا.

ايندس نيٺ موٽي، سڄڻ منهنجا ساٿي،
ڪري توکي ڏيندس، بستر مان ڇاتي،
ڏيندسءِ ڪري مان، ٻانهون وهاٺا.

علي گُلَ کي پنهنجا ٻيجي برھ بارا،
ڪري قرب هاٺي، ڪرين ٿو ڪنارا،
اهي مـحب تنهنجـا، مـارن ٿا ماٺا.

***



٨ سيپٽمبر ١٩٩٥ع "جمع" ٢٩ ربيع الآخر ١٤١٦ھ
شام ٦ "دودائي" ضلع لاڙڪاڻو

تنهنجي منهنجي جوڙ ڪي جاني... نظر لڳي ڪنهنجي.

ظالم ماڻهو ظلم ڪيائون،
پيار جا دشمن ڪوڙ سڻائون،
ننڊ نہ ڪيائون جيسين ڇڪائون،
تنهنجي منهنجي واهہ جواني .... نظر لڳي ڪنهنجي.

زلف زنجيرن وانگي وڌا تو،
قرب ڪروڙين مون تي ڪيا تو،
تير نظر جا وبهي هنيا تو،
تنهنجي هئي ڪا اک مستاني ... نظر لڳي ڪنهنجي.

ساٿ سان هوندو ساٿ هو تنهنجو،
ڪيڏو ڪندو هئين خيال تون منهنجو،
خوف نہ خطرو يار هو ڪنهن جو،
هر ڪنهن جي سڌ هاڻي آني... نظر لڳي ڪنهنجي.

علي گُلَ "سانگي" سورن ۾ ڏئي،
تو تہ پنهنجي آ جان ڇڏائي،
وئين مٽڙا مونکي نہ ٻڌائي،
تولاء منهنجي دل ديواني .... نظر لڳي ڪنهنجي.

****



پيرين پنڌ ڪندياس

١٢ سيپٽمبر ١٩٧١ع "آچر" رجب ١٣٩١هہ
صبح ٨ وڳي باغ ۾ "دوداڻي" لاڙڪاڻو

ننڊ نيڻ جو چين لٽي وئين ... ڇا وئين ڪري سهڻا.

رات جو جهوري ڏينهن جو لوري،
منهنجي پوري ناهي توري،
ننڊ قتل ۽ مٿي ۾ ڦيري،
فراق جا ويتر ڦٽ ڦٽي وئين ... ڇا وئين ڪري سهڻا.

واٽهڙو مان وبندي وبندي،
اڪ تو اڙائي ايندي ايندي،
راتيون گذاريان روئيندي روئيندي،
ڏيئي جهٽو دل يار جهٽي وئين ... ڇا وئين ڪري سهڻا.

علي گُلَ ڪان تون جيت ڪري وئين،
”سانگيءَ“ سان ڪهڙي ريت ڪري وئين،
پاڻ کي منهنجو ميت ڪري وئين،
عشق جي بازي يار ڪٽي وئين ... ڇا وئين ڪري سهڻا.

***



١٣ سيپٽمبر ١٩٧١ع ”سومر“ رجب ١٣٩١هه
شام ٦ وڳي باغ ۾ ”دوداڻي“ لاڙڪاڻو

ويهه گهڙي پل يار ... ماه لقا منٺار،
هاٺي و جڻ جي وائي وساريو.

توکي ڏسڻ لاءِ وس مون ڪيا ها،
توسان ملڻ لاءِ وس مون ڪيا ها،
مس مس ٿيا ديدار... ماه لقا منٺار.
هاٺي و جڻ جي وائي وساريو.

آس اجهاايان پيياس رهيل جا،
پوري ڪيان مان سڪ سانديل جا،
پرين ڪري اڄ پيار... ماه لقا منٺار.
هاٺي و جڻ جي وائي وساريو.

علي گُلَ "سانگي" سامهون سڄڻ جي،
ويهي پنهنجي محب مکڻ جي،
هتڙا جوڙيان هزار... ماه لقا منٺار.
هاٺي و جڻ جي وائي وساريو.

****

١ جنوري ١٩٧٢ع "ڇنڇر" ١٣ ذوالقعد ١٣٩١هه
منجهند ١٢ وڳي ميهڙ ضلع دادو

يار رهي اڄ رات، محب ڪيون ملاقات
آءُ تہ ڪريون ڪي ڳالهيون ڳنڍڻ جون

ننڊون ڦٽائي، جيءَ ڪي جلائي
تنهنجي ڏڳن ۾، هي ديدون اڙائي
وينو آهيان نير وهايان، ساوڻ جيئن برسات
آءُ تہ ڪريون ڪي ڳالهيون ڳنڍڻ جون

اڄ تہ سڄڻ اڄ دل تي ڌڙڪي
تولاءِ ماندو تن پيو تڙپي
روز اسان وٽ سهڻا آهي، سورن جي سڪرات
آءُ تہ ڪريون ڪي ڳالهيون ڳنڍڻ جون

علي گُلَ "سانگي" عرض الاهون
دوست ٻڌو شل، درد جون دانهون
تارون تنوارون پرين پچارون، تن ۾ تنهنجي تات.
آءُ تہ ڪريون ڪي ڳالهيون ڳنڍڻ جون

***

۲۹ فيبروري ۱۹۷۲ع "اڱارو" ۱۳ ذوالحج ۱۳۹۱هہ
صبح ۵ وڳي "دوداني" لاڙڪاڻو

آهيان نينهن نهوڙي، وو يار،
عشق اچي تنهنجي ٻارڻ ٻاريا.

ڏسڻ ڏهاڙي يار اچون پيا،
فراق جا ڦيرا روز کيون پيا،
جيءُ منهنجو ٿيو جکوڙي وو يار،
هر کنهن سور ۾ سڄڻ پٺي ساريا.

سک تنهنجي ۾ سکندا رهيا سين،
حال اورڻ لاءِ روئندا رهيا سين،
ونگ ورهہ جي وکوڙي وو يار،
کاڏي وجن سي محبت ماريا.

علي گُلَ آهي عشق هي آفت،
هجت نہ کنهن جي "سانگي" حاجت،
رت رڱن جي روڙي وو يار،
دفتر دل جا سورن ساڙيا.

***

١ اپريل ١٩٧٢ع "چنچر" ١٦ صفر المظفر ١٣٩٢هه
رات ٩ وڳي ٽبو سعيد خان

تو جي مٺيو منهن يار... هو الا،
چو نہ مسافر شهر ڇڏيندا.

سيني ساندي سڪندي سڪندي
ڊڄندي ڊڄندي، لوڪ کان لڪندي
پاليو هيو مون پيار... هو الا.

ننڊڙي لاڪون نينهن مون لاتو،
پيچ پريت جو تو سان پاتو،
هاڻي ڪيو تو ڌار... هو الا.

تنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن مونکي،
طعنن تنڪن مهڻن مونکي،
آهي ڪيو بيزار... هو الا.

مون نہ هو ڄاتو اهڙو ٿيندين،
مونکي ڇڏي اڌ واٽ تي ويندين،
"علي گُلؔ" ڏني آزار... هو الا.

***

١ مارچ ١٩٧٢ع "اربع" ١٤ محرم الحرام ١٣٩٢ھ
شام ٧ شهر لاڙڪاڻو

سچو ڏينهن سوداءُ اندر ڳار آهي،
ڪيو عشق مونسان آزار هي.

ڳڻتيون ڳاراڻو آ جيءُ پر جهوري،
ڪمزور دل ۾ مٽي پر آ ڦيري،
ڪيو برهه مون کي بيمار آهي.
سچو ڏينهن سوداءُ اندر ڳار آهي.

اٿي اڌ رات جو وڃان ٿو مان نڪري،
من ٻئي دل ٿئي وڃي مونکان وسري،
نٿو يار وسري ويچار آهي.
سچو ڏينهن سوداءُ اندر ڳار آهي.

عشق آ علي گُلَ اندر آڳ ٻاري،
منهنجي "سانگي" دلڙي آ دردن ماري،
ڪيو برهه مونکي بيقرار آهي.
سچو ڏينهن سوداءُ اندر ڳار آهي.

****

١٥ مئي ١٩٧٢ع "سومر" ١ ربيع الثاني ١٣٩٢هه
منجهند ١ وڳي شهر لاڙڪاڻو

ننڍ نٽي اچي ڳالهہ نٽي وٽي،
اي سهڻا، جڏهن تنهنجي سڪ ٿي ڪٽي.

لڄ پڄ لڳن ۾ جان ۾ جهوري،
ويهان ٿوڪري مان دلڙي ٿوري،
ملڻ جي ڪائي نٽي بات بٽي.
اي سهڻا، جڏهن تنهنجي سڪ ٿي ڪٽي.

عشق اکين ۾ اندر عاشورا،
دل ۾ ڪيا هن دردن ديرا،
ڏک تہ ڏٺي وٺين ڪين ڳٽي.
اي سهڻا، جڏهن تنهنجي سڪ ٿي ڪٽي.

سورن "سانگي" سڪڙا وڄايا،
تو اڇلايا مون هن چايا،
بار برهہ جا مون تي مٽي.
اي سهڻا، جڏهن تنهنجي سڪ ٿي ڪٽي.

***

١ جولاءِ ١٩٩١ع "سومرو" ١٧ ذوالحج ١٤١١هہ
صبح ١٠ وڳي پريس ڪلب لاڙڪاڻو

اڄ منهنجي دل ٿي چوي،
ايندو اڄ منهنجو سڄڻ،
متان ٿو ڪانگ لنوي... ايندو اڄ.

ڪلهاڪون ڪانگ لنوي،
منهنجي دل ٿي ڌڙڪي،
اهيو ٿو پار لڳي... ايندو اڄ.

اڱڻ مان ٻهاري ڇڏيان،
سيجون مان سينگاري ڇڏيان،
ڇڏيان ما مشڪ ڇٽي... ايندو اڄ.

ويندا سڀ سور هليا،
ملي محبوب ويندا،
ناهي منزل ڪا پري ... ايندو اڄ.

علي گُلَ رو نه هاٿي،
مڪو قاصد آ سهٽي،
"سانگي" ويهه صبر ڪري ... ايندو اڄ.

***

١٠ جون ١٩٨٣ع "جمع" ٢٨ شعبان ١٤٠٣هه
شام ٥ وڳي اوطاق دوداڻي لاڙڪاڻو

اڄ اکــڙيون جي، ڦــڙڪار ڏسي،
منهنجي دل ٿي چوي، مـحـبـوب ايندو،
وٺي لبــڙن کي، وٺي آ خشــڪي.

انتظار ڪندي ويا ورهـ لنگهي،
وئي ڄمــار منـهنجي آ رڳو رئندي،
منهنجا ويا هن سارا حلق سـڪي.

دل ڌڙڪي ٿي وري ڪانگ لنوي،
آيا ڄــاڻ ســڄڻ ٿي ســوچ چوي،
اهي پار ڏسي مـونکي پڪ آ ٿي.

اها خوشي ڏسندي مان مري نہ وڃان،
مـحبـوب اڱڻ تي مـان جي ڏســان،
پهريان ڏسندس مان وٽڙين مان لڪي.

"سانگي" سرهي سيج وڇائي ڇڏيان،
ڪي مـشـڪ عنبـر ڇـٽـائي ڇڏيان،
منهنجا علي گُلَ پوندا ڀـاڳ کلي.

***

١ جولاء ١٩٨۴ع "آچر" ١٣ شوال ١٣٠۴هه
شام ۴ وڳي اوطاق "دوداڻي" لاڙڪاڻو

چڙيون اڪــڙيون يـــار اڙائي،
نـڪي ڏوهہ ڪـو دل جو آهـي،
بيـنـو عـشق آ لاهي پاهي.

لڳا نينهن جا نيـــارا نظارا،
پنجي عـشق جا وينڙا آرا،
اتي نيـٽـن چڙيـو لڙائي،
جتـي جاءِ جواب جي نـاهــي.

منهنجون آهن چريون پنئي اڪڙيون،
وجي پاڻ ڏاڍن ســـان پڪڙيون،
ڪڙا ڪلف ڪندين پر ڪڙائي،
ويون اڪـڙيون دل کي ڪاهي.

هيـو علي گُلَ تن کي جادو،
جن منهنجي ڪئي دل قـــابو،
وجهي زلف زنجيـــر جڙائي،
سڪ سـورن ڏي ويئي ساهي.

***



۵ آڪٽوبر ۱۹۸۱ع "سومر" ۴ ذالحج ۱۴۰۱ھ
شام٦ وڳي باغ "دودائي" لاڙڪاڻو

عـشق جڏهن اسـتـاد تي آيو،
لـيـلان لـيـلان قـيـس لکي آ،
محبت ڪنهنجي ڪاڻ لکي آ.

اسـتـاد پيـو ماري مـجني کي،
نيشـان نـهي پيا ليلان تي،
ويـنـا پيـئي، نيـنهن لڳايو.
لـيـلان لـيـلان قـيـس لـکي آ.

بر ۾ مـجنون بند تي بيـنـو،
واڍي وڍيو تہ بہ لـيـلان چوي پيو،
آهي ولڙن، منجهـہ ويڙاهيـو.
لـيـلان لـيـلان قـيـس لـکي آ.

عـشق علي گُلَ آيو آيو،
جڳ ۾ جنهن آ شـور مـچايو،
عشقَ نہ ڪنهن جو راز لڪايو.
لـيـلان لـيـلان قـيـس لـکي آ.

***



۴ جون ۱۹۸۴ع "سومر" ۴ رمضان ۱۳۰۴هہ
صبح ۱۰ وڳي يونٽ آفيس وليد لاڙڪاڻو

اينديں منهنجا تون يار ڪڏهن،
تڪيان تنهنجا چارا وٺو مان پيارا،
تون اڄ اڪيون توکي ڏسن.

رستا متي وئين تون يار اچڻ جا،
ويٺڙا وجائجي موقعا ملڻ جا،
ٿيندا وري ديدار ڪڏهن.
تڪيان تنهنجا چارا وٺو مان پيارا.

ياد پون ٿيون تنهنجون ڳالهيون،
ڳوڙهن سان ڪيان اکڙيون آليون،
سُڪندا اکين جا نار ڪڏهن.
تڪيان تنهنجا چارا وٺو مان پيارا.

علي گُلَ "سانگي" سور وڌن ٿا،
تيئن تيئن تنهنجا پور پون ٿا،
لهنديں سڄڻ تون سار ڪڏهن.
تڪيان تنهنجا چارا وٺو مان پيارا.

***

پيرين پنڌ ڪندياس

١٠ جولاء ١٩٨٤ع "اگارو" ١٠ شوال ١٣٠٤هه
صبح ١١ وڳي يونين آفيس وليد لاڙڪاڻو

وات ويندن سان ... الا،
اک وئي لڙي وئي لڙي،
جند وئي جڙي وئي جڙي.

چنڊ چڪوري چاھ وانگي،
ڪوري بڻي جيئن باھ وانگي،
تانگھ تپائي تڙي تڙي....

پيار پتنگي وارو پايان،
شمع جي آڏو پاڻ جلايان،
ٻارڻ ٻاري ٻڙي ٻڙي ....

زلف زنجير وانگي پيئڙا،
ڪلف ڪنديڙن وانگي پيئڙا،
قربن منجھ ڪڙي ڪڙي....

علي گُلَ "سانگي" عشق لڳي ويو،
محبت وارو مشڪ لڳي ويو،
ڪاٽي دلڙي اڙي اڙي ....

***

٧ جولا ١٩٨٤ع "ڇنڇر" ٧ شوال ١٣٠٤ھ
صبح ٩ وڳي پونڌ ڪاٽونسل وليد

آءُ اڱڻ مـتي، احـسـان ڪري،
توکي زندگي ڏيان، قربان ڪري.

گهائي دلڙي وئين تون گهورن سان،
ڪڙبون زلفن جي آ زنجيرن سان،
هنيا تير نظرن جا، نشان ڪري.
آءُ اڱـڻ مـتي، احـسـان ڪري.

هٿي ديدن جون وئين دوناليون سڌيون،
ايڏيون يار وٿيون وري ڇا لاءِ وڌيون،
آءُ ٽڪاياڻ مان، مهمان ڪري.
آءُ اڱـڻ مـٿي، احـسـان ڪري.

آهي عشق جي منزل ڏاڍي پري،
اهيو علي گُلَ ڪان نٿو پنڌ نبري،
مونکي سور ڏنا ٿئي، سامان ڪري.
آءُ اڱـڻ مـتي، احـسـان ڪري.

***

٢٠ جولاءِ ١٩٨٤ع "جمع" ٢٠ شوال ١٣٠٤ هـ
شام ٥ زيتونن واري باغ ۾ دوداني

آهي مونکي سڄڻ اهيو ارمان
دلڙي ڪسي وئين ڪري ويران

پيار تہ پهريان ڏاڍو ڏنوئي
مان آهيان تنهنجو ائين پئي چيوئي
هاڻي رکيو ٿي ڇا جو گمان
دلڙي ڪسي وئين ڪري ويران

سڄڻ سک تنهنجي سمهڻ نہ ٿي ڏئي
کائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ نہ ٿي ڏئي
دوست اچي ڪيو ڪو درمان
دلڙي ڪسي وئين ڪري ويران

"سانگي" سک مان سور پرايم
سڀ ڪجهہ پنهنجو يار وڃايم
سورن جو ڪيان ڪهڙو بيان
دلڙي ڪسي وئين ڪري ويران

****

٢٩ جولاءِ ١٩٨٤ع "آچر" ٢٩ شوال ١٣٠٤ هہ
شام ٦ وڳي ٽيوب ويل دوداڻي

آيـــو آيـــو عـــشـــق اســـان وٽ،
دهـــلـــن ۽ شـــرنائن ســـان.

نينهن اڇي نروار جو ڪيٽڙو،
لوڪ ڪان ڌارئون ڌار جوڪيٽڙو،
اڏمـــن ۽ ارڏائن ســـان.
آيـــو آيـــو عـــشـــق اســـان وٽ.

سڪ ساڄن جي سيني اندر ۾،
جوش پيـــا جاڳي منهنجي جگر ۾،
ڏڏڪـــن ۽ دهمـــانن ســـان.
آيـــو آيـــو عـــشـــق اســـان وٽ.

علي گُلَ "ســانگي" سڪُ وڃايو،
دلـــڙي ڏئـــي مون درد پـــرايـــو،
عـــاشـــورن ۽ ارمـــانن ســـان.
آيـــو آيـــو عـــشـــق اســـان وٽ.

***

٢ سيپٽمبر ١٩٨٣ع "جمع" ٢٤ ذوالقعد ١٤٠٣هه
شام ۴ وڳي وڏي واهي درداڻي

پيار ڪر ته دلبر سان ڪر،
زندگي سان پيار ڪين ڪر.

اوج اونها پئه ڏسي لهي،
موت جي شڪل ۾ عشق يي،
اڇي ته انتظار ڪين ڪر.
زندگي سان پيار ڪين ڪر.

منهن نه موڙي پوئتي ڏسو،
عشق ۾ بچو ڇا لٺجي ويو،
اهيو مڪر ويچار ڪين ڪر.
زندگي سان پيار ڪين ڪر.

بند ملڻ ٿيو دلڙي آ رني،
علي گُلَ "سانگي" وڏي ورني دشمني،
دل مڪر بيزار ڪين ڪر.
زندگي سان پيار ڪين ڪر.

***

٢٢ آگسٽ ١٩٩١ع "خميس" ٢٢ محرم الحرام ١٤١٢هه
شام ٧ وڳي "پريس ڪلب" لاڙڪاڻو

ڪٿي ڪٿي وٺ سونهن تي تون سهٽا،
پلي مار ماٺهو، پلي ڪر تون ماٽا.

چنڪو ٿي چار ڏينهن، چري ٿي جواني،
آهي وارو تنهنجو جيءُ پيو تون جاني،
پلي رول راٺيون رٽن ۾ تون راٽا.
ڪٿي ڪٿي وٺ سونهن تي تون سهٽا.

لنگهين ٿو تون جاتا ڏسن بيهي ماٺهون،
ستارن ۾ چنڊ جيئن ميون ۾ ڏاڙهون،
سٽي سر وجهين ٿو ذرا سوچ سياٽا.
ڪٿي ڪٿي وٺ سونهن تي تون سهٽا.

عشق جي اري ۾ علي گُلَ اچي ويو،
پتنگ جيئن شمع تي پچي ويو پچي ويو،
پيو لوڙ عاشق پيو ڪاه گهاٽا.
ڪٿي ڪٿي وٺ سونهن تي تون سهٽا.

****

پيرين پنڌ ڪندياسين

٢٨ ڊسمبر ١٩٩٠ع "جمع" ١٠ جمادالاول ١٤١١هه
شام ٥ وڳي "موهن جو دڙو" لاڙڪاڻو

ڏينهن جا ڏيــڪـاري تــارا،
مــونڪــي چڱيا تو پيــارا.

سـڪ سڪائي سڪ وارن کي،
اڌ اڌ ڪن ٿا عشق وارن کي،
تنهـنــجي اکين جا آرا.

برهه ٻري ٿو روح ۾ ريٽــو،
جوت جلايان جيءَ ۾ وٻنـو،
ٻلـٻـل مـلـن شـل چارا.

نياپو سنيهو ڪانءَ چئي آ،
رات ٻي مـون ڪان ويئي وئي آ،
واٽ وجـــائـــــي وارا.

سَنڌُ سَنڌُ اوهان لاءِ "ســانگي"،
پيچرا پنڌ اوهان لاءِ "ســانگي"،
ســــڪ ۾ سڪن ٿا ســارا.

***

٢٠ نومبر ١٩٨٧ع "جمع" ٢٨ ربيع الاول ١٤٠٨هه
منجهند ١ وڳي "دودائي" لاڙڪاڻو

اڄ جـي اٿـئي اچڻـو،
ايـڏو نـہ ٿيءُ رسـڻو.

تنهنجي اچڻ سـان اولا ويندا،
سارا سڄڻ ڏک ڏولا ويندا،
مـل جـي اٿـئي ملڻـو.
ايـڏو نـہ ٿيءُ رسـڻو.

جهڙي صورت تهڙي سيرت،
جهڙي مورت تهڙي حيرت،
ڏاڍو آهيـن سهـڻو.
ايـڏو نـہ ٿيءُ رسـڻو.

سورن "سانگي" آهي سـلاڙيو،
پورن مـونکي آهي پڇاڙيو،
روح مـنـهـنـجو روئـڻـو.
ايـڏو نـہ ٿيءُ رسـڻو.

***

۱۴ مارچ ۱۹۸۴ع "اربع" ۱۰ جمادالاول ۱۳۰۴ھ
شام ۵ وڳي "دوداڻي" لاڙڪاڻو

ايڏو يـار نہ ٿـيءُ جذبـاتـي،
ويجهو ويهہ اچي ٿيءُ باتي.

توکي صاف سڄڻ ٿو ٻڌايان،
آهيان ڪهڙو ٻہ تنهنجو آهيان،
ســانيـاءِ اٿـئـي جـا لاتي.
ايڏو يـار نہ ٿـيءُ جذبـاتـي.

ٿي سـونهہ جي توتي ستاري،
لڳو عشق مونسان ڪو آزاري،
ڪُهي قـرب جي وٺي آ ڪاتي.
ايڏو يـار نہ ٿـيءُ جذبـاتـي.

اُتي علي گُلَ هتان نہ وڃندو،
اتي "سانگي" ساهہ يي ڏيـنـدو،
سـپ ڇوهہ ڇڏي لاءِ ڇاتي.
ايڏو يـار نہ ٿـيءُ جذبـاتـي.

****

١٨ مئي ١٩٨٤ع "جمع" ١٦ رجب ١٤٠٤هہ
شام ٥ وڳي "درداني" لاڙڪاڻو

سهڻا تنهنجي حسن جو،
پروان بنجي ويس مان.
تنهنجي نظر جو ناظر،
ڪو نشان بنجي ويس مان.

ناهيان مان ڪنهن خبر ۾،
آهيان عشق جي بحر ۾،
هڪڙي تنهنجي نظر ۾،
بي جان بنجي ويس مان.

تنهنجي جمال جاني،
دلڙي آ ڪئي ديواني،
تنهنجي پسي جواني،
حيران بنجي ويس مان.

بيٺو آهيان مان فڪر ۾،
توکي ڏسي سٽر ۾،
آهي ديد تنهنجي در ۾،
دربان بنجي ويس مان.

علي گلُ بڻيو اداسي،
تنهنجو پيار جو پياسي،
تنهنجي نظر ڪرم سي،
شادان بنجي ويس مان.

****



پيرين پنڌ ڪندياس

٥ جنوري ١٩٧٤ع "چنچر" ١٠ ذوالحج ١٣٩٣هه
صبح ١٠ وڳي "پير جو ڳوٺ" خيرپور

تير نظرن جا وسي ويا،
يار جي ديدار ۾.
مان تہ زخمي ٿي پيس،
هڪ ئي نظر جي وار ۾.

ڌار هئي تلوار جي،
ويس جت مان مارجي.
پيس بازي هارجي،
مان وحدتي واپار ۾.

قرب ۾ ڪاهيون ڪڙي،
ڪين دل اصلئون مڙي،
نين پيا منهنجا لڙي،
هن برهہ جي بازار ۾.

نينهن نرمل سان لڳو،
اڳ نہ مون اهڙو ڏٺو،
آ مٺو ڏاڍو مزو،
هن عشق جي آزار ۾.

هن علي گُلَ عشق جي،
مون کي خبر ئي ڪانہ هئي،
ڇا منجهان ويو ڇا آ ٿي،
رهيس مان ويچار ۾.

***

۱۳ جنوري ۱۹۷۴ع "آچر" ۱۸ ذوالحج ۱۳۹۳ھ
شماره "پير جو ڳوٺ" خيرپور

منهنجو من مـنا تو موهيو
پهـرين پهـرين نظر ۾،
ڇـڏي باهـ تو آ ٻاري.
هـن عـــشق جي اندر ۾.

وتـٿون روز ٿـا ويڳاڻا،
مـارن ٿـا تنهن جا ماڻا،
وجهـو نيڻ ٻئي نماڻا،
وبـنـو آهيان تنهنجي در ۾.

هر گـــز هتـــان نـ ويندس،
ســرڙو ڪـٽي بـ ڏيندس،
بدنـــام نيـٺ ٿـيندس،
سـهـٺا تنهنجي شـهـر ۾.

لـڳي طلب تن ۾ تـڪــڙي،
منهنجي ڳالهـ مڃ ڪا هڪڙي،
نـروار آءُ تون نـڪـري،
ڇاهــي رڪـيـو ســتـر ۾.

علي گُلَ مـان آهيـان آسـي،
تنهنجي پيار جو مان پياسـي،
”سانگيءَ“ سان رهـ تون راسـي،
ڪنهن قـرب جي ڪـٺـر ۾.

***



١ سيپٽمبر ١٩٧٤ع ”آچر“ ١٣ شعبان ١٢٩٤هـ
شام ٥ وڳي نوراجا شريف خيرپور

وري منڊ آئي مـــوٽي،
آهي مـنـا ملڻ جي،
ڇڏي آءُ تـون پـراڻـي،
عـــادت رسـڻ جي.

نڪي غم ٿو يار گهڻجي،
نڪي درد دل ٿو هڻجي،
مونڪان نٿي سا مڃجي،
عـــادت اها روئڻ جي.

سـورن ڪيـو سـهي آ،
منهنجي نـ سـا وهي آ،
مـون ۾ نـڪـا رهي آ،
طاقت اجان سـهڻ جي.

ڇڏيو عشق ڇا هي آ ڪي،
بـچـو برهـ ۾ نـ باقـي،
سکهو ڪر تون سهڻا ساقي،
پـري جام پر ڏيڻ جي.

عـلي گُلَ جي ڪـر عدالت،
"سانگي"ءَ جي تون شفاعت،
مون ۾ نـ ڪائي طاقت،
تـوسـان آهي ڪيڻ جي.

****

٥ سيپٽمبر ١٩٧٣ع "خميس" ١٧ شعبان ١٣٩٣هـ
شام ٦ "شهائي ڳوٺ ڪڇو" خيرپور

ٿـي ويـا درد جـا ديرا،
تولاءِ يار ٿـران پيـو،
ڏينهـن ۾ ڏهہ ڏهہ پيرا.

ڏئي وئين سور سڄڻ تون،
پوري پور ســـڄڻ تون،
ڏڪـــڙا ڏاڍا ڏڪـيرا.

رڳو تنهنجا ئي مـهـٽـا،
سهمن صدمن ۾ سُهـٽا،
جلي ويا جان ۽ جيـــرا.

بلب بتيون نيٽ ٻرنديون،
نيٽ رونقون ٻہ ٿينديون،
ويـــندا نيـــٽ انڌيرا.

علي گُلَ "سانگي" سهارا،
ڏيندا پرين پيـــارا وارا،
ورندا ســاڳا ڪي ويرا.

***

٦ سيپٽمبر ١٩٧٤ع "جمع" ١٨ شعبان ١٣٩٣ھ
شام ٦ وڳي "رلي" خيرپور

يلي ڪر تون منٺڙا،
مونسان ناز نيارا،
اسان ڪي اکين تي،
تنهنجا سور سارا.

خوشيون خوشين تي،
۽ مرڪون لبن تي،
سدا تون سڪن تي،
هوندين يار پيارا.

نٿو نينهن نيري،
نٿي ڳالهه وسري،
منهنجي رات گذري،
ٿي ڳڻيندي ستارا.

علي گُلَ اصل کان،
تنهنجو آ وصل کان،
"سانگي" مان سهٽل کان،
ڪيان ڪيئن ڪنارا.

***

٧ سيپٽمبر ١٩٧٤ع "ڇنڇر" ١٩ شعبان ١٣٩٣ھ
شام ٧ وڳي "بهارو" خيرپور

ڏني مـون يار کي دلڙي،
ڪٽي ويو گهور سان گهائي،
اراڏني عـشق جا اوڪـا،
پربـن ويو پيـچڙا پائي.

اٿـئي پارت پربن پيـارا،
منهنجا دلبر او دل وارا،
ڇڏيم سـڀ لـوڪ جا لارا،
رکو تنهنجي سـڄڻ سـائي.

لـڳي وئي لـوچ آ لـوري،
بري وبئي باهہ جيئن ڪوري،
وجهي وئين جيءَ ۾ جهوري،
بلا تي برهہ جي ڪـائي.

عـلـي گُلَ طلب آ تـاري،
"سـانگي" سـڪ آ سـاري،
وٺي وئي صـورت پيـاري،
وينـا سين يار سـان لائي.

***

۲ ڊسمبر ۱۹۹۴ "جمع" ۲۷ جمادالاول ۱۵۱۴ھ
شام ٦ وڳي "دوڙني" لاڙڪاڻو

پيربن پنڌ ڪندياسين

سـتايان ٿـو سڄڻ توکي.
رسڻ جون ڪين ڪر مونسان،
ڪـري مشهور ملڪن ۾،
مڪڻ جي ڪين ڪر مونسان.

آهي توسان پيار پيارا،
سيئي دل جا ڳنـڍيـل ڳارا،
تارون دل جون اي دل وارا،
ڪٽڻ جون ڪين ڪر مونسان،

سهڻي صورت کي سينگاري،
مـون کي مـاٺا ڪري مـاري،
اڪـيـون هڪ جاءِ بيـهـاري،
مٽڻ جون ڪين ڪر مونسان.

ڏنـــو ٿي ڏوهہ علي گُلَ ۾،
ٻڏاءِ جيـڪـا اٿـئي دل ۾،
ڏسي مون کي تون محفل ۾،
وڃڻ جون ڪين ڪر مونسان.

***

١٧ جنوري ١٩٧٥ع "جمع" ٣ ذوالحج ١٣٩٤هہ
شام ٦ وڳي "پير جو ڳوٺ" خيرپور

اج ٿو ڪانگ لنوي،
ايندا محب ملڻ،
مون وٽ رات رهڻ.

سڏڪي ساريان واٽ نهاريان،
ڏاڍا قرب ڪرڻ،
مون وٽ رات رهڻ.

برهہ بيماري توبهہ زاري،
پرين پاڻ ڏسڻ،
مون وٽ رات رهڻ.

ٻڌندا هوندا سڻندا هوندا،
دلڙي جا ڏڙڪڻ،
مون وٽ رات رهڻ.

نيٺ تہ نيندا ’ علي گل‘ ايندا،
”سانگي“ منهنجا سڄڻ،
مون وٽ رات رهڻ.

***

۶ ڊسمبر ۱۹۹۴ ”ڇنڇر“ ۲۸ جمادي الاول ۱۴۱۴هہ
شام ۶ وڳي ”دوداني“ لاڙڪاڻو

اڄوڪي اديون عـيـد ارمـان ٿي وئي،
غمــن گـوندرن ۾ گـذران ٿي وئي.

مـارو مـٽ منهـنجا ٿـر جي پـٽن ۾،
آئون قـيـد قـابو آهيـان ڪوٽن ۾،
جانبــن لاءِ جنــدڙي ويران ٿي وئي.
اڄوڪي اديون عـيـد ارمـان ٿي وئي.

مــارن جي مــونکي مــاريو وڇوڙي،
منهنجي عيوض منهنجو لڪيو ڪير لوڙي،
قـربن لاءِ ڪـنـڙي قـربان ٿي وئي.
اڄوڪي اديون عـيـد ارمـان ٿي وئي.

علي گل اسـان جي مقدر ۾ هئي جا،
لڪيل لوهه قلم جي، منظر ۾ هئي جا،
قـسمت ڏسي حال حيران ٿي وئي.
اڄوڪي اديون عـيـد ارمـان ٿي وئي.

***

١٢ نومبر ١٩٧٨ع "آچر" ١٠ ذي الحج ١٣٩٨هه
عيدالاضحيٰ "سينٽرل" جيل سکر

ماڻ ٿي چاهيو ٿي رهان گمنام تنهنجي شهر ۾،
پر وبس ٿي مان صفا بدنام تنهنجي شهر ۾.

شهر تنهنجي جي آ ماڻهن ڪاڻ ڪٺي گهٽ ڪا اصل،
عشق تنهنجو پايان ٿو منهنجي لاءِ آهي ازل،
ڪاڻ پيڻ ٿي وبو آ حرام تنهنجي شهر ۾،

ڪين ٿو ڪنهن ڪي ملي انصاف آخر ڪيئن ڪيون،
تنهنجو در دلبر ڇڏي، ڇڻ پلا ڪاڏي وڃون،
الٽو رڪيل آهي اهڙو ڪو نظام تنهنجي شهر ۾.

برهه بيوس آ ڪيو پيارا، تنهنجي پيار ۾،
حشر اهڙا مون ڏٺا عشق جي آزار ۾،
ٿي وبندس آخر پلا قتلام تنهنجي شهر ۾.

شروع شاعري مون ڪئي، علي گل "سانگي" عشق ۾،
واسجي مان پي وبس، پيار واري مشق ۾،
پهريون پهريون ناهيو وبهي آ ڪلام تنهنجي شهر ۾.

***

٢٧ جولاء ١٩٨٦ع "جمع" ٢٧ شوال ١٣٠٣ھ
٧ وڳي شام "پير جو ڳوٺ" خيرپور

ڏاڍا عـشـق عـجـب رنگ لايا ٿي،
اڄي پيچ پـريـت جا پايا ٿي.

منجهان قيس کي ڪيئن تو مجنون ڪيو،
رانجهن ڪـان هزارو تـخت ويو،
منصـور کي ڦاهي تـي چاڙهيـو،
سهـٽا سـوليءَ سيج سـجايـا ٿي.

مـومـل مـاڙيءَ تان لاٿـي آ،
سسئي پيـربن پيـادي ڪاٿي آ،
سهـٽيءَ سـير ۾ ساربو ساٿي آ،
ڪيـڏا قـرب اڄي ڪي ڪمـايا ٿي.

علي گل کي ڪوئي هو نہ پتو،
ڏيئي آڏي اٿاربو ”سانگي“ ستو،
اڄـي من انـدر ۾ ميلـو مـتو،
سـوري سـاز سـورن جا وڄايا ٿي.

***

١ نومبر ١٩٩٥ع ”اربع“ ٢٧ جمادي الثاني ١٤١٦هہ
٨ وڳي صبح ”درداني“ لاڙڪاڻو

پنهل ڏيج هٿن سان،
مٺيءَ جو ماس مرن کي،
رولِيي آئون رندن سان.

سڳ سوڏي آئون ايندس توڏي،
سجل پير پٽن سان.
پنهل ڏيج هٿن سان.

ڪين ڪبيون هن ڪنهن سان اهڙيون،
اهڙيون درد وندن سان.
پنهل ڏيج هٿن سان.

آريءَ چام جا اُٺ چاريندس،
ويندس آنءُ وڳن سان.
پنهل ڏيج هٿن سان.

سر لڳي منهنجو علي گل "سانگي"
منهنجي جان جٿن سان.
پنهل ڏيج هٿن سان.

***

٢٠ جولاءِ ١٩٩٥ع "جمع" ٢٠ شوال ١٤١٦هه
٥ وڳي شام "وڏي واهي درداني" لاڙڪاڻو

پکي نہ پکين جھڙا ، مـاڻھو نہ سڀ مـاڻھو،
کي کي موتي ڏاڙھون، "سـانگي" وڏ سـاھ کـان.

مـــوت نہ ڏينـــدئي مـــات، الـهـڙ اڻ ٽار،
جيـکـي جيءَ جيـار، ڏيندا سـر سـانگ تي.

مَـنجي منڊ منڊ تي، مـوت نہ تنهنجي منڊ،
پـجي بيهيـــن بـنـد، جاتي آر اچي ڪرين.

مـوت شـل مـري وڃين، تنهنجي اوکي مـوٽ،
گهائي وٺيـــن گهـــوٽ، الـهڙ اڻ موٽ سي.

مــوت نہ توکـا مـــڙندا ، الـــهــڙ اڻ مــوٽ،
گهائيندين کيترا گهوٽ، "سانگي" سرويچ سي.

مـجوءَ وينـــدا مـالهہ سـوره ڏينـــدا سـر،
گـهـوري ڏبا گـهـر، "سـانگي" پنهنجي سنڌ تي.

ڪوهين پوندي ڪن تي، ڪوهيـارِ ڪُوڪَ،
مُڙندا ڪيــئن مَلوڪَ، مَرنداسين سڀ مُرڪندي.

جهـوپڙيون جهـانگن جون، مـارن جا مـاڳَ،
سـانگن سندا سـانگ، سـانگي ٽر آئي تي.

***

بيت

ڏيــرن ڏاڍ ڪيــو، ڏاڍي ٻــاروچاڻي ذات،
ليــڙا لڏيائــون ٻيــهــي اٿي آڌيءَ رات،
”علي گُلَ“ نــنڊ نهـوڙي هٿي ساري لڳل سانت،
ڪيـئين ٿي رهان رات، آئون پيـنر هن پنيور ۾.

پيــنر آئون پنيــور ۾، ترُ نہ ترسندياس،
پير نہ ڇڏيندس پنهل جا آئونَ اتي ئي وبندياس،
اـڙا آريءَ جام جا مــان چاهہ مان چاربندياس،
’علي گُلَ‘ پاڙبندياس، وچي پنهنجو قول پنهل سان،

هيــڪلي هلي پيــئي ڪري توڪل آ توڪاڻ،
سـفر ســارو ســور جو نڪي سـرتي ســاڻ،
اوڪـــي مـــنزل عـشــق جي نڪي چاڻ سـجاڻ،
”علي گُلَ“ نتــو نــيجي نيــنهن نيــاپن ســاڻ،
پنڌ پـئــي آ پاڻ، ڪيـــچ ڪي ڪعــبــو ڪري.

ســسـئــي پيـئـي سور، هاڻي چوهہ اجايا ڇڏ،
ڇڏ پــنيوري ٻــات ڪــي لاهــوت طـرف لڏ،
مـحبت پنهنجي مـير جي اندر ۾ تون اڏ،
’سانگي‘ سـڪي سـڏ، تہ پنهل پسنديںءَ پنڌ ۾.

***

بيت

پنهل تنهنجي پنڌ ۾ آئون اچان ٿي اچان،
محبت تنهنجي من ۾ آئون مچان ٿي مچان
نانگو نينهن ڪيو آ، آئون نچان ٿي نچان،
پچان ٿي پچان، آئون علي گُلَ ”سانگي“ عشق ۾.

چڙهيس چوٽ جبل تي، آهي پنهل تنهنجو پنڌ،
ڪٽي آيو خوءِ مان تنهنجي عشق وارو انڌ،
”سانگي“ ساڙي آ ڇڏيو سورن سنڌ سنڌ،
مٽي منڌ منڌ، من ڇتا ڇوڙيل تون ڏسين.

پير اگهاڙا پنڌ ۾، آئون جبل جهاڳيندياس،
رڃ ٻلائون ڪيترا نه هر گز هٽندياس،
”علي گُلَ“ پنهنجي عشق تي لهه نه لائيندياس،
مور نه موٽندياس، وڃي ووڙي لهندس ور کي.

کهڙو ڏنائون ڏنگ، جتن جا جاڙي ڪني،
”علي گُلَ“ الائي ڇا ڪان وڻا ننگا ڇڏي ننگ،
اتي لڳو انگ، نت ڪير ڪشالا ٿو ڪري.

پنهنجو پيار پنهل سان، هٽي نعرا نيائيندس،
وک اڳتي وڌائيندس، آئون ”علي گُلَ“ پنهنجي عشق جي،

چڙهيس جبل چاڙهيون، آئون عشق واري انڌ ۾،
پنهل پنڌ ۾، ساٿي ٿجانءِ ”سانگي“ چوي.

***

منهنجو ڏنو پنهل ڪنهن، آئون وڃان ڪندي ووڙ،
لوڙينديس آئون لڪن ۾ جيـــڪـا لڪي لوڙ،
ڪنديس پنهنجي ور لاءِ پوري آئون پتــوڙ،
قولي ڪڙيس "علي گُلَ" نت ماٺهو ها پيا ڪوڙ،
جانب سندي جوڙ، ڪيئن ڪٽي آئون ڪوڙي ٿيان.

ڳولهي لهنديس پنهل کي، وڃي ووڙي آئون ووڙي،
بدلي منهنجي عشق جي ٻيو ڪير وڃي لوڙي،
آئون نہ ٽوڙينديس "علي گُلَ"، اُهي وڃن ڀل ٽوڙي،
جوڙ وري جوڙي، آئون ورنديس پنهنجي ور سان.

ووڙينديس ورَ لاءِ، وڃـي سـڀ وٽـاڻ،
سانگي" سيني ۾ ڪنيون محبت سندا ماڻ،
لڳو ٻاڻ برُوچ جو پانڌي ٿيــڙس پاڻ،
آهيان آئون اڻ ڄاڻ، منهنجو پنهل ايندو پنڌ ۾.

اديون آئون اڻ ڄاڻ، واقف ڪينم ڪس،
موٽڻ ڀايان مهٽو آئون ڪنديس وڏا وس،
ڀلل آئون ڀولي کي ڏيهـ بہ ڏيندا ڏس،
کهڙي هٿ ڪس، مونسان جيڏيون جت ڪري ويا.

****



پيرين پنڌ ڪندياس

بيت

ڪنهن ڏنا ويندي وڳ، جيڏيون تن جتن جا،
هڪ اڻ واقف "علي گُلَ" ، ٻيو ڏڪيا ڏاڍا ڏڳ،
تن جا وٺيو اڳ، وجي ملندس خان پنهل کي.

آئون ويندس ڪيچ ڪهي، آهي پنهور ڪان بس اديون،
ووڙي لهنديس ور کي، ڏيندا ڏيهه ڏس اديون،
پرچائيندس پنهل کي، ڪنديس وڏا وس اديون،
من ڪو ترس اديون، پوندو خان ٻروچ کي.

اديون انهيءَ عشق ۾، ڇا جا آهن شڪَ،
پڌري ٿي پيس پيار ۾، ويا سارا لهي لڪَ،
پل لاهي لوڪ لاهٽيون، آهي پنهل منجهه پڪ،
"سانگي" منهنجي سِڪَ، رهندي ڏينهن قيام تائين.

لڳي باهه پنهور کي، آئون ڪيچ تي ڪاهيان،
ويندس آئون انهن ڏي جن جتن جي آهيان،
اڻڙا آري ڄام جا، وجي چاهه مان چاريان،
"علي گُلَ" آئون پاريان، وجي پنهنجو پيار پنهل سان.

پير اگهاڙا پنڌ ۾، جتني ڪاڻ ڪندياس،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، ڇوڙي وار ويندياس،
"علي گُلَ" وجي آئون پنهل پسنديا‌س،
اجهوئي ورندياس، وٺي پنهنجي ور کي.

***

بيت

صبر سڪ وڃايون، مونکي نينهن ڪيو نانگو،
سورن سـاڙي سـسـئي، وار نہ ڪو وانگو،
”علي گُلؔ“ عشق ڪٽايو، گلا جو گهانگهو،
سر جو ڪو سانگو، هاٿي ڪرٽو ناهي عشق ۾.

ڪيچن کي ڪچو ڪيان، پر ڪچي آئون ٿياس،
سڪ سمهڻ ڪين ٿئي آئون سمهي سيج پياس،
ڏوهہ مڙوئي مون ۾، آئون ڏيرن تي ڏينـدياس،
”علي گُلؔ“ آئون هياس، ڪا پوري هن پنيور جي.

ڪيئن پينر آئون پلندياس، منهنجي پنهل ۾ آ پڪَ،
رڃ بلائون ڪيترا، پل جان هٽن چڪَ،
لڳي لُڪ لڳن کي، سڙي ٿيان مان سڪَ،
آئون سسئي ۽ سِڪَ، ڪاهي ويندا سين ڪيچ ڏي.

اٿو پنهل پڳ ڏٽي، جنهنجو مور نہ ڪوئي مٽ،
لاهي ٿو لطف سان قلب واري ڪٽ،
”علي گُلؔ“ عشق پنهل سان منهنجو ڇپر ٿيندو ڇٽ،
هار ٿئي يا ڪٽ، پر پير نہ ڇڏيندس پنهل جو.

****

پيربن پنڌ ڪندياس

بيت

راڻا رات رسي وئين، مونکي پيو ڪونہ پتہ
الائي تہ ڪنهن پڙهي ڇڏيو توتي علم ڪو ابتو،
جو ڏنو تو ستو، سا سومل هئي "سانگي" ڇوي.

ميندرا منُ مومل جو، ماري ڪيو ٿي مچ،
اجهايان ڪيئن "علي گُلَ" ڇوي اکين واري اڄ،
راڻا تون ريءَ رڄ، منهنجي ڪاري ڪاڪ ڪري وئين.

ڪاري ڪاڪ ڪري وئين، سو ڪوهي سڄ،
تو بن راڻا هاڻي، ڪهڙا ٿيندا جڄ،
رڳو رڄ ئي رڄ، آهي "علي گُلَ" آڏو اکين جي.

جيئن راڻا تو ڪئي، ائين ڪري نہ ڪوئي،
ماري ڪرين ها مٿ، تو ڏنو هو جوئي،
مون تي ڏئي ڏوهي، منهنجي ڪاري ڪاڪ ڪري وئين.

راڻا سياڻا من ميندرا، ڪري قرب ڪو اچ،
ڪيئن ڪنارا تو ڪرين، ٻاري محبت وارو مچ،
ڇوي "سانگي" آهي سچ، مونسان ستل هئي سومل سا.

راڻا رات رهي وڃ، قرب ڪاڪ تي ڪري،
مومل محبت ميندرا، هتي مفت ٿي مري،
منهنجي "سانگي" ڪانہ سري، پاپان ساعت سال برابر.

***

موهي من مومل جو، هاٺي ڇڏ مينڌرا ماٺا،
آءُ تہ ڪاڙبانءِ "علي گُلَ" چوي مڪڻ جا چاٺا،
آهن اياٺا، وڻ ڀي تولاءِ ڪاڪ جا.

مينڌرا مومل سان، ڀيلي ڇڏ ڪٽي ماٺو،
"سانگي" سورن ساڙي آئون، ٻسوڊا ٿيءُ سياٺو،
راٺا رساٺو، توکي ڪنهن پر نهي ڪين ٿو.

راٺا رات نہ آئين، مونکي ساڙيو تنهنجي سڪ،
"علي گُلُ" چوي عشق ۾، اهي لالڻ لاهج لڪ،
مجي ڳالهہ هڪ، مل مينڌرا مومل سان.

راٺا رسڻ واري، اهيا ڪوڙي آهي ربت،
نياءِ نڌر سان ڪٽي پيارا پنهنجي پريت،
آهي تنهنجي جيت، هاريون مون "سانگي" چوي.

ڪاڪ سڙي خاڪ ٿي، چاهي هت هاٺي،
"علي گُلَ" ايڏيس آئون هلي، تو مومل پڇاٺي،
ماريو تنهنجي ماٺي، نت ڪير ڪشالا ها ڪري.

****

بيت

جهلي ڪانه جهلياس، ڪيو سس وڏو وَسُ،
آڏيءَ اُتي ”علي گُلَ“ ڪٽي گهڙو هليس گسُ،
هاڻي رهبر سگهو رس، هيءَ سهڻي اٿئي سيڙ ۾.

ڪيئن ٿي ڪنيس ڪچو، جيڪا پاڻ ڪنياري،
”علي گُلَ“ اوج درياهه ڪي پيو رات مٿس ڪاري،
مقدر آ ماري، سهڻي وچ سير ۾.

ڪارا ڪن قهر جا، ڏڏڪا ڪي درياهه،
عرش اڏامي ”علي گُلَ“ عشق واري آهه،
رسج هاڻي راهه، ساهڙ سگهو سير ۾.

ميهر ڪر تون موت، سهڻي سير ۾ اٿيئي،
”علي گُلَ“ ساڻ لڏڙن لڙهندي سا ويئي،
پُڪي آ پيئي، واڳن سندي وات جي.

ڪئي سهڻي سيرن سوڳهي، جي اڇو اٿئي ته اچ،
ميهر مفت مرانءِ ٿي، آهي ويرن وارو وچ،
چوي ”سانگي“ آهيان سچ، واڳن سندي وات ۾.

***

بيت

ڏاڍا داٻ درياھ ڪي، ڏڏڪن تي ڏڏڪا،
ڪاري رات ڦھر جي، ۽ ڪنن جا ڪڙڪا،
اچي سڻ ”سانگي“ چوي، ڇولين جا ڇيڇڪا،
واھر ٿي ورڪا، نت ميھر مفت مرانءِ ٿي.

ڪاري رات ڪچو گھڙو، پاٽي مٿان تار،
منجھان سڪ ”سانگي“ چوي، ساھڙ وڃني سار،
پاٽھ ڪندئي پار، ڪڏي توکي ڪن مان.

ڪاري رات ڪن گھٽا سَوَ ڪوھين سج،
محبت مونکي ميھار جي، ماري ڪيو مج،
اکين واري اج، لھي لھندي ڪين ڪي.

موجن مٿان موج، موج وڏي مھراڻ ڪي،
”سانگي“ سڪ ساھڙ جي پليس مان سامان ڪي،
موت مھمان ڪي، ھاٿي منھن ۾ ميھر مان آھيان.

ميھر ڪر تون موت، توکي سھٽي ٿي ساري،
”علي گُلَ“ عشق ڪٿي آيس انھيءَ اتاري،
جنھن کي موت ماري، تنھن کي ڪڏي ڪير ڪن مان.

***

بيت

تون ڄام تماچي ڄام، آئون ميري مهاڻي،
ڪيئن ٿي نهان "سانگي" ڇوي مان راڄن ۾ راڻي،
اسين پر پراڻي، مڇيون روز ماريون.

سياري هاڻا سيءَ، مڇ وڏا ٻاريون،
"علي گُلَ" ڪنڌي ڪلهن تي، ڄار وڏا ڄاريون،
مڇيون روز ماريون، اُٿي اسر ويل جو.

اُٿي اسر ويل جو، ڄار ڪنڌي ڄاريون،
"سانگي" ڪٽون سڪ مان مٿي تي ڪاريون،
مڇيون روز ماريون، پنهنجي پيٽ گذر لاءِ.

ڄام تماچي هٿ ۾، ڄار مٿس ڄاريون،
"سانگي" سمي سڪ ۾ مڇيون روز ماريون،
ڪڪيون ڪنيائين ڪاريون، نوريءَ صدقي نينهن جي.

تون سمون آهين سلطان، اسين مهاڻا مسڪين،
هينئڙي ڪي تسڪين، مڇيون روز ماريون.

مڇيون روز ماريون، لاءِ پنهنجي پيٽ گذر،
سينگاريون، سهڻيون، گنڊيون، شوق منجهان شاڪر،
مهاڻن تي مهر، ڪئي ڄام تماچيءَ تڙ تي.

****

بيت

پکين ۾ پکي گهٽا، پر ڪو پکي ٿيان،
پاليو هجان پيار جو جدا جهنگلين ڪان،
پڃري منجهه پيار ملي پوءِ پلي بند رهان،
پيا چگڻ لاءِ وڃن آئون بکيو پل هجان،
”علي گُلَ“ رڳو عشق جون بوليون پيو بوليان،
پيو ڏسي ڏوءُ ڪيان، مان صبح شام سڄڻ کي.

جنهن پر پرين پرچي، مون کي ڏسيو اها واٽ،
پايان ڪنٺا ڪولابا وٺان لاهوتاٽي لاٽ،
هير جي هنگلاج تي ذرم ذاربان ڳاٽ،
پانڌيئڙو پرينءَ جو آئون اچان پيو اڳواٽ،
لڳي ويئي لپاٽ، مون کي علي گُلَ ’سانگي‘ عشق جي.

اکيون عجيب تنهنجون، ڏاڍيون هن ڏکيون،
شوقيون وتن شڪار لاءِ برهه ۾ بکيون،
خون تني خوراڪ چاهه مان چکيون،
عجب چال ”علي گُلَ“ ڪنهن ڪان يار سکيون،
تلوار ڪان تکيون، نوڪان نگاهن جون لڳيون.

ڏس تہ منهنجا سپرين، مٿي ڪنڌ ڪٽي،
هيٺي هن حال جي ڪا اٽئي ڳڻ ڳٽي،
ڪسي دل ڪٽي وئين ڪو ڏاڙو يار هٽي،
”علي گُلَ“ سان آئين ڪيئي جيئن توکي آهي وٽي،
جاٽي ٽو ڏٽي، ناهي ننڊ ڪا نيڻن کي.

***

بيت

چوڏهين چڙهي چنڊ جيئن، اٿين منهن منور،
هزارين حيران ٿيا ڏيکيندي دلبر،
محبت ۾ مست ٿيا ڏسي سونهه جو سرور،
آهي 'علي' گُلَ اثر، منهنجي سڄڻ ۾ سبيل ڪر.

سالن ڪانپوءِ سڄڻ، مس مس لڌي سار،
اوچتو آيو هلي ڪري سورنهن ئي سينگار،
ڪهڙي ڪيان ڳالهه مان، ڪيا قرب قربدار،
دوداٿي ۾ ديدار، مون کي "سانگي" سڄڻ ڪرايا.

رُسڻ سکيو آن ڪنهن کان.. تون وينين يار رُسي،
منا موت تنهنجيءَ ۾ ڪيئي پوندا ڪونڌر ڪُسي،
ڳالهه ڪهڙي آ ڏس، ڏيانءِ سوري آئون سسي،
نتو سگهي ڏسي، توکي "علي گُلّ" مايوس منڙا.

پسي رومال پيو پلپل، نچوڙي نير ٿو هاريان،
رنيون اکڙيون رني آ دل، نچوڙي نير ٿو هاريان،
ڪنل آهيان نهوڙي وبون، نگاهون ناز وارن جون،
"علي گُلَ" ها اهي قاتل، نچوڙي نير ٿو هاريان.

***

بيت

چنڊ چوڏهينءَ رات جو، اپري ٿئين ٿو راس،
”علي گُلَ“ جي دلڙي، ڪرين ڇو ٿو اداس،
جهڙو تو لباس، پرين ڏنو آ تو ڪٿي.

تون چنڊ مان چڪور، ويٺو سڄي رات سڪان،
”علي گُلَ“ تنهنجي عشق ۾ ٻينو مور جيان نچان،
تون شمع مان پچان، پتنگ ٿي ٿو پيار ۾.

چوڏهين واري چنڊ ۾ چانڊاڻ تنهنجي آهي،
گلاب جي گلڙن ۾ سرهاڻ تنهنجي آهي،
”علي گُلَ“ عشق اندر ۾، واڪاڻ تنهنجي آهي.

چنڊ ڀي چانڊاڻ، توکان چورائي ورتي آ،
گل ڀي ڳاڙهاڻ، توکان چورائي ورتي آ،
خوشبوئن سرهاڻ توکان چورائي ورتي آ،
منڙا ماڪيءَ ۽ ميناڻ، توکان چورائي ورتي آ.

چنڊ جهڙو چهرو وري ڇاڻي اڪيون نہ ببيهہ،
ڪنڊڙيون ڪڪوريون سهڻيون ٿاهي اڪيون نہ بيهہ،
شوق منجهان شڪار لاءِ، اڇي ڪاهي اڪيون نہ بيهہ،
اهي لاٽي اڪيون نہ بيهہ، لالڻ منهنجي لنگهہ ٽي.

***

پيرين پنڌ ڪندياس

بيت

متان ڪرين ريس، عشق واريءَ ڪاھ تي،
ٻڌل ڏنم ڪيئي جوان، پير فاضل شاھ تي،
’علي گُلَ‘ سر ڪشي نہ ڪبي آ عشق تي پاڻيءَ تي باھ تي.

الله عاشقن جي خلقـي ذات خـواريءَ سان،
ڪي سـوليءَ ڪي سير ۾ ڪا ناهي بات باريءَ سان،
”علي گُلَ“ عاشقن جو آهي جهڙو رات ڪاريءَ سـان،
وڻ نانءُ زاريءَ سـان، سـجڻ جو سـجود ۾.

پهربان پيار ٿو ڪجي، ڪنهن بنا سوچ ويچار،
دل بہ ڏجي ٿي شوق سان ڪو ڪري قرب يار،
پتو پوي ٿو تڏهـن جڏهـن دلبر ٿئي ٿو ڏار،
پوءِ عشق جا آزار، مورڻون وڃن ٿا ڪين ڪي.

پڇتائي پڇتائيندين ڪيترو، لاتي دلبر سان دل،
انـئي پهر عـشق ۾ جليـون جان سميت جل،
’علي گُلَ‘ اج عـشق جي جهـٽ پـل ڪـا نہ جهل،
نہ مزو ڇاهي محبت جو هيءُ آهي ڇا اصل،
مر نہ ماڻهو مارني نہ بہ محبوب سان وڃي مل،
پيو صبح شام ڪل، توڙي سر تي اچني ”سانگي“ چوي.

***

بيت

هليو وئين حبيب تون، ڪري مون سان يار ڦڏو،
عشق ۾ ’علي گُلَ‘ چوي، ڪري جاني وئين جڏو،
آسرو هو وڏو، مونکي پرين تنهنجي پيار جو.

لوڪ رسيو ته گهوريو، پر رُسي نه ڪنهن جو يار،
ڏاڍو ڏکيو آ ’علي گُلَ‘ چوي عشق جو آزارُ،
پرينءَ سندو پيار، ڪنهن ڪان ڪسجي ڪين ڪي.

ويهان ان وچور ۾ سچو ڏينهن سوداءُ،
افسوس آ علي گُلَ، اڄ ڪونهي ڪاٿي لاءُ،
”سانگي“ سڪ ساءُ، ويو نڪري ساري ملڪ مان.

سمجهه رک سياڻو ٿيءُ، مونسان سڄڻ پڻ سرچي،
’علي گُلَ‘ سان پيار ۾، پرين پڻ پرچي،
ڪر قرب ڪو اچي، ته مانڊايون من جون لهن.

رسڻ ڪم راڻي جو، مومل يي ڪيا وس،
پنهل پاند چني ويو، پر سسئي نه ڇڏيا گس،
ڏيو ”سانگي“ چوي ڏس، ڪيئين پرچايان پرينءَ کي.

***



پيرين پنڌ ڪندياس

بيت

وڃڻا هو ويا هليا، منهنجو تتو مقدر،
دوست بنا ديس ۾ هت کهڙو آ گذر،
"سانگي" سوا سڄڻ جي هي سڄو آ شهر،
عجيب نہ آ علي گُلَ اڄي ڪانڻ مونکي گهر،
دوست نہ ساڳيو در، جو دلبر جو ديدار ٿئي.

وساري ويهي رهين، تون تہ وڃي يار يڪو،
نڪي آئين پاڻ تون نہ ماڻهو ڪو مڪو،
نڪي قاصد قرب جو نہ خط لکيئي ڪو،
الائي ڇو علي گل ڪان وتين لالڻ ٿو لڪو،
منهنجو ملهہ ٽڪو، آهي سوا تو سڄڻ جي.

ڪاهي نہ پئو عشق ۾، ائين هوش وڃائي،
هن برهہ ڇڏيا ٿي ڪيئي، بادشاهہ پلائي،
ڇڏيون عشق رلائي، راڻيون ڪيئي رڻ ۾.

دل کي سمجهاءِ تہ سمجهي ڪانہ ٿي،
جيئن جهل تيئن جهلجي ڪانہ ٿي،
'علي گُلَ' پلجي ڪانہ ٿي، توڙي پرين ٿيس وس ڪان پري.

نہ ڪر کهاند عشق سان، بيلي ٻري تون وبندين،
عشق نہ مرندو آ ڪڏهن مري تون ويندين،
سڙي تون ويندين، چوي "سانگي" انهيءَ سور ۾.

***

بيت

وسري وڃ وسري، توکي وسارڻ ٿو گهران،
حق جيئڻ منهنجو به آهي، جيءَ جيارڻ ٿو گهران،
پاڻ مارڻ ٿو گهران، پر موت به مونکان آ پري.

چگي ناهي چگي، اها رسڻ واري ريت،
’علي گلَ‘ سانگيءَ سان نڀاءِ پيارا پنهنجي پريت،
تنهنجي آهي جيت، هاريو مون هاريو پرين.

مولا ڏيئندءِ حياتي، اٿئي دعائون منهنجون يار،
سُکيو هوندين سنتابو، هوندين ڏکن کان ڏار،
هجن ڏک هزار، علي گلَ "سانگي" اسان وٽ.

حبيب هلي آءُ تون، وبا ويڙهي دل کي وهم،
’علي گلَ‘ کي عشق ۾، ڏنا ڏاڍا تو زخم،
ڪري پنهنجا ڪرم، اچي مل ته مانڊائي لهي.

فراق آ ڦري وڌو، ڪيو قرب آ قابو،
’علي گلَ‘ عشق ڪٺي ويو، دودائيءَ مان دادو،
ڪري جاني ويو جادو، جو مانجهند ۾ مران ٿو.

***

بيت

سيني وصفين سهڻو، وري سهڻا ڪرين سينگار،
غضب اکڙيون اوهان جون 'علي گُلَ' لاءِ آزار،
ڇــهــري جي ڇــوڏار، وار وڇائــي تو ڇڏيا.

ڪــسي دل ڪــٽي وئين، ڪري هٿ ڪس،
ايندي ويندي 'علي گُلَ' سان ڪري وڏا ڇڏيئي وس،
هاڻي توسان چس، رهندي ڏينهن قيام تائين.

وسي ٿو وڏ ڦڙو اڄ ساوڻ ساري منڊ،
'علي گُلَ' ڏينهن ٽيڻ ۾، باقي گهڙيون چند،
برسات ٿئي بند، پوءِ وڃجانءِ پنهنجي ماڳ تي.

تڪڙ نہ ڪر ترسي پئہ، راڻا مون وٽ رات،
'علي گُلَ' چــوي پــئي آ اڃان آڌي رات،
بند ٿئي برسات، پوءِ وڃجانءِ پنهنجي ماڳ تي.

لڏن لاميون لوڏن ســـان، پپــر ۾ پينگهہ،
مـــيڙا مـــتـا مـــاڳ تي، نينهن ڏني نينڊ،
"سانگي" سڏيا سينڊ، ماڳين موٽي منڊ آ.

ويسلــو نہ ٿجــانءِ يار، متان وڃهني پلاٽي،
'علي گُلَ' عشق امانت ٿئي، رکجانءِ لوڪان لڪائي،
مــولا مــلائي، الائي يا نہ وري توســان پرين

٭٭٭

بيت

پرينءَ سنڌي پار ذي، وچ اڏري تون پنڪ،
سانگي" سارا ڏک، وڃي اور عجيب سان.

گذري ويا سال، رڳو ڏک ئي ڏک،
سڄڻ سارا سک، آءُ وري ورائي وجهون.

جوين جهوري وڌو، جاني تنهنجي جُڪَ،
برهه واري ٻُڪَ، وئي وڪوڙي وجود کي.

ويئي ويني وات تي، سڙي ٽيس سڪَ،
اجان چا جا لِڪَ، لڙي آءُ لالڻ تون.

سرُ ڏئي سرهو ٿيءُ 'علي گُلَ' اقرار تي،
پڌَورو ٿيءُ پيار تي، لڪي ليڻا نہ پاءِ تون.

موهي دل منهنجي وڏي مرڪڻ سان منار،
ڪلي ڪيڻن ڪيڪار، "سانگي" سڪ سوري وئي.

محبت آ ماري ڪيو، منيءَ هاٽو ڍير،
عشق پاتو پير، سُڪَ "سانگيءَ" ڪان ويا.

عجيب تنهنجي عشق. اڇي جلوا جوش اٿاريا،
'سانگي' سينگاريا، سوليءَ تي سرويچ سي.

***

جيڏي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488